
ڪهاڻيون
ارپڻ ڪان رهجي ويل
محبت
'وفا' صالح راڄپر

# ارڙ ڪان رهجي ويل محبت

(ڪهاڻيون)

وفا صالح راڄپر

سرسوتي ساهت گهر، ڏوڪري
2017ع

**ڊجيٽل ايڊيشن:**
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو : آرپڻ ڪان رهجي ويل محبت
موضوع : (ڪهاڻيون)
ليکڪ : ”وفا“ صالح راڄپر
ڇاپو : پهريون، سال 2017ع
ڳاڻيٽو : هڪ هزار
ڇپائيندڙ : سرسوتي ساهت گهر ـ ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو

مُلهہ : 150 روپيہ

ڪتاب گهرائڻ ۽ رابطي لاءِ:
عيسيٰ ميمڻ
E_mail: essa.memon1985@gmail.com
(هي ڪتاب ”عيسيٰ ميمڻ سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري پاران ڪراچي مان ڇپرائي ڏوڪريءَ مان پڌرو ڪيو)

# ارپنا:

پنهنجي پياري ڀينرن
**عائشه ۽ روبينه**
جي نانءِ
جن جو پيار مون لاءِ سدائين
ٻڙ جي گهاٽي ڇانوري جيان رهيو آهي
۽
سندن محبتون سدائين مون لاءِ.....
امام ضامن وانگر رهيون آهن.

**"وفا" صالح راڄپر**

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”**ارپڻ ڪان رهجي ويل محبت**“ اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب **وفا صالح راڄپر** جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

پورهيت گهر ۾ جنم وٺندڙ ”وفا“ صالح سنڌي ادب جو اهو پورهيت لکاري آهي جنهن آنجهيءَ توڙي مانجهيءَ تخليقي پورهيو پئي ڪيو آهي. هن وٽ سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ لاءِ جيڪو درد آهي، اهو درد ئي هن کي متحرڪ رکندو پيو اچي. چاڪاڻ ته درد جو رشتو عظيم رشتو هوندو آهي، جتي ڪيترين ئي ڪهاڻين جا زنده ڪردار هوندا آهن جيڪي ”وفا“ صالح راڄپر جي ڪهاڻين ۾ اهي ڪردار امر بڻجي ويا آهن.

محمد صديق مڱيو لکي ٿو:

”وفا صالح تخيلقڪارن جي ان قبيلي مان آهي، جيڪي لکڻ ۾ جئدان ڳوليندا آهن. لفظن جا ڏنگ ۽ سِٽن جا صدما سهندا آهن. ذات ۽ ڏانءُ ڪين پنهنجي پناهه جون پڪيڙيل ٻانهون آڇيندا آهن. قلم انهن لاءِ اهڙو ڪلهو هوندو آهي، جنهن تي ڪنڌ رکي، لفظن جا سُڏڪا ڀريندا آهن. هو اهڙو ذات ڏٺي آهي، جيڪو لکڻ لاءِ لکي ٿو، لکڻ سندس جياپو آهي.“

هي ڪتاب **سرسوتي ساهت گهر، ڏوڪريءَ** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري عيسيٰ ميمڻ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## سٽاءُ:


اداري پاران

ليکڪ جو مختصر تعارف — ادارو

پنهنجي پاران — ليکڪ

مهاڳ — محمد صديق منگيو


## ڪهاڻيون:


سُريت

سيما

نيڻن ۾ سجايل خواب

رکوالي

ارپڻ کان رهجي ويل محبت

اجازت

ٻہ جريب

ڪارو ڏاڳو

پهريون پيار

ڪاري

اوجاڳو درد ۽ راتيون

اکيون ۽ عشق

ترن جو تيل

# اداري پاران

سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري جو هي ويهون ڪتاب آهي، جيڪو وفا صالح راڄپر جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو آهي.

هونئن سنڌي ڪهاڻيءَ جو سفر سنڌي سماج سان شروع ٿئي ٿو. ڪهاڻي ۽ سماج هم عمر رهيا آهن. اها ڪهاڻيءَ جي قدامت داستانن کان شروع ٿي جديد ڪهاڻيءَ تائين سفر ڪري پهتي آهي. اڄ سنڌي ڪهاڻي پنهنجي سمورين فني ۽ فڪري خوبين سان عروج تي آهي. ”پنهنجي زميندار جي ڳالهه“ کان وفا صالح راڄپر جي ”چڪلو“ ڪهاڻي تائين سنڌي ڪهاڻيءَ سنڌي سماج جي زبردست ترجماني پئي ڪئي آهي. اوهان جي هٿن ۾ وفا صالح راڄپر جي ڪهاڻين جو ڪتاب ”ارڙ ڪان رهجي ويل محبت“ يقينن اوهان جي لائبريريءَ ۾ هڪ خوبصورت ڪتاب جو اضافو هوندو. ڇاڪاڻ ته پورهيت گهر ۾ جنم وٺندڙ ”وفا“ صالح سنڌي ادب جو اهو پورهيت لکاري آهي جنهن آنجهيءَ توڙي مانجهيءَ تخليقي پورهيو پئي ڪيو آهي. هن وٽ سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ لاءِ جيڪو درد آهي، اهو درد ئي هن کي متحرڪ رکندو پيو اچي. ڇاڪاڻ ته درد جو رشتو عظيم رشتو هوندو آهي، جتي ڪيترين ئي ڪهاڻين جا زنده ڪردار هوندا آهن جيڪي ”وفا“ صالح راڄپر جي ڪهاڻين ۾ اهي ڪردار امر بڻجي ويا آهن. هن جي ڪهاڻين ۾ انهن ڪردارن جي دردن جي عڪاسي ٿيل آهي جيڪي ڪردار سماج جا ڏکويل ڪردار آهن ۽ نظر انداز ڪيل ڪردار آهن. اسان کي خوشي آهي ته سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري پاران وفا صالح راڄپر جي ڪهاڻين جو ڪتاب اوهان تائين پهچايو آهي، جيڪو يقينن اوهان وٽ گهربل مان ضرور ماڻيندو.

ادارو

**سرسوتي ساهت گهر**

ڏوڪري/ لاڙڪاڻو

تاريخ: 03_02_2017

پنهنجي پاران:

# ڪهاڻي منهنجي محبوبہ آهي

مون پنهنجي لکڻ جي شروعات شاعريءَ کان ڪئي، شاعريءَ کانپوءِ ڪهاڻيون، مضمون، ڪالم، اپياس ۽ خاڪا پڻ لکيا. پر ادبي حلقن ۾ منهنجي جيڪا سڃاڻپ ٿي، اها هڪ ڪهاڻيڪار طور ٿي. مان نٿو سمجهان تہ سنڌ جو اهڙو ڪوبہ رسالو يا ڪوبہ ڪهاڻي نمبر هجي، جنهن ۾ منهنجي ڪهاڻي ڇپيل نہ هجي.

مون جڏهن تاج بلوچ جي نگرانيءَ ۾ نڪرندڙ سوجهري رسالي ۾ مسلسل ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون تہ سوجهري منهنجي ڪهاڻيءَ واري سڃاڻپ کي اڃان وڌيڪ مضبوط ۽ سگهارو بنائي ڇڏيو.

سال 2015ع ۾ جڏهن نثري نظمن تي مُبني ڪتاب ”دردن ڦولاريا ڦول“ ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو تہ ان ڪتاب تي مون کي ايتري پذيرائي ۽ مڃتا ملي جو ان ڪتاب منهنجي ڪهاڻيڪار واري سڃاڻپ کي جڙ تہ دز چاڙهي لَتي ڇڏي. انهيءَ سال ۾ ٻيا تہ الائي جي ڪيترا ڪتاب ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيا هوندا پر اهو مان دعويٰ سان چئي سگهان ٿو تہ جيترو منهنجي نظمن واري ڪتاب تي لکيو ويو، ايترو شايد ئي ڪنهن ٻي ڪتاب تي لکيو ويو هجي.

مون شروع کان ٿوري پر معياري لکڻ کي ترجيح ڏني آهي. پوءِ اهو نثر وارو پاسو هجي يا نظم وارو پاسو هجي، مون کي پهرين ڪتاب تي لکت ۾، فونن، خطن ۽ ميسيجن ذريعي جيڪا پذيرائي ۽ مڃتا جو داد ۽ تاج مليو ان جو بيان مان ڪيئن ۽ ڪهڙن لفظن ۾ ڪريان...!؟ لفظ بہ پريشان آهن تہ ساڳي وقت لفظن سان گڏ مان بہ پريشان آهيان. هن ڪهاڻي ڪتاب تي مهاڳ لکڻ وقت سائين محمد صديق منگيي جي ذهن ۾ د جي ڪينواس تي اڃان تائين منهنجي پهرين شاعريءَ واري ڪتاب جا رنگ اثر انداز آهن. هُو اڃان تائين منهنجي ڪتاب جي سحر مان پاڻ کي ڪڍي نہ سگهيو آهي. اهو اثر، اهو تاثر، اهو سحر هن ڪهاڻي ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڪر ڪنيون بيٺو آهي.

مون اهو سوچيو بہ نہ هو تہ مون کي پنهنجي ادبي پورهئي تي ايترو داد ۽ مڃتا ملندي. مان تہ ان خوف ۾ وڃڻ ويڙهيءَ جيان وڪوڙجي ويو هيس تہ ڪٿي اها مڃتا، اهو درد مون کان منهنجي لکڻ واري حِس ڪسي نہ وٺي......!

شاعريءَ تي مون کي ڀيل ڪيتري بہ مڃتا، ڪيتري بہ پذيرائي ۽ ڪيترو بہ داد ملي پر مان ڪهاڻيءَ کان پنهنجو اتڪيل پاند، اتڪيل ساهہ ڇڏائي نٿو سگهان. ڪهاڻي جيڪا رڳو ڪتاب ۾

رسالي ۾ ڇپجڻ لاءِ ڪهاڻي نه آهي، پر ڪهاڻي منهنجي زندگي ۽ بندگي به آهي. ڪهاڻي منهنجو ساهه ۽ ويساهه به آهي، ڪهاڻيءَ سان منهنجو جنون جي حد تائين پيار ۽ محبت آهي، ڪهاڻيءَ سان منهنجو اهڙو گهرو تعلق ۽ عشق آهي جنهن کي موت به چاهي ته ڌار نٿو ڪري سگهي. موت ڪانپوءِ به منهنجو ڪهاڻيءَ سان عشق هن ڪتاب ذريعي زنده، شاد ۽ آباد رهندو.

مون دل ۾ خيال ڪري ڪڏهن ويهي ڪهاڻي ناهي لکي، مون ڪڏهن انگ وڌائڻ لاءِ به زوريءَ ڪهاڻي ناهي لکي، مون ڪڏهن لکڻ لاءِ ڪهاڻيءَ سان زبردستي به ناهي ڪئي ۽ نه ئي وري ڪهاڻيءَ ڪڏهن مون کي لکڻ لاءِ زبردستي ڪئي آهي. مون وٽ جڏهن به ڪهاڻي آئي ته مور جيان رقص ڪندي آئي آهي، ڪنوار جيان سينگارجي ۽ سنوارجي آئي آهي ۽ پوءِ جڏهن هڪ سچي عاشق جيان ننهن کان چوٽيءَ تائين ان کي ڏسندو آهيان، ته پوءِ ڪهاڻي پاڻ مون سان ڳالهائيندي چوندي آهي ته، ”ڏس ....! هاڻ مان توکي وڻان ٿي نه ....؟، ڏس! مان ڪيڏو نه سينگارجي سنوارجي تنهنجي دل ۽ نيڻن جي آڳر تي رقص ڪندي لٿي آهيان. هاڻ تون پل مون کي قلم جي نوڪ سان پنهنجي لفظن ۾ محفوظ ڪري ڇڏ. منهنجي سونهن، سينگار ۽ رقص کي پنهنجي سِٽن ۾ سمائي ڇڏ.“

ڪهاڻيءَ سان، بي پناهه عشق هئڻ ڪري مان خود ڪهاڻي بڻجي ويو آهيان، پر منهنجي ڪهاڻيءَ ۾ ڪٿي به خوشي ناهي؟ ڪٿي به مور جهڙو رقص ناهي؟ ڪٿي سونهن ۽ سينگار ناهي؟ جيڪڏهن آهي ته رڳو مفلسي آهي، اڪيلائپ آهي، ڏک ۽ ڏولاوا آهن. اذيتون، تڪليفون، پوڙهائون، درد ۽ پيڙائون آهن. زندگيءَ ساٿ نه ڏنو ته پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجي ڪهاڻي ضرور لکندس. هن جنم ۾ نه لکي سگهيس ته ٻئي جنم ۾ ضرور لکندس.

انگريزي ادب جي نامياري مترجم هيري ايولنگ (Harry Aveling) چواڻي ته، ”ڪهاڻي اظهار جو اهڙو نفيس ذريعو آهي، جنهن ذريعي پنهنجو پاڻ کي سمجهڻ سان گڏوگڏ آس پاس جي ماحول کي پڻ پرجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي/ ڪري ٿو.“ مون پنهنجون ڪهاڻيون پنهنجي جيءَ ۾ پاتل جهاتين سان گڏوگڏ آس پاس جي ماحول کي پڻ نظر ۾ رکي ڪري لکيون آهن.

منهنجي ڪهاڻين ۾ جنس، سيڪس جو موضوع ڪجهه سرس رهيو آهي ۽ مون تي پڻ اگهاڙپ جا الزام به لڳندا رهيا آهن. پر مون ڪڏهن به انهن کي ليکي ۾ نه آندو آهي. منهنجون اهڙي قسم جون ڪهاڻيون جڏهن ادبي رسالن ۾ ڇپجڻ لڳيون ته انهن ڪهاڻين تي سنڌي ٻوليءَ جي نامياري ڪهاڻيڪار محمد صديق منگيي پنهنجي راءِ ۾ لکيو هيو ته ”ڪهاڻيءَ ۾ جنس ۽ سيڪس جو اظهار شهواني نه پر جمالياتي هئڻ گهرجي، اهڙو اظهار جيڪڏهن پڙهندڙن جذبات اُڀارڻ بدران ڪردار جي مظلوميت کي پڌرو ڪرڻ وارو يا ڪهاڻيءَ جي اڻتر گهرج مطابق آهي ته خراب ناهي هوندو. سنڌي ادب

۾ اهڙيون ڪوڙ لاجواب ڪهاڻيون لکيون ويون آهن. امر جليل جي ”سرد لاش جو سفر“، غلام نبي مغل جي ”ريشمي وار“، ”گٽس“، علي بابا جي ”گرف جو تيج“ ۽ ٻيون ڪهاڻيون شامل آهن. وفا صالح راڄپر جون ڪهاڻيون خوبصورت آهن. ڪهاڻين ۾ جنس، سيڪس جو اظهار فطري ۽ ڪهاڻيءَ جي گهرج مطابق آهي، خراب نٿو لڳي. وفا جون اهي پلوڙڪهاڻيون آهن.“

معاشري جي غليظ ترين موضوعن کي بہ ڪهاڻين ۾ خوبصورت انداز ۾ بيان ڪرڻ ائين هوندو آهي جيئن ڪو ڪنول ڪني ۽ گندي پاڻيءَ مان ڪڍي ڪنهن وينگس جي ريشم جهڙن ذلفن ۾ لڳائڻ. ائين ڪرڻ سان لازمي طور تي ڪِنُ، گندگي بہ پلئہ پوندي. وينگس ۽ ان جهڙيون ٻيون شخصيتون بہ ناراضگيءَ جي باهہ ۾ تہ ساڙينديون. اهڙا ڪم ڪرڻ تي نتيجن ڀوڳڻ جي بہ سگهہ ۽ ان سان گڏوگڏ بلند حوصلو بہ گهرجي ٿو.

منهنجون ڪي ڪهاڻيون اهڙيون بہ آهن جن منهنجي جان جوکي ۾ وڌي هئي ۽ مون کي وڏي مشڪلاتن، تڪليفن ۽ اذيتن کي منهن ڏيڻو پيو. منهنجي ڪهاڻين مون کي جيڪا تڪليف ڏني، انهيءَ تڪليف جي درد منهنجي اندر جي ڪهاڻيڪار کي خاموشيءَ جو لباس پارائڻ بجاءِ همت، جُرئت ۽ حوصلو ڏنو ۽ لکڻ واري سگهہ کي اتساهہ ڏنو. اُهي ڪهاڻيون مون هن ڪتاب ۾ شامل نہ ڪيون آهن. اُهي ايندڙ ٻي ڪهاڻي ڪتاب جي انتظار ۾ آهن. هن ڪتاب ۾ شامل منهنجون ڪهاڻيون رڳو منهنجي پنهنجي تصوير ناهن. پر اردو جي مهان ۽ عظيم ڪهاڻيڪار منٽو چواڻي تہ، ”ادب هڪ فرد جي پنهنجي زندگيءَ جي تصوير ناهي، جڏهن ڪوئي اديب، ليکڪ، قلم کڻي ٿو تہ هو پنهنجي گهريلو معاملن جو روزنامچو نٿو لکي. پنهنجي ذاتي خوشين، رنجشن، بيمارين ۽ تندرستين جو ذڪر نٿو ڪري، ان جي قلمي تصويرن ۾ گهڻو ممڪن آهي تہ ڳوڙها ان جي ڏکايل ڀيڻن جا هجن، مسڪراهٽ اوهان جي هجي ۽ ٿڪ هڪ خستہ حال مزدور جا هجن.“

اهڙا ڪيترائي رنگ قلم جي برش سان مون پنهنجي ڪهاڻين ۾ پئنٽ ڪيا ۽ چٽيا آهن. منهنجي ڪهاڻين جا ڪردار ڪي ڏاريا ۽ اوپرا ڪونہ آهن. اُهي هن سماج سان جڙيل آهن. ڪهاڻي ”سيما“، ”اربڻ کان رهجي ويل محبت“، ”پهريون پيار“، ۽ ”نيڻن ۾ سجايل خوابُ“، منهنجي زندگيءَ سان ائين ٽاڪيل آهن جيئن ڪنوار جي رَئي تي ستارا ٽاڪيل هوندا آهن. مون پاڻ کي ننڍي ۽ وڏي، خراب ۽ سٺي ڪهاڻيڪار جي ڊوڙ کان تمام پري رکيو آهي.

مان بيحد ٿورائتو آهيان پنهنجي پيارن ۽ پنهنجي محسن سائين اخلاق انصاري جو جنهن پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي بيڪ ٽائيٽل فوراً لکي ڏنو ۽ سائين محمد صديق منگيي جو جنهن الاهي مصروفيتن هوندي بہ مون کي مهاڳ لکي ڏنو ۽ منهنجي هڪ هڪ ڪهاڻيءَ کي هڪ ماءُ جيان پيار ۽

پاڻوهه مان دل جي اکين سان ڏٺو ۽ پڙهيو آهي. مان ٿورائتو آهيان پنهنجي پياري دوست آدرش جو جيڪو ڪتاب جي ڇپائي بابت هر پل مون سان رابطي ۾ رهيو ۽ ڪجهه سِٽون به لکي ڏنيون. مان ٿورائتو آهيان پنهنجي پيارن عزيزن وزير راڄپر ۽ اسد الله راڄپر جو جن ڪتاب جي ڇپائي جي حوالي سان تعاون ڪيو. مان ايترو ئي ٿورائتو آهيان ڇهين درجي کان دوستي نڀائيندڙ پنهنجي پياري سنگتي عيسيٰ ميمڻ جو جنهن منهنجي ڪتاب کي پنهنجو ڪتاب سمجهي ڇپرائي مون کي هٿن ۾ اچي ڏنو ۽ لک قرب علي بخش پنهڙ جا، جنهن ڪتاب جا پروف چيڪ ڪري ڏنا.

منهنجيون اکيون ۽ منهنجي دل توهان پڙهندڙن جي راءِ جي اوسيئڙي ۾ اٽڪيل رهنديون.

**وفا صالح راڄپر**

وڏي وهٽي باڊهه

0348_0334656

0333_3670955

# مُهاڳ

ادبُ، قومن جي سڃاڻپ جو ساڪائتو حوالو هوندو آهي. سڄاڻ ۽ مهذب قومون عشق جي حد تائين پاڻ کي ادب سان واڳيل رکنديون آهن. اُهي پاڻ کي ادبي ڏارائن سان سلهاڙي نہ رڳو ادب جي جدت ۽ جلا کي سلامت رکنديون آهن پر ادب جي واڌ ويجھ لاءِ بہ پاڻ پتوڙينديون آهن. ان لاءِ وٽن پيڙهہ وِڇوٽيءَ واري ڪوڙي انا هوندي ئي ڪانهي. ادب جي ڪنهن بہ صنف جي بيهجي وڃڻ جي حد تائين گهٽجڻ تي فتوائن جا فائر ڇوڙي، وهاڻو سيراندي ڏيڻ بدران ڪارڻن جا پيرا کڻي، نہ رڳو ممڪنات پر ناممڪنات جي حدن تائين بہ ڪوششون ورتيون وينديون آهن.

ڪجھ سال اڳ، ڪئناڊا ۾ يورپ ۽ آمريڪا سميت مختلف ملڪن جي اديبن جي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي هئي. جنهن ۾ چوٽيءَ جا اديب شريڪ ٿيا هئا. ڪانفرنس جي هڪ نقاطي ايجنڊا هئي، تہ ڪهاڻي، جيڪا بنهہ گهٽ لکي پئي وڃي، ان کي ڪيئن بچائجي؟ هن ڪانفرنس ۾ رسمي ۽ روايتي احوال ڪٿي، ميار نہ لاٿي وئي هئي، نہ ئي سڪڻا فوٽو سيشن ٿيا هئا. وڏن اديبن ۽ ڏاهن ڪهاڻيءَ جي مري وڃڻ جي فتويٰ ڏئي، تڏو وڇائڻ جي ڳالهہ نہ ڪئي هئي نہ ئي پنهنجي دور جي ڪهاڻيءَ تي ليڪو ڇڪي "اڳتي مِڙئي اوندهہ" جا راڳ آلاپيا هئا. پر هنن مٿا جوڙ ڪري، ڪهاڻيءَ جو اوج ٻيهر موٽائڻ لاءِ ڳوڙهو ويچاريو هو اڳتي هلي ڪئناڊا جائي ڪهاڻيڪاره ايلس منرو کي ڪهاڻين تي مليل "نوبل پرائيز" بہ ان ڪانفرنس جي ثمرات جو حصو سمجهڻ گهرجي.

اهو سچ آهي، تہ يورپ ۽ آمريڪا سميت عالمي ادب ۾ ناول جي ٻلي ٻلي آهي ۽ ڪهاڻي پوهائين حال ۾ آهي، ايئن جيئن اسان وٽ سنڌي ۾، ڪهاڻي تہ بتدريج سٽائي سفر ۾ آهي، پر ناول بنهہ گهٽ پيو لکجي. اسان وٽ ناول جي صنعت کي جيارڻ لاءِ ڪي مُٺا هٿَ ئي هنيا وڃن ها، سو تہ گهوريو رهندو جيئري جاڳندي ڪهاڻيءَ لاءِ فتوائن جي اهڙي سنگ باري شروع ڪئي وئي، جنهن جو ڪو منهن مَٿو هئو ئي ڪونہ. انهن فتوائن ۾ نہ تہ اڄ جي ڪهاڻيءَ جو مطالعاتي پس منظر هو نہ ئي منطقي دليل. ڳنڍ ٻڌل فتويٰ هئي، جيڪا اڄ بہ ثواب خاطر موقعي محل سان ورجائي پئي وڃي.

صفا سُڄَ بہ تہ ڪانہ ٿي آهي نہ ئي تخليقي ادب مان ذات مري مُڄَ ٿي آهي. ڪهاڻيءَ جو سفر بيهجي تہ نہ ويو آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ جو منظرنامو ايترو مايوسيءَ وارو بہ تہ ڪونهي جو گوڏا اونڌا ڪري، جوٽون ويهي ڪُٽجن. سنڌي ادب ۾ اڄ بہ وڏي ۽ شاهڪار ڪهاڻي لکجي پئي. اڄ جي ڪهاڻيڪار وٽ ڪهاڻي بہ آهي، تہ ڪهاڻيءَ جو ادراڪ بہ آهي. وٽس تخليقي جوهر بہ آهي، تہ Vision بہ آهي. ڪٿي ڪا کوٽ آهي، تہ اڄ جي ڪهاڻيڪار جي حصي ۾ نقاد نہ آهي. ان هوندي بہ اڄ جي ڪهاڻيءَ ۾ ايترو دم خم ضرور آهي، جنهن سنڌي ڪهاڻيءَ جي اعليٰ روايتن کي مرڻ نہ ڏنو آهي.

اڄ جي سنڌي ادب جي تخيلقي ڪهڪشان ۾ جتي اخلاق انصاري، رسول ميمڻ، منظور ڪوهيار، لياقت رضوي، محمد علي پٺاڻ کان وٺي پير عبيد راشدي، منور سراج، امر لغاري، پروفيسر نصير ڪنير، انور ڪاڪا، ممتاز لوهار تائين ڪوڙ برجستا ڪهاڻيڪار موجود آهن. اُتي اڄ جي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نئون سَرهائي جوڳو تخليقي جوهر به دريافت ٿئي پيو. نوان ڪهاڻيڪار پنهجي تخليقي جوهر سان ڏيان ڇڪائڻ لڳا آهن. انهن ۾ انور شيخ، منظور ڪلهوڙو، حميد ابڙو، اختر حفيظ، يار محمد چانڊيو، عبدالسلام ٿهيم، حسيب ڪانهيو، رئوف ڪوسو، ذوالفقار گاڏهي، ’وفا‘ صالح راڄپر ۽ ٻيا ڪيترائي نئين خوشگوار تعارف سان پاڻ ڳڻائي رهيا آهن.

ڪهاڻي، انساني زندگيءَ جو عڪسُ ۽ اولڙو آهي ته پاڇولو به آهي. جيڪو انساني زندگيءَ سان گڏ گڏ سفر ڪري ٿو. ڪن پل لاءِ به ڌار نٿو ٿئي ان ڪري، ڪهاڻيءَ جي تاريخ به اوتري ئي پراڻي آهي، جيتري انساني ارتقا جي تاريخ. قابيل هٿان هابيل جو پهريون انساني قتل پَلي ڌرتيءَ جي پهرين ڪهاڻي نه به هجي، پر ڌرتيءَ تي موجود اوائلي انسان، هٿن جي ميڇن ۽ اشارن جي زبان ۾ جڏهن ٻئي انسان جو ڌيان ڪنهن وارتا جون اهڃاڻيون ڏئي ڇڪايو هوندو، ڪهاڻي ته هُن کان پنهنجو سفر رکيون پئي اڇي ۽ تيستائين لکي ويندي، جيستائين ڌرتيءَ تي هڪ به انسان جي موجودگيءَ جا اهڃاڻ سلامت هوندا.

ڪهاڻي لکڻ، اَڪ مان ماکي لاهڻ جيترو سَولو ڪم به ڪونهي. اهو تخليقي پورهيو آهي. رت جي لَپ ڏئي، ڏات ڏيئي کي روشن رکڻو ٿو پوي، تڏهن وڃي ڪو زندگيءَ جو سچو پچو عڪس تخليق جو روپ ٿو وٺي. ڪهاڻي، گهٽي کي ٿورڙي ۾ سموهڻ جو تخليقي ڏانءُ آهي. لفظن جي وڏي هجوم مان ڪارائتي نڪتي کي جهتي فني انداز ۾ پيش ڪرڻ. سنهي سيبي جهڙو ڏکيو ڪم آهي. ايئن، جو ڏنل وائنل شيءِ نئين ۽ نئين شيءِ ڏنل وائنل لڳي. مولانا ابوالڪلام آزاد هڪ خط جي جواب ۾ لکيو هو ته:”اڄڪلهه ڏاڍو مصروف آهيان، مختصر نٿو لکي سگهان.“

ڪهاڻي، ڏات جو ڪرشمو ته آهي ئي، پر ڏکاڻڪو هُنر به آهي، ان ڪري ته ڪهاڻي جتي تخيلقي تپسيا مان جنم وٺي ٿي، اُتي رمزي واهولي سان گهڙي به وڃي ٿي. گهڙيل ڪهاڻيءَ ۾ ته ليک جو گهڻو هَڏُ ڪونه ٿو اُلڙي، پر وجداني سطحن تي سرجندڙ ڪهاڻيءَ جو سڌو سنئون تعلق ڏات سان آهي ۽ ڏات ڏٽي پاڻ وهيڻو نه هوندو آهي. ڏات جا درياهه شاهه وارا ويرا آهن. ڪڏهن ٻوڙان ٻوڙ ڏڌڪا، ته ڪڏهن خالي پيٽ جون وارياسيون پاسراٽيون پيون ڏسبيون آهن. ايئن ڏات ديوي ماٺا ڪري، ته هفتن جا هفتا سِٽَ به نٿي سِرجي. پنن مٿان پين رکي آڱرين مان ٺ ّڪاءَ پيا ڪيائبا آهن. ڪڏهن، ته ڏات ديوي وجدان جي رَٿَ تي سوار ٿي ايئن اچي واسو ٿي ڪري، جو لکڻ جون ڪيفيتون مهربان ٿي اورگهور پيون وينديون آهن ۽ پوءِ جيئن درياءُ، مينهن جي چاري مان به وهي پوندو آهي، تيئن تخيل جا وهڪرا جاري ٿي ويندا آهن.

ايئن، ليک ۽ تخليقڪار به قلمي قبيلي سان لاڳاپيل هوندي به هڪٻئي کان گهڻو مختلف

هوندا آهن. هر تخيلقڪار تہ ليکڪ بہ هوندو آهي. پر هر ليکڪ تخليقڪار نہ هوندو آهي. ان ڪري، تہ ليکڪ تہ درخواستون لکڻ وارو اسٽامپ وينڊر بہ آهي، جيڪو هر درخواست ۾ ڪانہ ڪا ڪهاڻي لکندو آهي. اخباري رپورٽر بہ ليکڪ آهي جنهن جي هر خبر ۽ رپورٽ ۾ ڪهاڻي هوندي آهي. انهن ڪهاڻين ۾ وارتائون ۽ واقعا بہ هوندا آهن تہ منظر نگاري ۽ ڪردار نگاري بہ هوندي آهي. ڪردار بہ هوندا آهن، تہ مڪالما بہ هوندا آهن. اسلوبي رنگ بہ هوندو آهي، تہ بيان جي چاشني بہ هوندي آهي، پر ڪهاڻيءَ وارو تخليقي ۽ احساساتي رچاءُ نہ هوندو آهي. ليکڪ جي ذهن ۾ آڳرين جو پورهيو تہ هوندو آهي، پر احساسن جي ڇاڇول ۽ لفظن ۾ حرارت وارو ساهہ پساهہ نہ هوندو آهي.

تخيلقي ادب محسوسات جو جهانُ ۽ لفظن جي سائنس آهي ۽ لفظ ڪائنات جي نہ رڳو سونهن، پر جذبن ۽ احساسن جي ترجمانيءَ جي سگهہ رکندا آهن. تخليقڪار، ڀڪاسو جيان درد آشنا هوندا آهن، جيڪو ڏام تتيءَ، نِتهڻ اُس ۾ ويهي جڏهن سورج کي گلن جا چتر چِٽيندو هو تہ سندس تخليقون ساهہ کڻڻ لڳنديون هيون. تخليقڪار لفظن سان پيار ڪندا آهن ۽ لفظن سان پيار ڪرڻ وارا پوڳنائن جا درياهہ اُڪرندا آهن ۽ پوءِ ڏات جي ونڊ مان جيڪي ميڙي چونڊي پلئہ پوندي اٿن، اوجاڳن جي بند لفافن ۾ آڇيندا آهن. بنگال (بنگلہ ديش) جي ڪوي جسيم الدين چواڻي تہ:

”اوهين جڏهن خواب ۾ مدهوش هوندا آهيو. اسين مٽيءَ جي ڏيئن کي روشن ڪري، اوهان لاءِ لکندا آهيون. اسان جو فن ۽ ادب، اوهان جي زندگيءَ جو ساٿي ۽ رفيق ثابت ٿيندو.“

تخليقڪار جي اندر ۾ هڪ آرٽسٽ هوندو آهي، جيڪو سندس ڏات ۽ جمالياتي قدرن جو تعين وجداني سطحن تي ڪندو آهي ۽ پوءِ وجدان جي پاٽيءَ ۾ ڳوهيل مٽيءَ مان انسان زندگيءَ جي جذبن ۽ احساسن جا ڪومل ڳوئنچ ڦٽي، نئين تخليق جون واڏايون ڪري سگهندو آهي. تن آڱرين جي تيانگهہ تي قلم رکي لکڻ وارو هر ليکڪ نہ.

”وفا“ صالح تخيلقڪارن جي ان قبيلي مان آهي، جيڪي لکڻ ۾ جئدان ڳوليندا آهن. لفظن جا ڏنگ ۽ سِتن جا صدما سهندا آهن. ڏات ۽ ڏانءُ کين پنهنجي پناهہ جون پکيڙيل ٻانهون آڇيندا آهن. قلم انهن لاءِ اهڙو ڪلهو هوندو آهي، جنهن تي ڪنڌ رکي، لفظن جا سُڏڪا ڀريندا آهن. هو اهڙو ڏات ڏٽي آهي، جيڪو لکڻ لاءِ لکي ٿو، لکڻ سندس جياپو آهي. هو پنهنجي لکڻين کي آڪسيجن ٻڌائي جياپي جا اونها ساهہ کڻي ٿو. ائين، جيئن ثميره زرين هڪ انٽرويوءَ ۾ چيو هو تہ:

”ڪوئي لکي، ٻين تي احسان ڪندو هوندو. ادب تي، عوام تي، سماج تي، داد طلبڻ لاءِ مون کي اعتراف آهي، پنهنجي دل جي سمورين سچائين سان، تہ مان صرف ان ڪري لکان ٿي، جو مان لکڻ چاهيان ٿي.“

يا جيئن قمر شهباز کي لکيل هڪ خط ۾ امر جليل لکيو هو تہ:

”روز ڪاغذ ڪارا ڪندو آهيان. ڦاڙي ڇڏيندو آهيان. وري لکندو آهيان. لکڻ کان سواءِ منهنجي زندگيءَ جو ڪوبہ مصرف نہ آهي. مون اڪثر تمام سنجيدگيءَ سان سوچيو آهي، تہ لکڻ جي ڏات

(جنهن ڪي مانTalent of Exhimtion چوندو آهيان) مون ڪان ڪسجي ويندي، تڏهن مان خودڪشي ڪندس. جيئندس ته اهو حادثو ئي هوندو.“

”وفا“ جي شخصيت ۾ سندس تخليقي سُرت مون لاءِ اوپرا نه رهيا آهن. مون جتي سندس تخليقن کي پيار ۾ پرک وارين دل جي اکين سان پڙهيو آهي، اُتي سندس جيون باب به پيرا ڏئي پڙهيا آهن. شيخ سعدي چيو هو ته ”مون ڪجهه اهڙا غريب به ڏٺا آهن. جن وٽ پئسي کان سواءِ ڪجهه به ڪونهي.“ منهنجي نظر ۾ ”وفا“ پنهنجي فقيراڻي حال ۾ اهڙو تونگر آهي، جنهن وٽ پئسي کان سواءِ سڀ ڪجهه آهي. هونئن به زندگيءَ جي سچائين کي پرکڻ، پرجهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ڪيسن جو ڀرتو هجڻ نه، پر خالي هجڻ ضروري هوندو آهي. هو پنهنجي جيون جالاڻي ۾ به اوترو ئي سادو، سچو ۽ کرو آهي، جيترو پنهنجي تخليقن ۾ نظر اچي ٿو. هو ”ٻاهر ٻولي هنج جي، اندر ڪارو ڪانءُ“ واري ڪوفي قبيلي مان ڪونهي ۽ ماڻهپي جو معراج جو ان کان وڌو ٻيو ڪو حوالو ٿي نٿو سگهي.

اهو سچ آهي، ته هر ماڻهو ڪهاڻي آهي. ”وفا“ جي جيون ۾ جهاتي پائي ڏسبو ته هو پاڻ به ڪهاڻي آهي. ريئلزم ۽ سريئلزم جو سنگم اهڙي ڪهاڻي، جنهن ۾ پيڙا به آهي، ته رومانس به آهي. ٻرندڙ آڙاهه جهڙيون خارجي ڪيفيتون به آهن ته ڪنير جي دکندڙ آويءَ جهڙيون داخلي پاونائون به آهن. هن جي ساهه ساهه ۾ درد جون سانجهيون لٽل آهن ۽ اکين ۾ ڪرب جا لمحا قيد ٿيل آهن. هو پنهنجي وکريل خوابن کي ميڙڻ وارو اهڙو اڻ ٿانيڪو انسان آهي، جنهن جي جل ٿل جيون ۾ وڏي ۽ شاهڪار ڪهاڻي ساهه کڻي پئي.

”وفا“ ڪهاڻيڪار به آهي، ته شاعر به آهي. منهنجي ذاتي محسوسات موجب شاعري سندس جيون حساب سان پيچ ڪائيندڙ اهڙو کوڙو آهي، جنهن ۾ پاڇي نٿو بچي. هو نثر- نظم جو ناهوڪو شاعر آهي. اهو ئي سندس ادبي سڃاڻپ جو پهريون سگهارو حوالو به آهي. سندس نثري نظمن جو تازو ڇپيل ڪتاب ”دردن ڦولاريا ڦول“ سندس سگهارو ادبي تعارف آهي. جنهن ڪيس ادبي حلقن ۾ اهڙي مڃتا ڏياري آهي، جيڪا مڃتا جي رُڃ ۾ ڊوڙندڙ ڪيترن شاعرن کي نه ملي سگهي آهي. پر ڇاڪاڻ ته ڪيس زندگيءَ جي انيڪ صورتن جو شعور حاصل آهي ۽ زندگيءَ جي هاڪاري توڙي ناڪاري پاسن جو ڳوڙهو مشاهدو به رکي ٿو. ان کان سواءِ ڪهاڻيءَ جي فني ڪاڪ ڪلن جي چڱي موچاري ڄاڻ به رکي ٿو. ان ڪري هن زندگيءَ جي صورتن جي وائکي ۽ دل گهري کول لاءِ ڪهاڻيءَ جي چونڊ ڪئي آهي.

فيصلو غلط به ڪونهي، ان ڪري ته هن پنهنجي ذات ڏيئي سان ادب جي ٻنهي پاسن کي روشن رکيو آهي. شاعريءَ ۾ خيال کي ۽ ڪهاڻيءَ ۾ خيال کان وڌيڪ آرٽ کي اهميت هوندي آهي ۽ ”وفا“ ان جو ادراڪ رکي ٿو. جتي سندس شاعراڻي تخيل جي اُڏام، سُن ٿي ويل سرين ۾ حرارت جون لهرون اُڀارڻ جي سگهه رکي ٿي، اُتي ڪهاڻين ۾ آرٽ جي ڇهاءَ سان ذهن کي اُٿل وهيڙو ڪرڻ جي خوبي محسوس ڪري سگهجي ٿي. آءٌ پاڻ به ڪهاڻيڪار آهيان. ڪهاڻيءَ جي ظاهري ۽ اندروني حُسن جي جيڪا ٿوري گهڻي پرک ۽ پروڙ رکان ٿو ان آڌار تي مون کي سندس ڪهاڻين تي پيار اچي ٿو. پر سچ

اهو بہ آهي، تہ سندس شاعري بہ منهنجي من جي تارن کي ڇيڙي ڇڏيندي آهي. مون لاءِ هن جا بہ ئي ادبي پاسا ساڃي ۽ ڪاڀي اک جيان آهن. هڪ اک ٻي اک کي ڏسڻ جي قدرت ڀلي نہ رکندي هجي، پر ٻنهي اکين مان جاري ٿيندڙ جوت جو اُهاءُ گڏ گڏ هڪ ئي مرڪز ڏانهن سفر ڪري ٿو. ”وفا“ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ گهڻو ڪجهہ هئڻ جي هامَ ڀلي نہ بہ هڻي، پر هو لئيءَ مان لٺ ٺهي، پاڻ کي گهڻو ڪجهہ سمجهڻ وارن گهڻن کان گهڻو ڪجهہ سگهارو ۽ برجستو ڪهاڻيڪار آهي. هن وٽ فن بہ آهي، تہ فن جي پاسداري بہ آهي.

تخليقي ادب اهڙي ٻُرڪيءَ وانگر هوندو آهي، جيڪو تخليقڪار کي آسپاس جي سچائين جو ادراڪ بخشيندو آهي. اهي سچايون اصل ۾ ڪنهن تخليقڪار جي تخليقن جو محور بہ هونديون آهن تہ مرڪز بہ. اسين جنهن ايڪويهين صديءَ ۾ ساهہ تڳايون پيا، اها عمل ۽ رد عمل جي صدي آهي. سنڌ سميت سموري دنيا سياسي ۽ معاشي بُحران ۽ دهشتگرديءَ جي ٻڙڏڪ جي ور چڙهيل آهي. عالمي سامراجي طاقتون، جديد دور جي نَون فريبن ۽ ڪريبن مان غلاميءَ جا نوان ريشمي ڳَٽ وجهڻ جي ڪوشش ۾ آهن. غربت جي لڪير کان هيٺ ڪرندڙ انساني زندگيءَ جون سطحون ڇڙوڇڙ ٿي، ويڳاڻپ جي حدن کي ڇُهڻ لڳيون آهن. سنڌي مديني واسي بک، بيماري، بيروزگاري، بدامني ۽ وسيلن جي ڦرلٽ وارين حالتن جي جن ڪربلائن مان گذرن پيا، انهن حالتن ۾ ڏسڻو آهي، تہ اڄ جو تخليقڪار، پنهنجي عهد کي ساڻ کڻي، اجتماعي شعور وسيلي، حقيقتن جي ڪول ڪيئن ٿو ڪري؟ وقت ۽ تاريخ جي سچائين اڄ جيڪي ذميدارين جا بار ذات ڏڻين جي ڪلهن تي اُڇلايا آهن. ان حوالي سان ”وفا“ سميت اسين سڀ علائقائي ليکڪ آهيون. ادب جو نوبل انعام ماڻيندڙ ناول نگار وليم فاڪنر جا ناول آمريڪا جي ميسيسپي علائقي جي پسمنظر ۾ لکيل آهن. ان حوالي سان انگريزيءَ جي انتهائي معتبر رسالي ”پيرس رِويو“ وارن هڪ انٽرويوءَ ۾ ڪانئس سوال ڪيو تہ، ”ڇا اوهان کي علائقائي ليکڪ سمجهيو وڃي؟“ ان جي جواب ۾ هن وراڻيو هو تہ، ”دنيا جا سڀ ليکڪ علائقائي آهن. جيڪو نيويارڪ جي پسمنظر ۾ لکي ٿو اهو بہ علائقائي آهي، جيڪو پيرس جي پسمنظر ۾ لکي ٿو اهو بہ علائقائي آهي.“

”وفا“ حساس هردو، سڄاڻ ذهن ۽ ڪهاڻيءَ جي فني ڄاڻ رکندڙ ڪهاڻيڪار آهي. سندس فڪري ۽ تخليقي معيار ڪهاڻيءَ کي اڳتي وٺي ويندڙ آهي. هن ٿورو لکيو آهي پر سٺو لکيو آهي. هونئن بہ ميجتا گهڻو لکڻ سان نہ، پر چڱو ۽ معياري لکڻ سان ملندي آهي. سگهاري ۽ معياري تخليق پاڻ ميڃائيندي آهي. هو سماجي حقيقت پسند ڪهاڻيڪار آهي. سندس ڪهاڻيون، سماج جا اولڙا آهن. سماج جي وَهي واپريءَ جا اُهي ڏکوئيندڙ ڏيک ۽ منظرناما، جيڪي سياسي مدارين، سماجي ڏنڊوڙين ۽ مذهبي نوڳين، خدا جي ٻي پهچ، هيٺن بندن جي وَهيءَ ڪاتي ۾ لکئي جو ليک ڄاڻائي ٿوڦي ڇڏيا آهن، سندس ڪهاڻين جا موضوع آهن. هن جي اندر جو آرٽسٽڪ اکيون انهن منظرنامن کي ڪيئن ٿيون ڏسن؟ حساس هِردو، انهن جو اثر ڪيئن ٿو قبول ڪري؟ ۽ پوءِ سندس تخيلقي جوهر ان کي آرٽسٽڪ

انداز ۾ ڪيئن ٿو اظهاري؟ اهو اسلوبي رنگ وٽس پنهنجو آهي. ڪنهن ڪان اڌارو ورتل نہ آهي.

هو لفظن جي حُرمت ڄاڻي ٿو ان ڪري لفظن جي خرچ ۾ هَٿ ڇوٽ ڪونهي. هو ڪهاڻيءَ کي ربڙ وانگر اينگهائي اجائي طوالت ڏيڻ جو قائل نہ آهي. ڪهاڻيءَ جي پڪيڙ موضوع ۽ ڪردارن جي گهرج آهر رکي ٿو. ان ڪري سندس ڪهاڻيون پنهنجي تَر ۽ بَر ۾ درزيءَ جي ويتيل وڳي وانگر فِٽ هونديون آهن.

هن سماج جي ڪهاڻين جا ڪردار هن وانگر سادا ۽ سِڌا سنوان فليٽ آهن. هو ڪردارن کي گهڙي نٿو، انهن جا بي جان بوتا ڪهاڻين ۾ فِٽ نٿو ڪري، پر جيئن جو تيئن پنهنجي ماحول مان ڪڻي ٿو. هو ڪردارن کي واقعن جو اڻ ٽٽ حصو بڻائي، ڪهاڻيءَ سان ايئن هم آهنگ ڪري ٿو جو پڙهندڙ جڏهن انهن ڪردار سان ملي ٿو تہ ڪردارن کي پنهنجو تعاف ڪرائڻو نٿو پوي. اُهي ڪهاڻيءَ جي تهن مان نڪري، ايئن سامهون اچن ٿا، جو ڏٺل وائٺل ۽ ڄاڻو سڃاڻو لڳن ٿا.

هن ڪهاڻي ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻين جي موضوعاتي وِرڇ کي آڏو رکي ”وفا“ تي موضوعاتي ورجاءَ جي آڱر کڄي سگهي ٿي. موضوعاتي ورجاءَ تي ڏات جا لونگ ڦوٽا هارڻ کو وڏو ادبي ڪم بہ ڪونهي، جو ان جي واکاڻ ويهي ڪجي. پر کو وڏو ادبي گناهہ بہ تہ ڪونهي. جڏهن موضوع ساڳيا ئي آهن، تہ پوءِ ورجاءُ تہ اوس ٿيڻو ئي آهي، پر اهو ورجاءُ اهڙو تخيلقي ۽ هنرمنديءَ وارو هئڻ گهرجي، جنهن ۾ موضوع جي هڪجهڙائي هوندي بہ ڪا نيارپ ۽ نواڻ محسوس ٿئي. پراڻي موضوع کي نواڻ جو ڪو اڻ ڇُهيو رُخ ۽ پهلو بہ ملي. منهنجي خيال ۾ پراڻي موضوع تي ساڳئي انداز ۾ ساڳين نتيجن ۽ نبيرن سان ڪهاڻي لکڻ، سکڻي پاڻيءَ ولوڙ کان اڳتي ڪجھ بہ ناهي. اهو نہ رڳو وقت جو زيان، پر ڏات ۽ تخيلقي جوهر کي ضايع ڪرڻ برابر آهي. ڪردارن جي ڦيري سان موضوع جي اڻ ڇُهيل پاسن کي اُجاگر ڪري نوان نتيجا ڏيڻ ضروري آهن. جمال ابڙي، ڪارو ڪاريءَ جي موضوع تي ”سينڌ“ جهڙي شاهڪار ڪهاڻي لکي. ان ڪانپوءِ ساڳئي موضوع تي مختلف انداز ۽ نتيجن جي ڦير گهير سان ڪوڙ ڪهاڻيون لکيون ويون. تازو ان موضوع تي انور شيخ ”درد جو انگاس“ ڪهاڻي لکي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪاري ڪري ماري ويندڙ ناري ”حياتان“ جي ڪردار کي جنهن نئين رُخ سان پيش ڪيو ويو آهي، اهو نہ رڳو موضوعاتي نواڻ، پر موضوعاتي حُسن بہ بڻجي پيو آهي.

هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻين ۾ گهڻيون ٽيون رومانس جي موضوع تي لکيل آهن، پر هو ليکو ڪُنڊڻ واري موضوعاتي ورجاءَ کان پاڻ بچائي، نواڻ پسنديءَ جو مظاهرو ڪري ٿو. ان ڪري سندس ڪهاڻين جا نبيرا بہ ڌار ڌار نظر اچن ٿا. ٽي ڪهاڻيون ”ڪاري“، ”بہ جريب“، ۽ ”ڪارو ڌاڳو“ (ڪارو ڪاري) جي موضوع تي لکيل آهن. پر هر ڪهاڻيءَ ۾ موضوع ۽ نئين رُخ ۽ پهلوءَ جي کول ۽ نواڻ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

هو توڙي جو سماجي حقيقت پسند ڪهاڻيڪار آهي، پر اها بہ رومانس ڪوٺيڊ آهي. رومانيت جو عنصر مٿس گهڻو غالب نظر اچي ٿو. هن سماجي حقيقت پسندي کي رومانس سان گڏ پيش ڪرڻ جي

ڪوشش ڪئي آهي. رومانس وڏو انقلابي لاڙو آهي. ان جي تعريف ۽ تشريح پيار کان گهڻو اڳتي ويندڙ آهي. پيار جي معنوي الفي، رومانس جي انيڪ ويسن مان محض هڪ ويس آهي. پيار، "وفا" جي جيون جو اساس آهي. ان ڪري ڪهاڻيءَ جو موضوع "سريت" سندس اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن کي سماجي حقيقت نگاري ۽ رومانس جو موضوعاتي سنگم چئي سگهجي ٿو. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ سماجي حقيقت کي رومانس جي ٿڌن مٺن جذبن سان رَلائي ايئن پيش ڪيو ويو آهي، جو نه رڳو ڪهاڻيءَ جو اصل موضوع بنا ڪنهن ڇيهو رسڻ جي نيشانبر ٿي پيو آهي، پر رومانس جي ڇايا ۾ سماج جي نظر ۾ اڻ وڻندڙ ڪردار "ڪونج" سان ڏڪار بدران همدردي ٿيڻ لڳي ٿي. ڪهاڻيڪار جي اهڙي روش، ڪنهن نقاد جي تنقيد جي جهپيٽ ۾ به اچي سگهي ٿي. پر پيشڪش جو انوکو ڍنگ ۽ ڪردار نگاريءَ جو ڍنگ ئي ته آهي، جو ڪونج، جهڙي ڪردار جي سماجي اوٽائي به سماج جي ڪاتي ۾ داخل ٿي، سماجي مجبوري بڻجي ٿي وڃي ۽ مٿس پيار اچڻ لڳي ٿو. اهڙو ڍنگ گهٽ ڪهاڻيڪارن جي حصي ۾ ايندو آهي.

هن ڪتاب ۾ شامل احساساتي ڪهاڻي، جنهن منهنجو گهڻو ڌيان ڇڪايو. موضوعاتي نيارپ رکندڙ ڪهاڻي "اربڻ کان رهجي ويل محبت" پنهنجي تر، بر ۽ اثر ۾ خوبصورت ۽ ڀرپور اينٽي ڪلائمڪس ڪهاڻي آهي. ڪهاڻي پڙهندڙ کي پنهنجي اثر ۽ سحر ۾ وڪوڙي، ڇيچ مان پڪڙي پاڻ سان گڏ گڏ ڪٽي هلي ٿي ۽ ڇرڪائيندڙ پڄاڻيءَ تي اوچتو ڇيچ ڇڏي، پڙهندڙ کي سوچن جا ٽُبَ ڏئي ٿي ڇڏي. سني ڪهاڻيءَ جي خوبين مان هڪ وڏي خوبي اها به هجي ٿي.

"نيڻن ۾ سجايل خواب" ڪهاڻيءَ ۾ "وفا"جي مضبوط گرفت ۽ تخليقي جوهر ڏسڻ وٽان آهي. هن ڪهاڻيءَ جي ڪلائمڪس وارا جملا ڪهاڻيءَ جو عرق ۽ روح به آهن، ته حُسن به آهن، ته حسين به آهن. ڪهاڻيءَ جي سموري عمارت انهن جملن تي آڌاريل آهي. ڪهاڻيءَ جي پڄاڻيءَ مان جيڪو نتيجو ۽ ميسيج پڙهندڙ ڏانهن وڃي ٿو اهو سنڌ جي نوجوان نسل جي بيروزگاريءَ جي ڏائڻ هٿان مرندڙ ٽيلنٽ جو تخليقي نوحو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ جيڪا ڪاٽ محسوس ٿئي ٿي ۽ تخليقي طنز چيت وانگر چيڻ لڳي ٿي، ان ۾ جتي سنڌ جي نوجوانن جي ذهني فرسٽريشن کي هنرمنديءَ سان سمايو ويو آهي، اُتي سنڌ ۾ رائج عوامي ۽ جمهوري راڄ تي اهو تاريخي تبرو به آهي، جيڪو سنڌ جي لڱ لڱ هر گهر ۾ ورجايو پيو وڃي. هن ڪهاڻيءَ ۾ سچ ته "وفا" سنڌ جي نوجوانن جي ڪرب کي محفوظ ڪري، ڪرنٽ تاريخ جو حصو بڻائي ڇڏيو آهي.

"پهريون پيار" ڪهاڻيءَ ۾ ٿورن لفظن جي خرچ سان نِج نِيار ڳوناٽي پيار جي اهم فلسفي کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. مرداڻي مٿيرائپ واري سنڌي زرعي سماج ۾ عورت کي پيار ۾ کهڙين آزمائشن ۽ مجبورين جا اوڙاهه پار ڪرڻا ٿا پون. توڙي جو هوءَ پنهنجي زندگيءَ جي فيصلن ۾ آزاد ۽ خودمختيار نه رهي آهي، پوءِ به ڪيس پهريون پيار ساري ڄمار ساهه سيباٽو رهندو آهي. اها نڪاح جي سماجي معاهدي ۾ جسماني طرح ٻيلي ڪنهن جي ٿي وڃي، پر سندس روح، اخلاقي حدبندين ۾

رهندي بہ پنهنجي فيصلن ۾ آزاد ۽ خودمختيار هوندو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ عورت جي ان نفسيات کي ڀرپورتا سان آندو ويو آهي.

تخيلقڪار ماءُ جيان هوندو آهي، جيئن امڙ کي پنهنجو پيٽ ڄڻيو اولاد مِٺو هوندو آهي، تيئن تخيلقڪار بہ پنهنجي تخليقن سان اڻ ميو پيار ڪندو آهي. "وفا" ان خيال ۾ جذبي کي ڪٽي ڪهاڻي "اوجاڳو درد ۾ راتيون" جو موضوع بڻائي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. هيءَ ڪهاڻي هڪ غريب شاعر جي پنهنجي شاعراڻي ڏراوت ۾ نور پورهئي سان ميڙيل پُونجي (شاعري) سان اڻ مٽي فطري پياري ۾ لڳاءَ کي نروار ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. ان کان سواءِ اديب ۽ قلمڪار جهيڙي ۾ اٽپوري روشنيءَ ۾ راتيون اکين ۾ ڪٽي، پنهنجي ڏک سور پاسي تي رکي، جن جي جيون سان لاڳاپيل ڏک، درد ۽ پيڙائن کي پنهنجي تخليق ۾ نروار ڪري ٿو انهن جا ساٿس رويا ڪهڙا آهن. غلام قوم جي غلام ذهنن جي ان نفسيات کي بہ هن ڪهاڻيءَ ۾ پڌرو ڪيو ويو آهي.

ڪهاڻي "اجازت" ان حوالي سان ڀرپور آهي، تہ هن ڪهاڻيءَ ۾ روايت پٽي کان هٽي ڪري، جتي حقيقت جو اظهار آهي، اُتي حقيقت مان تبديليءَ ڏانهن مثبت اشارو بہ ڏنو ويو آهي. سنڌي سماج ۾ ريتن رسمن جي نالي ۾ جتي نياڻين کي رڍن، ٻڪرين جيان ڳن مان وٺي ڏيڻ وٺڻ جو رواج عام آهي. جتي نياڻين کي مُڇ جي وار جيتري بہ اهميت نٿي ڏني وڃي، اُتي هڪ ڪمزور نياڻيءَ کي اڏولتا سان سماجي بغاوت جي علامت بڻائي، تبديليءَ جو سگهارو ميسيج ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

"ڪارو ڏاڳو" ڪهاڻيءَ جو موضوع توڙي جو نئون ڪونهي، پر ڪهاڻيءَ جو نبيرو اهڙو تہ جاندار ۽ آرٽسٽڪ آهي، جنهن روايتي موضوع کي بہ نواڻ جي سگهہ ڏئي ڇڏي آهي. جرڳا ڪري، غريبن جي نياڻين تي ڪاريءَ جون فتوائون مڙهڻ وارن جي پنهنجي گهرن جي چوديوارين ۾ جڏهن اهڙيون ڪاريون جنم وٺنديون آهن، تہ اهي تهمتن ۽ فتوائن جي سنگ باريءَ ۾ سنگسار نہ ٿينديون آهن پر ڪارا بي دريافتا پنهنجا سر وڃائيندا آهن. هن ڪهاڻيءَ ۾ درجابنديءَ وارن اهڙين ٻٽن معيارن جي ڪول ڪئي وئي آهي.

"ٻہ جريب" ڪارو ڪاريءَ جي موضوع تي پلوڙ ڪهاڻي آهي. ڪاراڻ جي تهمت جي اوٻاري مان اُبريل غيرت جو پاڻي، زمين جي ٻن جريبن جو ڪاتو ملڻ تي، ڪيئن نہ ڪوساڻ ماري ٺڏو گهڙو بڻجي ٿو وڃي؟ جو نہ رڳو سماجي ڏوهہ ثواب بڻجي ٿو وڃي، پر ڪارو بہ کير جهڙو اڇو اُجرو بڻجي ٿو پوي. هن ڪهاڻيءَ جو تاڃي پيٽو ۽ ڪهاڻيڪار جو موقف، اصل ۾ سنڌ ۾ ڪارو ڪاريءَ جي هٿ وٺي وڏايل لعنت جي پٺيان جيڪي اصل مڪروهہ مقصد هجن ٿا، ان کي وائکو ڪندڙ آهي.

"رکوالي" ڪهاڻيءَ ۾ ٽريٽمنٽ جي انوکائپ ۽ اظهار جي بي ساختگي ڏسڻ وٽان آهي. چوڪرات وهيءَ مان جوانيءَ جي مست حدن کي ڇهندڙ جوانڙن جي جنسي خواهشن جي پورائي واري تڙپ کان وٺي، سندن وهيءَ واري فطري ڇڙواڳ گفتگوءَ تائين ڪردار نگاري ۽ منظرنگاريءَ جي مدد سان جيڪو ماحول جوڙيو ويو آهي، اهو فطري آهي. ان ۾ هتراد ويا ٻاهران مڙهيل ڪا بہ مداخلت نہ آهي.

مرداڻي متڇرائپ واري سماج ۾، مردن ۽ عورتن لاءِ ڌار ڌار معنائن ۾ رائج آهي. پيار ڪي مرد جنهن معنيٰ ۾ پاڻ سان لاڳو ڪن ٿا، ان پيار ڪي ساڳي معنيٰ ۾ پنهنجي نياڻين سان لاڳو ڪرڻ ڪي نہ رڳو عزت ۽ غيرت جو مسئلو پر ڪبيرو گناهہ بہ سمجهن ٿا. مرد، پراوا ڪڪ لتاڙي، پرائي نياڻيءَ ڪي ڀڄائي ڪٽي اچڻ ڪي پيار پرڻي جو نالو ڏين ٿا، پر نياڻي رڳو ڪنهن جو نالو بہ زبان تي آڻي تہ ڪاري بڻجي وڃي ٿي. "وفا" جي هيءَ ڪهاڻي "ڪاري" ان ڏپاري سوچ ڪي پڌرو ڪندڙ پلوڙ ڪهاڻي آهي.

"سيما" خوبصورت اينٽي ڪلائمڪس ڪهاڻي آهي. اڻ اظهاريل معصوم محبت جي ڪومل ۽ تاسارن جذبن جي ترجماني ڪندڙ پرپور احساساتي ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻي ۾ پيار جي انهن سمورن احساسن ڪي سهيڙي، جنهن هنرمنديءَ سان ڪلائمڪس جو حصو بڻايو ويو آهي، اهو پرپور آهي. ڪهاڻي، سسپنس جو ويڙهو ويڙهيندي ڪاميابيءَ سان ڇر ڪائيندڙ پڄاڻيءَ ڪي پهچي ٿي.

ايئن، "اڪيون ۽ عشق"، "محبت" ۽ "تِرَن جو تيل" بہ رومانس ۽ سماجياتي موضوع تي پلوڙ ڪهاڻيون آهن. ڪهاڻين جي موضوعاتي تاڃي تہ ساڳي آهي، پر پيٽيءَ جي اُڪلاءَ جا ڇِٽَ ڌار ڌار آهن.

"وفا" جو هي تخليقي پورهيو سندس نثر جي پهرين مراد آهي. سندس ڪهاڻيون تخليقي حُسن رکن ٿيون، پر اجان ڪيس تخليقي تپسيا مان گذري، ڪهاڻيءَ جي روح تائين وڌيڪ رسائيءَ لاءِ جهاڳڻو آهي. ان ڪري، تہ تخليقي پورهئي سان ادب ۾ ميتا ماڻڻ جيترو ڏکيرڙو ڪم آهي، ان کان وڌيڪ ڏکيو ڪم ان سڃاڻپ ڪي برقرار رکڻ هوندو آهي. آءٌ پڪ سان چئي سگهان ٿو تہ هو پنهنجي ٿميءَ جو اهڙو ڪهاڻيڪار آهي، جنهن مان اُميدون واڳي سگهجن ٿيون. منجهس اُهي سموريون تخليقي اهڃاڻيون موجود آهن، جيڪي ڪنهن ڪهاڻيڪار ڪي نمايان مقام ڏيارڻ ۾ مددگار بڻجي سگهنديون.

دُعائون، جهليل ٻُڪن ۽ چوريل چپن جون محتاج نہ هونديون آهن. اُهي، تہ اندر جي انت اونهائين مان ٻاڦ بڻجي بي اختيار اُٿنديون آهن. "وفا" لاءِ اهڙين دعائن جي دري منهنجي مَنَ ۾ بہ آهي، جنهن ڪي ڪڙو ڪُنڊو تہ پري، ڪو تاڪُ بہ ڪونهي. انهن غير مشروط دعائن مان هڪ دعا اها بہ آهي، تہ شل هن جي اکين جا اوجاڳا سڦلتا ماڻين، هو ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ بہ اها ميتا ماڻي، جيڪا ڪيس شاعراڻي پورهئي ڏني آهي.

**محمد صديق منگيو**

سڪرنڊ

18_12_2016

# ڪهاڻيون

# سُريت

”هان، هي وٺ پيسا، تون هاڻي وڃين سگهين ٿي.“ مون پنج سَوَ جا ٻه نوٽ هن ڏانهن وڌائيندي چيو.
”پاڻ وٽ رک مون کي پئسن جي ضرورت نه آهي.“ هن وکريل وارن کي درست ڪندي، مرڪي چيو.
”پر، ڇو..........؟“ پئسن وارو هٿ اڃان هنڌانهن وڌايل هو.
”بس، چيو نه، پئسا پاڻ وٽ رک“ ڇپن تي وکريل مرڪ گهري ٿي وئي هئي.
”آخر ڇو........؟ ان ڏينهن به پئسا نه ورتئي ۽ اڄ به ......!“ منهنجي لهجي ۾ حيرت هئي.
”ها، اڳتي به نه وٺنديس پئسا“ اکين ۾ اکيون وجهي ورانئيائين.
”ته، پوءِ ....! تنهنجو گاڏو ڪيئن هلندو؟“ ٽڏو ساهه کڻي چيم
”ان جو ڏوراپو توکي ڪونه ڏينديس“
”مون جهڙا ٻيا به ته گراهڪ هوندئي نه .......؟“
”ها هڪ ئي هيو. ان کي به ڪلهه جواب ڏئي ڇڏيو.“
”ڇو......!؟“
”اهو ته مان به نٿي ڄاڻان، بس ........!“ هن جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.
”بس، ڇا .........؟“
”جڏهن کان توسان ملي آهيان، ٻيو ڪو وڻي ئي نٿو“
”پوءِ، ته هي پيسا وٺڻا ئي پوندا.“ مون زور ڀريو.
”اهو ٿي ئي نٿو سگهي.“
”پر ڇو.......!؟“
”مون کي رڳو تنهنجي ضرورت آهي. زندگي جي ضرورتن لاءِ نوڪريءَ جي پگهار ئي ڪوڙ آهي.“
”ڪهڙي نوڪري اٿئي؟“
”اسپتال ۾ نرس آهيان.“
پئسا هٿ ۾ ئي هئا، ڇوڙڻ لاءِ ڪجهه بچيو ئي نه هو. هُن ڪپڙا جون سپ واهون بند ڪري ڇڏيون هيون.
مرڪي مون ڏانهن ڏٺائين پئي ۽ خماريل لهجي ۾ چيائين:
”ٻڌ .......! تنهنجو نالو ڇا آهي؟“
”توکي منهنجي نالي جي به خبر ناهي ڇا......؟“
”توکان ڪڏهن پڇيو به ته ڪونهي“
”ته پوءِ اڄ اوچتو نالي پڇڻ جي ڪهڙي ضرورت پيش آيئي؟“
”بس ائين ئي دل چيو.“

”آءُ صابر آهيان، دوست پيار مان صابو چوندا آهن.“

”صابو..........!!!؟“ منهنجي بگڙيل نالي واري ڳالهه ڪيس سُٺي نه لڳي.

”ها، صابو....!“

”آڌ نالي وٺڻ سان توکي ڪاوڙ ناهي لڳندي؟“

”نه، ڪڏهن به نه“

”ڇو.....!؟“

”ان ڪري، ته اُن ۾ دوستن جو پيار شامل هوندو آهي.“

”يلا!، آون توکي ڪهڙي نالي سان سڏيان؟“

”توکي جيڪو سنو لڳي.“

”ته، پوءِ مان به توکي تنهنجي پيار واري نالي سان ”صابو“ سڏينديس.“

”مون کي ڪوبه اعتراض نه هوندو. ها، پنهنجو نالو ته نه ٻڌايئي؟“

”منهنجو نالو ڪُونج آهي.“

”واهه....! سچ، ته آهين به جهڙي ڪونج.“

”ريئلي .........!“ هوءَ ڪنول جي گلن جيان ٽڙي پئي.

”ها، ها، ريئلي“

هوءَ پنهنجي سونهن جي واکاڻ جي سحر ۾ گم ٿي وئي. ڪجهه ساعتن ڪانپوءِ اونهو ساهه کڻي چيائين:

”صابو............؟“

”هُون .............!“

”هڪڙي ڳالهه پڇانءِ؟“

”ها، پڇ.“

”مون ٻڌو آهي ته تو اجان شادي ناهي ڪئي ڇو......!؟“

”دل ۾ آيو ته ڪوڙ هڻي چوانس، ته مان شادي شده آهيان. پر الائي ڇو هن سان سچ ڳالهائڻ جي همت نه ڪري سگهيس. ڪوڙ ڳالهائيندي وراڻيم. ”ها تو ٺيڪ ٻُڌو آهي، مون اجان شادي نه ڪئي آهي.“

”ان جو ڪو خاص ڪارڻ.....؟“

”زندگيءَ سان لاڳاپيل ڪجهه اهڙيون ڳالهيون به هونديون آهن. جن جي سبب جا پر ڪٽيل هوندا آهن.“

هوءَ سُري منهنجي پرسان ٿي ويٺي ۽ پوءِ ڪنڌ منهنجي ڪُلهي تي رکي خماريل لهجي ۾ چيائين.

”اڄ الائي ڇو؟ توسان ڳالهيون ڪرڻ تي دل گُهري ٿي.“

”ڪچهريءَ لاءِ شاديءَ ڪانسواءِ ٻيا به ته ڪوڙ موضوع ٿي سگهن ٿا؟“

”ڇو؟ شاديءَ جو موضوع توکي سنو نٿو لڳي ڇا....!؟“

”نه، مون ائين ڪٿي چيو؟“
”پوءِ ٻڌائين ڇو نٿو؟“
”ڇا ٻڌايان .....؟“
”اهو ئي ته اڃان تائين شادي ڇو نه ڪئي اٿئي؟“
”جنهن سان زندگيءَ ڪان به مٿانهون پيار ڪيو اها منهنجي ٿي نه سگهي. ان ڪان پوءِ دل جي اها سڪٽي ڪُنڊ پرجي نه سگهي آهي.“
”جنهن سان پيار ڪجي، ان کي حاصل به ڪري سگهجي، اهو ضروري به ته ناهي.“
”ها، اهو سچ آهي پر دل جا فيصلا دليلن جا محتاج نه هوندا آهن.“
”صابو...! تنهنجي دل جي سڪٽي ڪنڊ پرجي به ته سگهي ٿي؟“
”اها اڻ ٽيٽي آهي، ڪونج“
”پيار جي نصاب ۾ اڻ ٽيٽي جو لفظ آهي ئي ڪونه. تون چاهين، ته اهو ممڪن آهي.“
”ڪير آهي، جيڪو اڻ ٽيٽي کي ٽيٽي ۾ بدلائي سگهي؟“
”مان ......!“ هن جي لهجي ۾ اعتماد هو. صابوءَ چرڪي ڏانهنس ڏٺو سندس چهري تي لازوال مرڪ هئي. صابوءَ ڪا به ورندي نه ڏني، ان ڪان اڳ هن ٻيهر ڳالهايو.
”صابو .....! مان توسان اڻ ميو پيار ڪريان ٿي. منهنجي پيار ۾ اها شڪتي آهي جا تنهنجي اندر جي مايوسين کي پيار جون خوشيون ارپي سگهي ٿي.“
”ڪونج...! تون انڌاري غار ۾ ٽپو ڏئي جذبات ۾ پاڻ کي وڃائڻ جي ڪوشش نه ڪر.“
”صابو......! منهنجو فيصلو اٽل آهي. زندگي تنهنجي پيار تان گهوري، ته به پاڻ کي ڀاڳ وارو سمجهنديس.“
”ڪونج مان ويران ڪنڊر آهيان، توکي جيون جي ڪا به خوشي ڏئي نه سگهندسُ.“
”مان ان ويران ڪنڊر کي پيار جي قلوازيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏينديس.“
”مان، پوءِ به انڪار ڪري ڇڏيان، ته ........؟“
”ته، پوءِ منهنجو فيصلو به ٻڌي ڇڏ. مان به ڪنهن سان شادي نه ڪنديس. ساري ڄمار نڪاح جي ٻن ٻولن ڪان سواءِ تنهنجي سُريت ٿي گذاري ڇڏينديس.“
هو سوچ جي سمنڊ ۾ سُن ٿي ويو. هن سوچيو پئي، ته ڪا عورت چاهت ۾ ان حد تائين به وڃي سگهي ٿي. ڪونج جي ڳالهائڻ تي هن چرڪ ڀري ڏانهنس ڏٺو.
هن چيو پئي:
”ڇا پيو سوچين، صابو...............!“
”ڪجهه به نه ......! ڪونج مون کي سوچڻ ڏي.“
”مون سوچي ڇڏيو آهي، تون ڀلي سوچ. فيصلو ڪهڙو به ڪرين، پر هڪ ڳالهه ياد رکجانءِ تون منهنجو

آهين، صرف منهنجو..........!“

هوءَ ٽپ ڏئي اُٿي ۽ پاڪر ۾ پيري ڳل تي گرم چُمي ڏئي ڪمري مان ٻاهر نڪري وئي.

موڪل جو ڏهاڙو هو، ناشتو ڪري، چانهه سان گڏ اخبار جون سرخيون پئي پڙهيم ته ڪال بيل وڳي.

اخبار ٽيبل تي رکي دروازو کوليم ته منهنجو گهاٽو دوست راشد هو.

”اوهه، راشد تون ........! آهين ڪٿي يڪو گم ٿي وئين؟“

”ها، صابو......! اندر به وٺي هلندي يا دروازي تان ئي روانو ڪري ڇڏيندين؟“

”ها، ها .....! ڇو نه؟ اچ، اچ .....!“

راشد، جنهن جي چهري تي سدائين مايوسين جا ٻارنهن پيا وڄندا هئا، اڄ ڏاڍو خوش ۽ سرهو پئي لڳو.

خوشي سندس چهري مان ڦاٽ ڪائي ٻاهر پئي آيس، ڪيس ائين ٻهڪندو ڏسي ڪانئس پڇيم:

”ڏي خبر، اڄ ڏاڍو خوش پيو لڳين؟ اصل ڪپڙن ۾ ئي نه پيو ماپين؟“

”ها، يار....! اڄ واقعي به ڏاڍو خوش آهيان.“

”نوڪري ته ڪانه ملي اٿئي؟“

”نه يار، نوڪري نه پر ڇوڪري ملي اٿم.“

”ڇا، اها ئي ڇوڪري جنهن جو ذڪر اڪثر ڪندو آهين؟“

”ها، صابو....! اها ئي ڇوڪري“

”پر، هُن ته توسان ڳالهائڻ به پسند نٿي ڪيو، ته پوءِ شادي لاءِ ڪيئن راضي ٿي؟“

”هوءَ، ته اڃان به راضي نه آهي.“

”ته پوءِ.......؟“

”ڇوڪريءَ جا مائٽ راضي ٿيا آهن.“

”ڇوڪري پڙهي ٿي يا ..........؟“

”نه، نوڪري ڪندي آهي.“

”پوءِ ڪڏهن ٿو ملائين؟ مان به ته ان صورت کي ڏسان، جنهن اسان جي يار جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون آهن.“

”ڪڏهن ڇو؟ اڄ ئي ٿو ملايان توسان.“

هن يڪدم پاسي واري کيسي مان پوسٽ ڪارڊ تصوير ڪڍي مون ڏانهن وڌائيندي خوشيءَ مان چيو:

”ڏس، صابو.......! چوڏهينءَ جو چنڊ ۽ سونهن جو سمنڊ اٿئي.“

تصوير ڏسي منهنجي پيرن هيٺان زمين ڇڏائجي وئي. تهُ سياري ۾ به پگهر ۾ شل ٿي ويس. هي ته سونهن جو اهو سمنڊ هو جنهن جي ساهن جي خوشبوءِ اڃان تائين منهنجي ڪمري مان نه وئي هئي.

**

# سيـمـا

هوءَ نہ رڳو منهنجي ڀيڻ ياسمين جي دل گُهري ساهيڙي، پر اسان جي پاڙيسري بہ آهي. وچولي گهراڻي سان تعلق رکندڙ سيما هڪ شريف گهراڻي جي پڙهيل لکيل، سُگهڙ، سنجيده مزاج رکندڙ ڇوڪري آهي. رنگ گورو، ڪتورا نيڻ، پورو پُنو قد بت، لباس ۾ سادگي ۽ سليقو ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڏيرج ۽ شائستگي. هوءَ منهنجي ڀيڻ سان گڏ ڪاليج ۾ پڙهندي آهي. ڪاليج کان پوءِ گهر جي ڪم ڪار ۾ ماءُ جو هٿ ونڊائڻ کانپوءِ جيڪو وقت بچندو اٿس، ياسمين سان گڏ گذارڻ لاءِ اسان جي گهر هلي ايندي آهي. ٻنهي گهرن جا پراڻا واسطا ۽ تعلقات آهن، ان ڪري ڪيس اسان جي گهر ۾ ڪابہ اوپرائپ محسوس نہ ٿيندي آهي.

مان ادب سان لاڳاپيل ڪهاڻيڪار آهيان ۽ هوءَ ادب جي سٺي پاڙهو آهي. خاص ڪري سٺي ڪهاڻي يا شاعري سندس ڪمزوري آهي. جڏهن بہ ڪهاڻي يا شاعريءَ جونئون ڪتاب خريد ڪري ايندو آهيان، تہ پڙهڻ لاءِ گهر کڻي ويندي آهي. مزاج سان نهڪندڙ هوندس، تہ رات ۾ پڙهي ٻئي ڏينهن نہ رڳو ڪتاب موٽائي ڏيندي، پر ان تي تبصرو بہ ڪندي آهي. جڏهن بہ ڪا نئين ڪهاڻي لکندو آهيان، تہ ڇپجڻ کان اڳ پڙهي وٺندي آهي.

جڏهن کان منهنجي گهر واري نصرت ، پهرئين ويم دوران پُٽ کي جنم ڏئي، پنهنجي پُٽ ۽ مون کان مُنهن موڙي وڇڙي وئي آهي، تڏهن کان مان اندران ئي اندران پڃي پُري پيو هوس. نصرت جي وڇوڙي کي اٺ مهينا گذري ويا هئا، پر مان اجان تائين پاڻ کي ان صدمي مان ٻاهر ڪڍي نہ سگهيو هئس. صدمي جي ان ڪيفيت ۾ مون کان لکڻ پڙهڻ ڇڏائجي ويا هئا. مون کي صدمي جي ان ڪيفيت مان ڪڍڻ لاءِ سيما ڀرپور ڪوشش ڪندي هئي. منهنجو گهڻو خيال رکڻ لڳي هئي. ان خيال کان، تہ مان پاڻ کي مصروف رکڻ لاءِ ٻيهر تخليقي دنيا ڏانهن موٽي اچيان. ايئن سيما سان احساس جو رشتو جڙي ويو هو. هن جي آٿت جهڙي ورتاءَ ڪري مان ٻيهر تخليقي دنيا ۾ موٽڻ لڳو هئس. انهن ڏهاڙن ۾ هڪ ڪهاڻيڪار دوست مون ڏانهن ڪهاڻين جو مسودو مهاڳ لکڻ لاءِ ڏياري موڪليو هو. دل نہ چاهيندي بہ لکڻ لاءِ هڪ سبب پيدا ٿي پيو هو.

ڪهاڻين جو مسودو پڙهي، نوٽس وٺي، مهاڳ لکڻ وينس، اجان ابتدائي سِٽون مَس لکيم، تہ سيما ڪمري جي ٻيڪڙيل دروازي کي کولي ڇيو. "وسيم مان اندر اچي سگهان ٿي؟"

"ها، سيما.....! ان ۾ پڇڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟" مون پين، پنن مٿان رکي وراڻيو.

"وسيم...! سچ، تہ توکي ايئن لکندي ڏسي، ڏاڍي خوشي ٿي اٿم." هن ڪرسيءَ تي ويهندي چيو.

"سيما، اهو تنهنجي خلوص جو ثمرُ ئي تہ آهي، نہ تہ.....!"

”وسيم....! ليڪ قومن جا دماغ هوندا آهن. انهن کي حالتن جي بي رحم وهڪرن ۾ ضايع ٿيڻ نه گهرجي.“

”تون ٺيڪ ٿو چوين. سيما.....!“

”وسيم....! الائجي ڇو؟ مون کي تنهنجي ڪهاڻي پڙهڻ جو گهڻو انتظار آهي. جنهن کان تون منهن موڙي ويو آهين.“

”تنهنجي خواهشن جو مون کي احترام آهي. سيما.....!“

ايتري ۾ ياسمين ٽري ۾ چانهه کڻي ڪمري ۾ داخل ٿي. هن چانهه جي ٽري ٽيبل تي رکندي چيو.

”اديب حضرات. ڪهڙي موضوع تي گفتگو پيا ڪن؟“

”ڪو خاص موضوع ناهي. ياسمين.“ سيما وراڻيو

”گفتگوءَ جو ڪجهه ته عنوان هوندو؟“

”ياسمين....! وسيم ڀيهر لکڻ پڙهڻ ڏانهن موٽ ڪاڏي آهي. ان ڪان وڌو ڀيو ڪهڙو عنوان هوندو؟“ سيما وراڻيو.

”ها. سيما....! شُڪر آهي. ادا. مَس وڃي پاڻُ سنڀاليو آهي.“

”سيما جي مهربانين سان.“ وسيم کلندي چيو.

”ٺيڪ آهي. ان خوشيءَ ۾ چانهه پيي تازا توانا ٿيو.“ ياسمين وراڻيو.

سيما. حساس هِردو رکڻ واري سلڇڻي ڇوڪري هئي. هوءَ نه رڳو منهنجو پر منهنجي ننڍڙي پُٽ ڪليم جو به خيال رکڻ لڳي هئي. ڪليم به ساڻس مانوس ٿي ويو هو. هوءَ پاڻ اديب ته نه هئي. پر ادب جو چڱو مطالعو رکندي هئي. ادب جي نظماڻين توڙي نثراڻين صنفن تي ڳالهائيندي هئي. مون وٽ ايندي هئي. ته مون سان بي تڪلف گفتگو ڪندي هئي. نه رڳو ادب. پر زندگيءَ جي ٻين موضوعن تي به ڳالهائيندي هئي. ساڻس احساس جو اهڙو رشتو جُڙي ويو هو. جو سندس موجودگيءَ ۾. اڪيلائپ جو احساس نه ٿيندو هو. سندس ويجهڙائپ جي ڪري. نه رڳو ادب. پر زندگيءَ سان پيار به جاڳي پيو هو.

ننڍڙو ڪليم سال کن جو ٿي ويو هو. ٻانبڙن ڪان اڳيرو ٿي. ڪٽ جي ايسَ کي وٺي هلڻ لڳو هو. موڪل واري هڪ ڏينهن. هوءَ گهر آئي. ته مان پنهنجي ڪمري ۾ ننڍڙي پٽ ڪليم کي هنج ۾ کڻي وينو هئس. سندس ٻاتڙين ٻولين ۾ دنيا جهان کي ائين وساري وينو هئس. ڄڻ سموري ڪائنات سُسي سوڙهي ٿي. منهنجي هنج ۾ سمائجي وئي هئي. سيما ڪمري ۾ داخل ٿي. ته ڪليم ڪيس ڏسي روئڻ لڳو ۽ کڻڻ لاءِ ڏانهس هٿ جون اُڇلون ڏيڻ لڳو. هن اڳتي وڌي ڪليم کي مون ڪان ورتو ۽ پرسان ڪرسيءَ تي ويهي رهي. ڪليم سندس هنج ۾ هو ۽ سندس وڪريل وارن سان ڪيڏڻ لڳو هو. هوءَ اوچتو سنجيده ٿي وئي. هوءَ ڪا مهل ائين گم سم رهي. اکيون کڻي ڪڏهن مون ڏانهن. ته ڪڏهن ڪليم ڏانهن ٿي ڏٺائين.

”سيما.....!“

”جي، وسيم.....!“

”ماڻ تي وئينءَ، ڇا پئي سوچين؟“

هن اونهو ساهه کڻي ڪليم ڏانهن ڏٺو ۽ سندس ڳل تي چمي ڏيندي وراڻيو:

”وسيم...! تو ڪڏهن سوچيو ته هن معصوم کي ماءُ جي پيار جي ضرورت آهي؟“

”سيما...! مان ليڪڪ آهيان، ليڪڪ حساس هوندا آهن. سوچيان ضرور ٿو پر .....!“ هن جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.

”پر ڇا وسيم؟“

”اهو ئي، ته ماءُ جهڙي ماٽيلي ماءُ ڪٿان آڻيان؟“

”اهڙي، ته صفا سُڄَ به ڪانه ٿي آهي.“

”ڪيئن ڀلا.....!“

”ڏس نه وسيم.....! گهر ۾ هڪ ئي عورت آهي، تنهنجي ڪراڙي ماءُ. ياسيمن ته نياڻي آهي، پرائو ڌڻ. اڄ نه ته سڀاڻي پنهنجي گهر هلي ويندي. هن معصوم جو ڇا ٿيندو؟“

ها، سيما.....! اهو ته مان به سوچيان ٿو پر .....!“

”پر، وري ڇا.....؟“

”سيما، تو جهڙي سگهڙ، سُلجهيل ۽ حساس عورت ڪٿان آڻيان؟“

”تو جهڙي ڇا.....؟“

”ڇا مطلب.....؟“ حيرت مان ڪيس ڏسڻ لڳس. هوءَ ماڻ ٿي وئي. پوءِ ڪجهه سوچي ڌيمي لهجي ۾ چيائين:

”وسيم، مون جهڙي ڇو؟ مان ڇونه.....؟“

مان، هڪو ٻڪو ٿي، حيرت گاڏڙ خوشگوار احساس مان ڪيس ڏسڻ لڳس. هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري، ڪليم کي کڻي ويٺي هئي. ڪليم جي ننڍڙين ٻانهن جو هارُ سيما جي ڳچيءَ ۾ هو. سندس ڪلهي تي ڪنڌ رکي ايئن سُڪون جي گهري ننڊ ۾ هو ڄڻ ڪيترن ڏهاڙن کان سُتو ئي نه هو.

❋❋

# نيڻن ۾ سجايل خواب

هوءَ سالن پڄاڻان اسان جي گهر آئي هئي. اڪيلي نه وڃي. شايد گسُ ڀلجي اچي نڪتي هئي. سچُ ئي ته آهي. مَن مندر ۾ آستانو اڏي ويٺل ماڻهو جڏهن ڀيرو ڀڃي، واٽون وِساري ڇڏي، ته ان لاءِ ٻيو ڇئي به ڇا ٿو سگهجي؟ هوءَ ڪمري ۾ منهنجي ماءُ ۽ ڀينرن سان ويٺي هئي. ڪمري ۾ داخل ٿيس، ته هن تي نظر

پئي. چرڪي ويس. پر هن جي چهري تي بدحواسيءَ جا ڪي بہ آثار نہ هئا. مون ڏانهن ڏسي مُرڪي پئي. مرڪندي چيائين:

”ڪريم.....! خوش تہ آهين نہ.....!“

”ها فاطي....! خوش آهيان.“ مختصر ورندي ڏنم.

هوريان هوريان ڪري پيرون، پاڇايون، ڪم ڪار جي سانگي ڪمري مان ايئن نڪري ويون، جيئن گهوٽ ڪنوار کي لانئون ڏيڻ کانپوءِ، سيج تي گڏ ويهاري، عورتون کسڪي ويندون آهن. امان بہ اهو چئي ٻاهر هلي وئي تہ، ”ابا...! تون فاطيءَ سان ڪچهري ڪر، تہ آءٌ ماني ٽڪيءَ جو بندوبست ڪري وٺان.“

ڪمري ۾ آءٌ ۽ فاطي اڪيلا رهجي وياسين. هوءَ ڪمري ۾ فريم ٿيل تصورن کي غور سان ڏسي رهي هئي ۽ مون تِڪَ ٻڌي ڪيس ڏٺو پئي. هوءَ شاديءَ کان پوءِ ڳوٺ ڇڏي شهر ۾ رهڻ کان پوءِ ڪيڏي نہ بدلجي وئي هئي. چامشوري جي ٿڌين ۽ ڪومل هوائن سندس ڪٽڪائين رنگ کي نکاري ڳورو ڪري ڇڏيو هو. چهرو سيور بلب جيان ٻريس پيو. هوءَ اڳ کان بہ وڌيڪ خوبصورت پئي لڳي. مون کي لاڳيتو گهوريندو ڏسي، ڇپن تي مُرڪ وکري ويس. هن پنهنجائپ واري نگاهہ سان مون ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ ڪتابن جي شيلف ڏانهن ڏسڻ لڳي. اوچتو شيلف تي رکيل تصورن جي البم تي نظر پيس، تہ ڦڙتائيءَ سان ائين ڪٽ تان اُٿي پئي، جڻ گهٽي ڳولا کان پوءِ ڪا وڃائجي ويل شئي ملي وئي هجيس. اهو هن جو فطري رد عمل هيو. يادن جا ڪيئي گم ٿيل لمحا ئي تہ بند هئس ان البم ۾. اهو البم منهنجي جيون جي ڪل ڪائنات هو. ان البم کي هڪ لمحي لاءِ بہ پاڻ کان پري نہ ڪندو هئس. زندگيءَ جي حسين ۽ اڻ وسرندڙ يادن جا ساهہ سيباٽا منظر محفوظ هئا. ان البم ۾ جڏهن بہ من جي ماندڪائي ۽ اُباڻڪائي محسوس ڪندو هئس، تہ البم کولي ڏسندو هئس. البم جي هر تصوير مون سان ڳالهائيندي هئي. گذري ويل لمحن جا منظر ورجائيندي هئي. مَن جي مونجهہ لهي ويندي هئم. هوءِ البم کڻي کٽ تي اچي ويني ۽ البم جي تصورن ۾ جڻ وڃائجي وئي ۽ مان سندس سُندر مُک ۾ اکيون اٽڪائي، يادن جي ڪوهہ قاف ۾ هليو ويس.

فاطي ۽ مان ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ گڏ پڙهندا هئاسين. ويهندا بہ هڪ ئي بينچ تي هئاسين. هُن جو گهر اسان جي گهر جي پرسان ئي هو. ذات قبيلو تہ ساڳيو هو پر ساٽن ناناٽي يا ڏاڏاٽي لِڃَ واري ويجهي مائٽي نہ هئي. ذات ساڳي هئي، پر پاڙو الڳ هو. ان ڪري مٽن مائٽن وارو قرب جو تعلق تہ هيو پر سنگتن پرتين، اڏيل گڏيل نہ هئاسين. ٻئين درجي کان گڏ پڙهندا هئاسين. هوءَ ننڍي هوندي کان ئي ڏاڍي سادي، معصوم ۽ خوبصورت هئي. ان جي ابتڙ مان وري ضرورت کان وڌيڪ ضدي، حرڪتي هئس. ٻاهہ ۽ پاڻيءَ وانگر طبيعتن ۾ هڪ ٻئي جو ضد هئاسين. مان ڪيس گهڻو چيڙائي تنگ ڪندو هئس.

ڪڏهن ڪڏهن تہ پڇي نہ سگهندي هئي، تہ روئي پوندي هئي ۽ مان ڪيس پرچائيندو هئس. ان

هوندي بہ ٻين ٻارن جي ڀيٽ ۾ مون سان گهٽي لڳندي هئس. هوءَ جڏهن چڙي پوندي هئي، تہ وڌيڪ خوبصورت لڳندي هئي. وڏيون ڪجليون اکيون ڦوٽارجي ويندريون هئس. ناسون تڙي پونديون هئس ۽ ڳٽن ۾ گهٻ پئجي ويندا هئس. مان کيس چيڙائڻ جا وجھ پيو ڳوليندو هئس. ماستر جڏهن ڪلاس روم مان ٻاهر وڃڻ لڳندو هئو تہ مان اُٿي بيهي چوندو هئس.

"سائين...! فاطيءَ جا ڪوڙا ڪچا آهن. کيس ڪوڙا پڪا ڪرايان؟" ۽ ماستر ڪنڌ هاڪار ۾ ڏوڻي ٻاهر نڪري ويندو هو تہ مان فاطيءَ لاءِ جڻ ماستر بڻجي ويندو هئس. چوندو هئس،"ايڪ ڏون، ڏون...!" مان يڪدم وراڻيندو هئس، "فاطي چاڏي پيچ تون، مکڻ کاوان مان، لسي پيءُ تون."

هوءَ مون ڏانهن ڪاوڙ مان ڏسندي هئي، پر ڪجي نہ سگهندي هئي. مان کيس چوندو هئس، "ها، فاطي....! اڳتي ڪوڙو ٻڌاءِ." هوءَ هبڪندي چوندي هئي،"ٻہ ڏون چار....!" ان کان اڳ جو هوءَ ڪوڙو اڳتي ٻڌائي، مان تڙ تڪڙ ۾ چوندو هئس، "فاطي...! مان تنهنجو يارُ." هوءَ ڪاوڙ ۾ تپي ڳاڙهي ٿي ويندي هئي ۽ ڀُنيءَ تي مُکون هڻي ڪاوڙ مان چوندي هئي، "تون ڪِنو آهين. ڪِنو ٿو ڳالهائين. مان اڳتي توسان ڪوڙا پڪا نہ ڪنديس." مان کيس پرچائيندي چوندو هئس، نہ فاطي...! ائين نہ چئہ."

"پوءِ ائين چو ٿو چوين؟" مان ڪو ڇوڪرو تہ ناهيان جو...." هوءِ روئڻهارڪي ٿي ويندي هئي.

"چڱو اڳتي ائين ڪونہ چوندس."

هڪ ڀيري هن نائين جو ڪوڙو پئي ٻڌايو. جڏهن چيو"ناءِ نا ايڪاسي" تهمون جهٽ پٽ چيو. "فاطي... ٻلي تنهنجي ماسي." هوءَ يڪدم ڪتاب ٽپي، رُسي ويهي رهي. چيو مانس،"فاطي...! مون بس ڪئي. پلا هاڻي پندرهين جو ڪوڙو ٻڌاءِ." هوءَ انڪار ڪري ڇڏيندي هئي ۽ مان ڪوڙ مان چوندو هئس. "سائين ....ا و سائين....! فاطي، ڪوڙا نٿي ٻڌائي" ۽ هوءِ سائينءَ جي ڊپ کان منهنجي وات تي هٿ رکي چوندي هئي. "ٻڌايان ٿي، پر تون مشڪري نہ ڪر مون سان."، "نٿو ڪريان، ٻڌاءِ."

هوءَ اکيون بند ڪري ٻڌائيندي هئي، "ايڪ پندرهو ...!" مان ترت وراڻيندو هئس، "فاطي...! ڏاڏو تنهنجو ڏندرو." مان ڪوڙن جا شاعريءَ وانگر قافيا ملائي کيس چيڙائيندو هئس. اڄ مان شاعر آهيان. شاعريءَ ۾ قافيا، رديف ملائي گيت، غزل ۽ وايون لکان ٿو. پر منهنجي شاعري سان قافيا ملائي چيڙائڻ وارو ڪوبہ نہ آهي. سوچيان ٿو ڪاش! ننڍپڻ جا اهي ڏينهن وري موٽي اچن. مان ڇرڪ ڀري فاطيءَ جي يادن جي ڪوهيڙي مان نڪري، ڪمري ۾ موٽي آيس، هن ڳالهايو پئي.

"ڪريم...! تصويرن کي ڪيڏي نہ پيار ۽ پاٻوهہ مان سانڍي رکيو اٿئي. هيءَ تصوير ڏي، جيڪا پاڻ اسڪول جي ڪلاس روم ۾ ڇڪرائي هئي، مان ڪوڙن جو ڪتابُ اڳيان جهلي ويٺي آهيان ۽ تون ....!"

"ها، فاطي....! اهي تصويرون ئي تہ منهنجي ڪُل پُونجي آهن. هنن سان ئي تہ ماضيءَ جي خوشگوار يادن سان جڙيل رهندو آهيان.

مون ڏانهنس ڏٺو. هن رُنو پئي ۽ رَئي جي پلاند سان اکين مان ٽِمي پيل لڙڪن کي اُگهيو پئي. مون

ڪوبہ رد عمل ظاهر نہ ڪيو ۽ ڪيس روئي هانءَ جو بار هلڪو ڪرڻ ڏنم ۽ ماضيءَ جي يادن ۾ ٻيهر گم ٿي ويس.

پنجون درجو پاس ڪرڻ ڪانپوءِ فاطيءَ جي مائٽن ڪيس وڏيڪ پڙهائڻ بدران گهر ۾ ويهاري ڇڏيو هو ۽ مون شهر جي هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي هئي. توڙي جو ملڻ جلڻ گهٽو گهٽجي ويو هو. پر اسان جي دلين ۾ پيار جون وليون سدائين سايون رهيون. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ اسان جي گهر ايندي هئي تہ مَن جي مونجهہ لهي ويندي هئي. مون انٽر پاس ڪئي تہ فاطيءَ جي ڇوٽ تي امان ۽ بابا کي سندس سڱ جي گهر ڪرڻ لاءِ سندن گهر موڪليم. سندس پيءُ امان ۽ بابا کي اهو چئي مهلت گهري تہ، ”ادا...! توهان لاءِ لک عزتون آهن، پر ٻئي اڃان ننڍا آهن. اسان بہ دل من جاچي پوءِ ورندي ڏينداسين.“

ان ڳالهہ کي بہ ٻہ ٽي سال گذري ويا هئا. مون گريجوئيشن ڪري ڇڏي هئي ۽ نوڪري لاءِ هٿ پير پئي هنيم. هڪ ڏينهن فاطي اسان جي گهر آئي، ”ڏاڍي خوش پئي لڳي. مرڪندي چيم،

”فاطي....! اڄ تہ ڏاڍي خوش پئي لڳين.“

”ها، ڪريم...! ڳالهہ آهي بہ تہ خوش ٿيڻ جهڙي.“ هن وراڻيو.

”ٻڌائيندينءَ ڪونہ؟“ مون اتاولائيءَ مان چيو.

”ڳالهہ ئي اهڙي آهي جو تنهنجا سمورا ٽڪ لهي ويندا ۽ جهول خوشين سان ڀرجي ويندئي.“ هن تجسس وڌائي ڇڏيو هو.

”پوءِ ٻڌاءِ نہ، تڙپائين ڇو پئي؟“ مون منٿ واري لهجي ۾ چيو.

”نہ، بابا...! ائين ڪيئن ٻڌائبي؟“هن جي لهجي ۾ شرارت هئي.

”پوءِ ڀلا ڪيئن ٻڌائبي؟“

”ان لاءِ توکي مٺائي کارائڻي پوندي.“

”بس، ڳالهہ بہ ايتري؟ تون ڪيتري مٺائي کائيندينءَ؟“

”بہ ٽي ڪلو مٺائي تہ هجي.“ هن ٺهڪ ڏنو.

”ڇو ايتري مٺائي، ڀَتَ مٿان ٻُرڪي، گهروارن کي کارائيندينءَ ڇا؟“ مون بہ جوابي ٺهڪ سان وراڻيو.

”ڳڙ واري مٺائيءَ تي، تو بہ ڳالهہ نہ ٻُڌي.“

”ٺيڪ آهي، بابا.....! تون جيتري مٺائي چوندينءَ، توکي ملندي، هاڻي تہ ٻڌاءِ ڪٿي.“ مون هار مڃيندي چيو. هن اونهو ساهہ کڻي مون ڏانهن وراڻيو تہ ”ڪريم ...! تو لاءِ سٺي خبر آهي، تہ بابا جنهن هن وقت تائين منهنجو سڱ ڏيڻ کان نٽايو پئي، سو مَس مَس راضي ٿيو آهي.“

”واقعي بہ .... فاطي ....!“ مون کان خوشيءَ مان ڇرڪ نڪري ويو.

”ها، ڪريم....! پر ....!“ هن جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.

”پر، ڇا... فاطي....!“ مون حيرت مان چيو.

”ان لاءِ بابا هڪ شرط بہ رکيو آهي.“

”شرط...!“

”ها، ڪريم....! شرط اهو آهي تہ، جيستائين توکي ڪا نوڪري نہ ملندي، تيستائين پنهنجي شادي نہ ٿي سگهندي.“

مان سوچ ۾ پئجي ويس. هن ٻيهر ڳالهايو.

”ڪريم.....! تون گريجوئيٽ آهين. ٻيا سڀ خفا ڇڏي، جلدي نوڪري وٺڻ جي ڪوشش ڪر.“

اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن، ڪيئي سال گذري ويا آهن. فاطي، تہ پڻس جي ٽٽل واعدي جي ٽياس تي ٽنگجي، ٽن ٻارن جي ماءُ بڻجي ويئي آهي، پر مان اڄ بہ نوڪريءَ جي پٺيان ايئن پيو ڊُڪان ڇڻ....!!“

**

# رڪـوالـي

شهر جي گوشائتي علائقي جي وڏي عوامي هوٽل جو ننڍڙو ڪمرو اسان جي ڇڙواڳي ٿڪن سان ائين پئي گونجيو، جڻ سيئي پنگ جو ڪونڊو چاڙهيون وينا هئاسين. ڪِلي ڪِلي ٻيٺا، ٽيٽا پئي ٿياسين. سڀ مست الست وهيءَ وارا چڙها چانڊ. نہ لٽي جي خبر، نہ اُپرئي جي. مائٽن جي ڪُلهن تي ڏوَ جون پستيون پيا هٽندا هئاسين. ڪانو سج چڙهندو هو تہ گهران خرچ پکو وٺي، هُوٽل پيڙا اچي ٿيندا هئاسين ۽ لڙي منجهند تائين پيا وات وڙهائيندا هئاسين. جوانيءَ جا ٺڪ بہ جوانيءَ وانگر مست ۽ دنيا جهان جي فڪر کان آجا هوندا آهن.

جون جي لڳ لهسيندڙ جهولن واري ٻيپهري هئي، سج بہ پنهنجي جولان جي چيهہ تي هو. اُپ مان تاندا پئي وسيا. هوٽل ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو هئا. هوٽل جي ڪمري جي ڇت ۾ لڳل پکي جي هوا بہ گرم هئي. پر اسان ڪچهريءَ ۾ ايترو گم سم هئاسين، جو گرم هوا جو احساس ئي نہ پئي ٿيو. سڀ گلزار کي ورائي ويا هئا. زبان چم جي، ڪنهن نہ ڪم جي، سو هُو بہ پنهنجي واتان نڪتل گفتي مان اهڙو تہ اچي اڙيو هو جو سنگت جي چرچن ۽ پوڳن جو ٽارگيٽ بنجي ويو هو. جند ڇڏائڻ لاءِ گهڻيون ئي گهٽيون ۽ گوهيون ڏنائين، پر جيئن پوءِ ٽيئن ويو پئي لوهُہ ٿيندو.

اسان جي ياراڻي جو ساٿي منٺار جيئن ئي هوٽل جي ڪمري ۾ داخل ٿيو تہ ڪيس ملول ڏسي سڀ ماٺ ٿي ويا، ٺڪن کي ايمرجنسي بريڪ لڳي وئي. سڀ ماٺ ميٺ ۾ ڪيس ائين ڏسڻ لڳا، جڻ ڪين نانگ سراپي ويو هجي. گلزار جي تہ الله ڪٺي ہڏي هئي. هن لاءِ تہ منٺار جڻ ڇوٽڪاري جو فرشتو بڻجي آيو هو. سيني جو ڏيان منٺار ڏانهن ائين ڇڪجي ويو جيئن ان جا داڻا بڪايل پکيءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندا آهن. هو مانڙي ڪري ڪنهن سان ڳالهائڻ بنا پاروٽي واڱڻ جهڙو منهن ڪري ويهي رهيو. سمجهہ ۾ نہ ايندڙ معاملي جي حيرت مان سمورن ڪيس ڏٺو پئي. نيٺ جانيءَ ڦاٽ ڪاڙو.

”هن ڪميٽي کي وري ڪهڙي ڪاڏي مان خرابي ٿي آهي.“

”قاضيءَ جي ڪکن ڪانپوءِ جو اهو حال ٿيو اٿس“ منظور وراڻيو

”اڙي، چنڊا.....! توهان کي لڳو آهي رونشو. هيءُ ويچارو ٿو مري. موت جو ملائڪ ڏٺو اٿس. رات بچيو تہ نئون جاتو.“ ڪريم وچ ۾ ڳالهايو. سڀ ٺڪ ڏئي کلڻ لڳا، پر هُو چپ جهڙي پِتِ، اکيون ڦاڙي پئي ڏٺائين. سندس مونجَهہ ڪيڻ لاءِ سُري اچي پرسان وينس ۽ ڪيس پيار مان چيم:

”منٺار........!“

”هُون ...........!“ هن مختصر ورندي ڏني.

”هُون جا پٽ! ڇا ٿيو اٿئي؟ ڪلهہ تہ منهن تي رابيل پئي ٽڙيئي، اج ڪنهن منهن تي دانگي گهمائي اٿئي؟“ زاهد ڪاوڙمان چيو.

”اهڙي تہ ڳالهہ ڪانهي“ هن وراڻيو.

”پوءِ ڪهڙو ڪنڊ جو جهاز ٻڏي ويو اٿئي؟“ مون ڳالهايو.

”ڪنڊ جو جهاز ٻُڏي ها تہ بہ چڱو هو نہ .....!“ هن وراڻيو

”پلا ڪجهہ ڦاٽندي بہ سهي يا ....!“ جانيءَ جو لهجو ڪاوڙ وارو هو.

”اڄ اخبار نہ پڙهي اٿوَ ڇا......!؟“ هن مسئلو ٻڌائڻ لاءِ ٽلهہ ٻڌو.

سڀ حيرت مان هڪٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳا. مُون ٿڌو ساهہ کڻي چيو. ”اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي اخبار ۾“

”مون کي خبر آهي“ زاهد منهن پڪو ڪري چيو.

”تو اخبار پڙهي آهي ڇا؟“ گلزار حيرت مان پڇيو.

”هائو......!“ هن وراڻيو

اهڙي ڪهڙي ڇرڪائيندڙ خبر آهي اخبار ۾؟“ ڪريم ڳالهايو.

”پٽاٽي گجرن جا اگهہ چوٽ چڙهي ويا آهن“ زاهد وراڻيو

سڀ کل ۾ وٺ ويڙهيءَ جيان ويڙهجي ويا. جانيءَ کلندي چيو

”يار...! پٽاٽي گجرن سان اسان جي يار جي پريشانيءَ جو پلا ڪهڙو تعلق؟“

”ڪائيندو بہ آهي، تہ ڏوئي پوئي.....!“ زاهد جملو پورو بہ نہ ڪيو تہ سڀ کلي کلي کيرا پئي ٿيا ۽ منٺار جو منهن لهي ويو. هُو ڪاوڙ مان اُٿي ٻاهر وڃڻ لڳو. مون اڳتي وڌي ڪيس پاڪر ۾ پري زوريءَ ويهاريندي چيو.

”اڙي، ٽڪ ئي ڪوڙا اٿئي، يارن سان بہ ڪاوڙ؟“

”پر، ڏس نہ .......! اسان کي پنهنجا ڀڪر، هنن کي لڳو آهي پوڳ.“ هن ڪرسيءَ تي ويهندي وراڻيو.

”اڙي، تہ پوءِ نالت پوئي تون بہ سڌي ڳالهہ ڪر نہ......!“ سگهڙن واريون ڳجهارتيون ڇو پيو ڏين؟“ گلزار ٻن آڱرين جو پونڊو ڏيندي چيس.

”ها، تہ ڇا هو اخبار ۾؟“ جانيءَ پنهنجائپ واري لهجي ۾ چيو.

”يار، جيئن ئي اخبار پڙهي اٿم هينئون هنڌ نہ اٿم. دماغ ڦرٽيءَ وانگر پيو ڦِري“ هن وراڻيو.

”اهو تہ ٺيڪ، پر هيو ڇا اخبار ۾؟“ مون پڇيو

”اخبار ۾ خبر آهي تہ ضلعي انتظاميہ ڳاڙهي بازار تي بندش هڻي ڇڏي آهي“ هن ٿڌو ساهہ کڻي وراڻيو.

”اڙي، نہ، نہ ......!“ سيني ڪان ڇرڪ ۽ ڳاڙڙ رڙ نڪري وئي.

”ها، يار.......! ڏس نہ، اسان ڇڙها ڇانڊ.......!“ هن هٿ جون ترِيون مهٽيندي وراڻيو.

”اڙي، پوءِ تہ وڃائي ڇڏيئي ٻيو.......!“ گلزار ڳالهايو.

”نالتي......! چوين ته ائين پيو جڻ بندش ئي مون هٽائي آهي.“ مننار ڪاوڙ مان چيو.

سڀ سوچ ۾ پئجي ويا. اوچتو زاهد کان ٺهڪ ڇڏائجي ويو. سڀ ڪاوڙ مان ڏانهنس ڏسڻ لڳا. جانيءَ کيس ٽوڪيندي چيو.

”اڙي لوسي......! تون وري کلين پيو.“

”ڳالهه به ته کل جهڙي آهي“ زاهد کلندي وراڻيو.

”ڪيئن يلا.....؟“ گلزار چيو.

”اڙي يار ......! صفا ڪو درويش آهين. هن ملڪ ۾ ڳاڙهيون بازارون به ڪڏهن بند ٿيون آهن ڇا؟“ زاهد ٺهڪ ڏئي وراڻيو

”اڙي بابا......! بند پيون آهن ڏڪا ڪائي اکئين ڏسيو پيو اچان. پوليس اکيون ڳاڙهيون ڪري ويٺي آهي.“ مننار ثابتي ڏيندي چيو.

”هائو برابر......! آئون به اڄ ئي ته ٿيو پيو اچان, ساڳيو جهان هلي پيو.“ زاهد وراڻيو.

”ڪُوڙ ٿو هڻين, نالتي ......!“ مننار ٻڏتر وارين نهارن سان کيس ڏسندي چيو.

”نُور بتازي جو قسم .......! سچ پيو چوان“ زاهد ٻئي هٿ اکين تي رکي يقين ڏياريندي وراڻيو.

”پوءِ هيءَ پوليس ......!“ جانيءَ حيرت مان چيو

”اڙي چريا پوڪ بصر ......! پوليس به نانگ ته ڪونهي, جو ڦِٽي ڪائيندي, ترن جو تيل تِرن مان نڪرندو. بس ٿورو ريٽ وڌي ويو آهي.“ زاهد وراڻيو.

”اهو وري ڪيئن؟“ گلزار ڳالهايو.

”اڙي بابا ......! سئو روپيه ڳاڙهي بازار واري جي مزدوري ۽ پنجاهه روپيه پوليس جي رکواليءَ جا ......“

هُوٽل جو ڪمرو ساڳين جوانيءَ جي ڇڙواڳ ٺهڪن سان ڀرڻ لڳو.

❊❊

# ارپڻ کان رهجي ويل محبت

هو اَڄُ الائجي ڇونہ آيو هو؟ روزاني معمول موجب صائما، جيئن اسٽاپ تان بس ۾ چڙهي، تہ هن جون نظرون پاڻ مراديون بس جي مرداڻي پاسي ڏانهن کڄي ويون. بس ۾ رش نہ هئي. مسافر ٿريا ٿاپريا پرسڪون وينا هئا. ننڍيون نيٽيون، جوان ۽ ڪراڙيون اکيون، تہ سندس اکين سان ٽڪرايون، پر اُهي ڳولائون اکيون ڪيس ڪنهن بہ سيٽ تي نظر نہ آيون، جيڪي روزانو بس جي سفر ۾ سندس پيڇو ڪنديون هُيون. اُهي اکيون نہ هيون، پر ترڪش هئا، جن مان نظرن جا چُٽل تير ٻِسٽ سندس جسم مان پار ٿي ويندا هئا. نظرن جي تيرن جو اهو وسڪارو، تيستائين پيو هلندو هو، جيستائين هوءَ ڪاليج اسٽاپ تي بس مان لهي نہ ويندي هئي.

هوءَ نہ چاهيندي بہ پريشان ٿي وئي. پنهنجي وجود ۾ ڪا شئي کُٽل کُٽل پئي محسوس ڪيائين. غير ارادي طور نگاهون بس جي مردن واري پاسي ڏانهن کڄي ٿي ويس ۽ پوءِ سيٽن تي ويٺل مسافرن جي اَڇاتري ياترا ڪري ناڪام موٽي ٿي آيون. هن ذهن ۾ ايندڙ خيالن کي اهو آٿت ڏئي ذهن مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ پوءِ اجايو ڇو پريشان ٿيان؟" پر ان ۾ ڪيس ڪاميابي نہ ٿي. سندس ان اُتاولائيءَ کي بس جي ڪنڊڪٽر بہ محسوس ڪيو پئي. ماڻهن جو ڏنار هو. پانت پانت جي ماڻهن سان روز جو واهپو هئس. ان کان سواءِ صائما جي پريشانيءَ جو ڪارڻ ڪانئس ڳجهو بہ تہ ڪونہ هو. ان گونگي کهاڻيءَ جو اڻ ڏٺو گواهہ بہ تہ هيو. هن صائما کان ٽڪيٽ جا پئسا وٺندي، چپن تي مُرڪ آڻي چيو:

"محترمہ...! ڪا پريشاني آهي ڇا؟"

"نہ، اهڙي تہ ڪابہ ڳالهہ ناهي." هن ٽڪيٽ جا پئسا ڏيندي وراڻيو.

"مسٽر حميد جي آفيس، اسان جي آخري اسٽاپ پرسان آهي. ان ڪري موڪل جي درخواست مون کي ڏني اٿس." ڪنڊڪٽر ڪيس ڄاڻ ڏني.

"ڇو...؟ ڇا ٿيو.....؟" صائمہ جي واتان بي اختيار نڪري ويو.

"اها تہ خبر ناهي، شايد طبيعت ٺيڪ نہ اٿس."

"توهان ڪيس سڃاڻو ٿا؟"

"ها، منهنجي پاڙي ۾ رهندو آهي. نهايت شريف ماڻهو آهي."

هن گواهي ڏني. هوءَ ماٺ ٿي وئي ۽ ڪنڊڪٽر اڳتي وڌي ويو. هوءَ سوچ ۾ گم ٿي وئي. سوچن ۾ سوالن جا دائرا، ذهن کي وڪوڙي ويا هئس. ڪيس پهريون پيرو هن لاءِ دل ۾ احساس جاڳي پيو هو. اهو احساس ئي ڪيس ڪنهن اڄاتي تعلق جو الارم محسوس پئي ٿيو. سندس غير موجودگيءَ واري ڪوٺ الائجي ڇو ڪيس شدت سان محسوس ٿيڻ لڳي هئي. چپن مان بي اختيار پڙڪو نڪري ويس.

"الائجي ڇونہ آيو آهي؟ خدا ڪري، تہ خير سان هجي."

اهو روز جو معمول هو. صائما، جيئن ڪاليج وڃڻ لاءِ صبح اسپيشل سروس جي بس ۾ چڙهندي هئي، ته مرداڻي ڪمپارٽمينٽ ۾ ٻن ڳولائو اکين کي پنهنجو منتظر محسوس ڪندي هئي. ڪيس ايئن لڳندو هو جڻ ڪيس ڏسي، انهن اکين کي پنهنجي منزل ملي ويندي هئي. اسپيشل بس جو ڀاڙو ٻين عام لوڪل بسن جي ڀاڙي کان ٻيڻو ٽيڻو وڌيڪ هو، ان ڪري بس ۾ رش نه هوندي هئي. مسافر سيٽ باءِ سيٽ سانتيڪو سفر ڪندا هئا. متلاشي اکيون ڪيتري وقت کان ڪيس تڪي رهيون هيون، ان جي پڪ سان ته ڪيس ڄاڻ نه هئي، پر جڏهن کان هن انهن نهارن جي تپش کي محسوس ڪيو آهي، ان کي ٻه مهيني کان وڌيڪ ڏينهن گذريا آهن. پهرين، ته هن کي ڏاڍو خراب لڳو هو ۽ ڪاوڙ به گهٽي ايندي هئس. دل ۾ ايندو هئس، ته سيٽ تان اُٿي ڪيس ست سُريون ٻڌائي، پر پوءِ آهستي آهستي هوءَ انهن نگاهن کي برداشت ڪرڻ لڳي هئي. ڪيس سڪون محسوس ٿيڻ لڳو هو انهن نهارن ۾. ڪاٻه ڇيڳرائپ، ڪاٻه هلڪڙائپ نه هئي، پر ڪيس ايئن لڳندو هو جڻ ڪا تانگهه، ڪا ڳولا، ڪا پياس هئي، صدين جي پنڌ جي ڪا پيڙا هئي، انهن نهارن ۾. هڪ عجيب ڇِڪ هئي، جنهن ڪيس جڻ هپناٽائيز ڪري ڇڏيو هو.

حميد چاليهن ورهين جي لڳ ڀڳ ڄمار وارو پختو مرد هو. پر پنهنجي جسامت، سٺي صحت ۽ هانيءَ مان پنهنجي عمر کان گهٽو ننڍو ٿي لڳو. ڪڙوتر، پريل بُت، رنگ ڳورو، وڏيون اکيون. نَڪ نقشي ۾ سيبتو. شيو ڪيل چهري تي سنهيون مُڇون. پنتي ورايل گهاٽا وارَ ۽ ڪپڙي لٽي ۾ ڇنڊيل ڦوڪيل. حميد نوجوان پيو لڳندو هو. هو هڪ پرائيويٽ دوائن جي ڪمپنيءَ ۾ ملازم هو. هن جي چهري ۾ ڏسڻ واري کي پهرين نظر ۾ موهڻ جي ڪشش هئي.

هو ٽن ڏهاڙن کان مليريا بخار ۾ مبتلا رهڻ ڪري آفيس نه ويو هو. بيماريءَ کان وڌيڪ ڪيس صائما جي اُڻ تڻ هئي. ٽن ڏهاڙن کان جو ڪيس نه ڏٺو هئائين. ٽيسٽن ۽ اينٽي مليريا ڊوز وٺڻ کانپوءِ ٽئين ڏينهن سندس طبيعت ۾ بهتري آئي هئي. سومهڻيءَ جو وقت هو. هو مانيءَ کان واندو ٿي پنهنجي ڪمري ۾ ڪتاب پڙهي رهيو هو، ته موبائيل فون جي گهنٽي وڄڻ لڳي. هن ڪتاب ڊگهيري وهاڻي هيٺان فون ڪڍي اسڪرين ۾ ڏٺو. نمبر نئون هو. هن ڪال اوڪي ڪري، فون ڪَنَ تي رکي، ته عورتاڻو آواز ڪن تي پيس.

”هيلو....!“

”جي محترمہ ......! فرمايو.“

”توهان حميد صاحب پيا ڳالهايو؟“

”جي، ها... پر توهان .....؟“

”مان، توهان جي ڳولا ......!“

”معاف ڪجو. مون سمجهيو ڪونہ.“

”مان صائمہ پئي ڳالهايان.“ ترنم ڀريو آواز فون جي مائوٿ پيس مان نڪري، هن جي ڪن ۾ ٻُرڻ لڳو.

”صائمہ......!!!“

”اسپيشل بس جي، اسپيشل مسافر!“

”اوه، صائما، تون ......!“

”ها، مان....! تنهنجي نگاهن جو مرڪز.“

”نہ، ائين نہ چئہ صائما، خدارا مون کي غلط نہ سمجهہ.“

”غلط سمجهان ها، تہ فون ڇو ڪريان ها...؟“

”صائما.... تنهنجي وڏي مهرباني، سچ پڇين، تہ اڄ مان ڏاڍو خوش آهيان.“

”خير....! ٻڌايو توهان جي طبيعت ڪيئن آهي؟“

”مليريا بخار هو، اڄ بهتر محسوس پيو ڪريان.“

”ٻئي ماڻ ٿي ويا، ڪجهہ ساعتن کان پوءِ حميد ماڻ کي ٽوڙيو.“

”صائما، هڪ ڳالهہ تہ ٻڌاءِ؟“

”جي، فرمايو.“

”منهنجو نمبر ڪٿان مليو؟“

”ڳولڻ وارن کي خدا بہ ملي ويندو آهي.“

”پر، پوءِ بہ .....!“

”ڪنڊڪٽر کان ورتو اٿم.“

”اوهہ.....!“

”حميد صاحب....!“

”جيءُ جيءُ، چئو صائما....!“

”مان توهان سان ملڻ چاهيان ٿي.“

”اهو تہ مان بہ چاهيان ٿو. ماڻهوءَ جي شخصيت بند تالي جيان هوندي آهي ۽ گفتگو ان تالي جي ڪنجي هوندي آهي.“

”مان تہ توهان جي آلجبرا جهڙي شخصيت کي ويجهڙائيءَ سان سمجهڻ گهران ٿي.“

”منهنجي شخصيت تہ جوڙ جو سولو حساب آهي، جنهن سولائيءَ سان حل ڪري سگهجي ٿو.“

”پوءِ بہ .....!“

”جڏهن ۽ جتي چاهيو مان اچي ويندس.“

”سڀاڻي رات منهنجي فون جو انتظار ڪجو.“

”ٺيڪ آهي، مان انتظار ڪندس.“

”چڱو فون بند ڪريان ٿي.“

”مهرباني، خوش هجين شل.“

آچر ڏينهن صائما جي ڏنل پروگرام تي حميد مشهور پارڪ پهتو ته صبح جا ڏهه ٿيا هئا. پارڪ ۾ رش نه هئي. ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ٻئنچن تي ويٺل هئا. ڪجهه فيمليون ڇپر تي چادرون وڇائي ويٺل هيون ۽ ٻار راند روند ۾ مصروف هئا. صائما کي ڳولڻ ۾ ڪا به ڏکيائي نه ٿي. هوءَ پارڪ جي ڪنڊائتي پاسي، هڪ خالي بينچ تي ويٺي هئي. هو توريل وکون کڻي صائما وٽ پهتو جيڪا ڇپن تي مرڪون وکيري سندس آجيان ڪري رهي هئي. هن صائما کي غور سان ڏٺو ته جسم ۾ برقي لهرون ڊوڙي ويس ۽ بت ۾ هلڪي رٿني محسوس ڪيائين. هن صائما کي سدائين ڪاليج جي يونيفارم ۾ ڏٺو هو. اڄ هوءَ عام گهريلو لباس ۾ هلڪ ناهه نوهه سان اپسرا پئي لڳي. ويهن ورهين جي صائما، تاريءَ ۾ ٽڙيل تازي گلاب جيان پئي لڳي. گول گول کليل چهرو، وڏيون ڪجليون اکيون، ڳورو رنگ، هٿين پيرين آرڪٽي. ٽڪ نقشي ۾ سدا ملوڪ، قد پورو پنو. ڏند موتين جي مالها جيان جرڪندڙ. ڪاٻي اک هيٺان جاڙا تِرَ، سندس سونهن کي ويتر وڌائي رهيا هئا. هن جي سونهن اندر ۾ پيهي پئي وئي. هوءَ ڪجهه ڊنل ڊنل پئي لڳي، پر ان فطري ڊِني ڊپَ ۾ به اعتماد هئس، جيڪو ڪيس هتي وٺي آيو هو.

”اچي ويا، حميد صاحب؟“ هن لاڳيتو مرڪيو پئي.

”ها، سيما.....!“ هن بينچ تي ويهندي وراڻيو.

ڪجهه دير ٻئي خاموش رهيا. پارڪ جي گلن ٻوٽن ۾ گلن جهڙن ٻارڙن کي راند روند ڪندي ڏسندا رهيا. شايد ٻنهي کي گفتگوءَ جي شروعات ڪرڻ ۾ هٻڪ پئي محسوس ٿي. نيٺ صائما ٽڏو ساهه کڻي ماٺ کي ٽوڙيو.

”حميد صاحب....!“

”جي، صائما.... چئه.“

”توهان، ته اجنبين وانگر ائين ماٺ آهيو ڇڻ.....!“

”اهڙي ڳالهه ناهي، صائما، سوچيان پيو ته.....!“

”ڇا پيا سوچيو؟“

”اهو ته ڳالهه جي شروعات ڪٿان ڪريان؟“

”ڳالهه شروعات کان گهڻو اڳتي نڪري آئي آهي. مان، ته.....!“

”مان، ته ڇا....؟“ حميد حيرت مان ڪيس ڏسڻ لڳو.

”مان، ته توهان کي چاهڻ لڳي آهيان، پر......!“

”پر، ڇا......!“

”سوچيان ٿي، توهان به.......!“

حميد هن ڏانهن گهوري ڏٺو ته هوءَ شرمائجي پاڻ ۾ ويڙهجي وئي. حميد ڇپن تي اونهي مُرڪ آڻي وراڻيو.

”صائما.....! مان به توکي جند جان کان وڌيڪ پيار ڪريان ٿو. پر ٻنهي جي پيار جا رنگ ۽ انداز ڌار ڌار

آهن.“

”مون سمجهيو ڪونه....!“

”سمجهي ويندينءَ.“

”پوءِ به .....!“

هو نماڻين نهارن سان صائما جي اکين ۽ چهري ۾ ڏسڻ لڳو. هن جي چهري جا تاثرات تبديل ٿيڻ لڳا. چهري تي اداسيءَ جا بادل ڇانئجي ويا هئس ۽ لڙڪ ٽم ٽم ڪري اکين مان وهڻ لڳس. اها اوچتي صورتحال صائما جي توقع جي خلاف هئي. ان لاءِ هوءَ بنهه تيار نه هئي. ڪو پريمي، ميلاپ جي گهڙين ۾ جذبات جو اظهار ائين به ڪري سگهي ٿو؟ هن سوچيو به نه هو. هوءَ غير ارادي طور سُري سندس ويجهو اچي ويٺي ۽ ٽِشو پيپر سان سندس لڙڪ اگهڻ لڳي. صائما جي ان پنهنجائپ واري ورتاءَ تي حميد ڄڻ پُري پيو هو. هو ٻئي هٿ منهن تي ڏئي سُڏڪن ۾ پئجي ويو. صائما کيس پرڇائيندي چيو.

”حميد صاحب! خوشيءَ جي لمحن ۾ روئي پيا آهيو. توهان ته ضرورت کان وڌيڪ حساس آهيو.“

”ها، صائما.....! تنهنجي ملڻ جي اڻ جهل خوشي، اکين مان لڙڪ بڻجي ڇلڪي پئي آهي.“

”يقين ڪريو حميد صاحب، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.“ صائما کيس آٿت ڏني.

هوءَ، حميد جي زندگيءَ جي باري ۾ ڄاڻڻ لا جيڪي ڳالهيون ۽ سوال ذهن ۾ سوچي آئي هئي، اُهي سمورا سوال حميد جي جذبات پٺي واري اظهار ۾ لڙهي ويا هئس. اهي سمورا سوال ڪنهن ٻئي موقعي لاءِ ٽاريندي، کيس دلداري ڏيندي چيو.

”حميد صاحب...! مون کي پنهنجو پاڇو سمجهو. زندگيءَ جي ڪنهن به موڙ تي توهان کي اڪيلو نه ڇڏينديس. ان لاءِ ڪو وچن وٺڻ گهرو ته به مان ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.“

”صائما، تنهنجي وڏي مهرباني، تو منهنجي دل جو وڏو بار هلڪو ڪري ڇڏيو. بس، مون کي رڳو هڪڙو وچن ڏي.“

”ها، ها، چئه... ڪهڙو وچن وٺڻ ٿو گهرين؟“

”اهو ته تون منهنجي گهر ايندينءَ. پوءِ اڪيلي اچين يا پنهنجي ماءُ پيءُ کي ساڻ وٺي اچين، ان جو توکي اختيار آهي.“

صائما، سوچ ۾ پئجي وئي، پوءِ ڪجهه سوچي وراڻيائين.

”ٺيڪ آهي حميد صاحب، ضرور ايندس. پر وڌيڪ پروگرام رات فون ڪري ٻڌائي ڇڏينديس.“

”ٺيڪ آهي، مان انتظار ڪندس.“

رات جا يارهن ٿيا هئا. حميد پنهنجي ڪمري ۾ ٻن وهاڻن جي ٽيڪ تي بيڊ تي ٽنگون ڊگهيري ويٺو هو. اکيون ڪتاب ۾ هئس، پر ڌيان فون جي گهنٽيءَ ۾ هئس ڪتاب پڙهيائين پئي، پر ڪتاب جا لفظ، سندس ڌيان ورهائجڻ ڪري، معنائون وڃائي ويٺا هئا. فون جي گهنٽي وڳي ته هن ڪتاب رکي فون ڪني اوڪي جو بٽڻ دٻايو.

”هيلو....!“
”هيلو حميد صاحب، ڪيئن آهيو؟“ صائما خوشگوار موڊ ۾ هئي.
”مان ٺيڪ آهيان، صائما تون ٻڌاءِ؟“
”مان به ٺيڪ آهيان.“
”ڇا پيو ٿئي؟“ حميد رسمي جملو ڳالهايو. صائما سندس سوال کي اڻ ٻڌو ڪري ورائيو.
”حميد صاحب! توهان جي پيار جي انوکي اظهار ته مون کي ڇرڪائي ڇڏيو آهي.“
”جذبا، پنهنجي اظهار جا رستا پاڻ جوڙيندا آهن.“ حميد ورائيو.
”ٺيڪ ٿا چئو. سنوان سڌا ماڻهو پنهنجي دل وانگر سادا ۽ معصوم هوندا آهن. انهن ۾ بناوٽ جو نالو نشان به نه هوندو آهي.“
”اهو تنهنجو ظرف آهي، صائما“
”ها، حميد صاحب! مون پنهنجي ماءُ کي سموري ڳالهه کان آگاهه ڪري ڇڏيو آهي. ايندڙ آچر تي توهان جي گهر اچون پيا.“
”توهان جو بابا به اچي پيو نه.....؟“
هوءَ ماٺ ٿي وئي.
”ڇو؟ ڇا ٿيو صائما“....؟“ حميد اُڻ تڻ ظاهر ڪئي. صائما ٻڌل ۽ ڏکاري لهجي ۾ ورائيو.
”حميد صاحب! منهنجو بابا هن دنيا ۾ ناهي رهيو.“ هوءَ سڏڪي پئي.
”اوهه، Very Sad صائما، مون توهان جي دل ڏکائي، ان لاءِ معذرت.“
”نه، اهڙي ڳالهه ناهي. ٽيڪي کي ڪير ٿو ٽاري سگهي؟“
حميد جي گهر ڊرائينگ روم ۾ صائما ۽ سندس ماءُ صوفا سيٽ تي ويٺيون هيون. سندن پرسان سنگل صوفي تي حميد جي ماءُ ويٺي هئي. ٻئي سنگل صوفي تي حميد سندن سامهون ويٺل هو. حميد جي نوجوان پيڻ طاهره چانهه بسڪيٽ جي ٽري کڻي سندن اڳيان ٽيبل تي رکي. صائما جي ماءُ پليٽ مان بسڪٽ کڻي سرسري نگاهه سان گهر کي ڏسڻ لڳي. اوچتو هن جي نگاهه پٽ ۾ لڳل وڏي فريم ٿيل تصوير ڏانهن کڄي وئي. هٿ مان بسڪيٽ ڇڏائجي ويس. هن سُرہاڻ ۾ صائما کي ڪجهه چيو ۽ صائما به ڪنڌ ورائي تصوير ڏانهن ڏٺو. ٻنهي جي چهرن جا تاثرات تبديل ٿيڻ لڳا. مرڪندڙ چهرن تي ناگواريءَ جا تاثرات اُڀري آيا هئا. صائما رُکي لهجي ۾ چيو
”حميد صاحب....! هيءَ منهنجي تصوير توهان ڪٿان آندي آهي؟“ حميد ڪا ورندي ڏئي، ان کان اڳ صائما جي ماءُ ڦاٽ ڪاڙو:
”اسين شريف ماڻهو آهيون ۽ ڪوبه شريف اهڙي بدتميزيءَ کي برداشت نه ڪندو. اجان رشتي جي ڳالهه ئي نه ٿي آهي. توهان اڳواٽ ڇوڪريءَ جي تصوير گهر ۾ لڳائي ڇڏي آهي.“
”حميد صاحب...! اها شرافت ته ڪانه چئبي. اها، ته هلڪڙائپ آهي.“ صائما جو لهجو تکو ٿيندو

پئي ويو.

”ڏس، صائما پليز....! مون کي غلط نہ سمجهو.“

”ان کان وڌيڪ غلط ڇا ٿيندو؟“ صائما جي ماءُ ڳالهايو.

”ڏس، صائما، مون توکي چيو هو، تہ مان توکي دل جان سان چاهيان ٿو پر منهنجي چاهت جو رنگ الڳ آهي.“

”تہ ڇا، اهو رنگ آهي توهان جي چاهت جو؟“

”ها، صائما.....! تو ٺيڪ سمجهيو.“

”پر، مون کي اهڙي چاهت جي ڪابہ گهرج نہ آهي.“ صائما صوفي تان اُٿندي چيو.

”ڏس، صائما....! هن تصوير ۾ تون ناهين، پر تنهنجو عڪس آهي.“ حميد ڳالهايو.

”توهان چوڻ ڇا ٿا چيهو؟ مون کي تہ ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي.“ صائما جو لهجو اجان بہ تکو هو.

حميد جون اکيون لڙڪن سان ڀرجي آيون. هن ڪجهہ چوڻ جي ڪوشش ڪئي، پر آواز چڙهيل گرهہ وانگر نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو هئس. حميد جي ماءُ تشوءَ سان اکيون اگهندي چيو

”ڌيءَ.... ! هي تنهنجي تصوير نہ آهي.“

”تہ پوءِ، ڪنهن جي تصوير آهي؟“

”هيءَ حميد جي ڌيءُ نجمہ جي تصوير آهي، جيڪا بہ سال اڳ روڊ حادثي ۾ ماءُ سان گڏ اسان کان وڇڙي وئي آهي. حميد ساڻس بيحد پيار ڪندو هو. جڏهن کان توکي ڏٺو اٿس، چڻ بيهر جي پيو اهي. هو پنهجي ڌيءُ کي ارپڻ کان رهجي ويل محبتون، توکي ارپڻ گهري ٿو.“

صائما تِڪَ ٻڌي فريم ٿيل تصوير ڏانهن ۽ پوءِ حميد ڏانهن ڏسڻ لڳي ۽ پوءِ اُمالڪ ڊوڙي حميد جي ڇاتيءَ سان لڳي وئي. ٻنهي جي سُڏڪن جا ڌيما آواز ۽ صائما ۽ حميد جي مائرن جي اکين ۾ ڀرجي آيل لڙڪ، نجما جي تصوير کي خاموش ڀيتا ڏئي رهيا هئا.

**

# اجازت

نصرت خلاف داخل دعويٰ جي ڪيس جي اڄ فتويٰ هئي. زاهد جي وڪيل دعويٰ کي ثابت ڪرڻ لاءِ دليلن جا واهڙ وَهائي، ورتل فيس تي حق حلال جو ٽپو هڻي ويٺو ته نصرت جو وڪيل، عينڪ کي ننڍڙي رومال سان اُگهي اکين تي رکي اطمينان سان اُٿي جج اڳيان آرگيومينٽ ڏيڻ لاءِ اچي بيٺو. هن جي چهري تي اطمينان ۽ لهجي ۾ ڌيرج هو. هن جج سان مخاطب ٿيندي چيو.

”جناب والا....! منهنجو وڪيل دوست، قانون، اخلاقيات ۽ انساني حقن جي پيچڪڙي پيو ڪري. هو منهنجي مؤڪل تي ڪوڙو بهتان ڏئي، ڪيس ذهني ٽارچر ڏيڻ جي ڪوشش پيو ڪري. دعويٰ کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ توهان وٽ ڪهڙو ثبوت آهي؟“ جَج، ڪيس گهوري ڏسندي چيو.

”يور آنر....! اها دعويٰ ئي ڪوڙي آهي. ته نصرت، زاهد جي زال آهي. قانون ۽ شريعت جي حوالي سان هوءَ زاهد جي زال ٿي ئي نٿي سگهي؟“ وڪيل ڳالهايو.

”پر نُصرت جي ماءُ پيءُ سميت ڳوٺ وارن جون شاهديون به ته زاهد جي حق ۾ آهن.“ جج ڳالهايو.

”جناب والا....! پوءِ به نصرت، زاهد جي زال ٿي نٿي سگهي.“ وڪيل جي لهجي ۾ اعتماد هو.

”نڪاح نامو به موجود آهي ۽ نڪاح پڙهائيندڙ مولوي جي شاهدي ۾ دعويٰ جي حق ۾ آهي.“ جج پيپن وات ۾ ڏئي چيو.

”جناب والا....! ان به انڪار نه ڪيو آهي، ته نڪاح به پڙهيو ويو آهي، پوءِ به نصرت، زاهد جي زال نه آهي.“ وڪيل ڳالهايو.

”گهوٽ ڪنوار جا وڪيل ۽ نڪاح جا شاهد به ته موجود آهن.“ جج ڳالهايو.

”جناب والا....! نه رڳو ايترو پر نڪاح جو حق مهر به لکيل آهي ۽ ڳوٺ وارن نڪاح جون خارڪون به ته کاڌيون آهن، پر پوءِ به نصرت، زاهد جي زال نه آهي.“ وڪيل ڳالهايو.

جج سميت، ڪورٽ ۾ ويٺل سمورا ماڻهو حيرت جي ڪُنَ ۾ غوطا کائڻ لڳا هئا. ڪين سمجهه ۾ نه پئي آيو ته وڪيل دعويٰ کي رد ڏيڻ بدران تسليم به ڪري پيو پر پوءِ به آخر ان سچائيءَ کان انڪار ڇو پيو ڪري؟ جج پيپن وات ۾ ڏئي ڪيس گهوري ڏسي رهيو هو. عدالت جي ڪمري ۾ ماٺار ڇانيل هئي. زاهد جو وڪيل اُٿي بيٺو ۽ جج ان کي مخاطب ٿيندي چيائين.

”جناب والا ....! منهنجو وڪيل دوست عدالت جو قيمتي وقت ضايع پيو ڪري. وٽس دعويٰ کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ ڪو به معقول دليل نه آهي.“

نصرت جي وڪيل جي چپن تي طنز ۾ مُرڪَ وکري وئي. هن ڌيرج سان ورائيو.

”جناب والا....! عدالت سڳوريءَ جو آءٌ نه پر منهنجو وڪيل دوست وقت ضايع پيو ڪري، هو پاڻي پيو ولوڙي.“

”پر، تون پنهنجي موقف ڪي آخر ڪيئن ثابت ڪري سگهين ٿو؟“ جج صاحب ڳالهايو.
”يور آنر.....! آءُ جيڪو ڪجهه چوان پيو اهو سچ آهي.“ وڪيل چيو.
”تون ان کي ثابت ڪيئن ٿو ڪرين؟“ جج جي لهجي ۾ تجسس گاڏڙ بيزار هئي.
”سر....! ميجيان ٿو ته زاهد جو نصرت سان نڪاح به ٿيو آهي. شاهد، گواهه به پنهنجي جاءِ تي ڪوڙ نٿا هڻن....!“ وڪيل ڳالهايو پر زاهد جي وڪيل سندس جملو اڌ ۾ ڪٽيندي وراڻيو.
”پوءِ نصرت، زاهد جي زال نه ٿي ته ڇا پيڻ ٿي؟“
عدالت جي ڪمري ۾ ٿهڪڙو پئجي ويو ۽ ماڻهن جو پٽڪو وڏي ويو. جَج ويٺلن کي خاموش رهڻ جي هدايت ڪندي چيو.
”ڇا توهان جا آرگيومينٽ مڪمل ٿيا؟“ جج چيو.
”يوئر آنر ....! آرگيومينٽ مڪمل نه پر شروع ٿيا آهن، سچ ته اڃان رهيل آهي.“ وڪيل ڳالهايو.
”ته، پوءِ مڪمل ڪريو.....!“ جج ڳالهايو.
وڪيلَ وٽنيس باڪس ۾ بيٺل پنهنجي مؤڪل نصرت ڏانهن ڏٺو جنهن جي چهري تي پريشانيءَ جا ڪي به آثار نه هئا. هن پنهنجي وڪيل دوست ۽ نڪاح پڙهائيندڙ مُلان ڏانهن معنيٰ خيز نگاهن سان ڏٺو۽ چپن تي مرڪ آڻي جج سان مخاطب ٿيو.
”جناب والا..! جنهن حقيقت کي پڌرو ڪرڻ لڳو آهيان، ان سان نه رڳو زاهد، پر نڪاح پڙهائيندڙ مُلان، شاهد، وڪيل ۽ نصرت جا ماءُ پيءُ، ان ڏوهه ۾ گرفتار ٿي سگهن ٿا.“
”ڪارڻ.....؟“ جج وضاحت گهري.
”جناب والا.... شادي، ٻن انسانن وچ ۾ زندگي گڏ گذارڻ جو هڪ قانون ۽ شرعي معاهدو هوندو آهي، جنهن ۾ ٻنهي جي رضامندي شامل هوندي آهي.“
”پوءِ هي ڇا آهي....؟“ جج ڳالهايو
”گُڏي، گڏي جو وهانءُ آهي، جنهن ۾ مائٽن جي خوشي ته آهي، پر اُن جي قانوني ۽ شرعي حيثيت نه آهي. ان ڪري ته گڏي گڏيءَ جي وهانءَ ۾ ساٽ سنوڻ ته هوندا آهن، پر زندگيءَ جي سچائي شامل نه هوندي آهي.“ وڪيل ڳالهايو.
ڪورٽ روم ۾ مڪمل ماٺار ڇانيل هئي. جَج پين وات ۾ ڏئي سوچ ۾ ٻُڏل هو وڪيل ٻيهر ڳالهايو.
”جناب والا....! ريتون رسمون مثبت به هونديون آهن، ته منفي به. اهي اسان جي سڃاڻپ جو حوالو ضرور آهن، پر قانون کان مٿانهيون نه آهي. اسان وٽ اڄ به ريتن رسمن جي نالي ۾ مردن جي پيٽ ۾ عورتن کي وڏيڪ پوڳڻو ٿو پوي.“ وڪيل ڳالهايو.
”جناب والا....! منهنجي وڪيل دوست جي جذباتي تقرير جو هن ڪيس سان ڪوبہ تعلق نه آهي.“ هو ڪورٽ سڳوريءَ جو وقت زيان پيو ڪري.“ زاهد جي وڪيل ڳالهايو.
”ڪيس سان تعلق آهي....؟“

جج، زاهد جي وڪيل جي اعتراف ڪي رد ڪندي نصرت جي وڪيل سان مخاطب ٿيندي چيو.
”توهان پنهنجي موقف کي جاري رکو.“
وڪيل جي چپن تي مُرڪ وکري وئي. هن ڪجھ ڪاغذ جج صاحب ڏانهن وڌائيندي ٻيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو.
”جناب والا... منهنجي مؤڪلا جي شادي جڏهن ڪرائي وئي هئي، تڏهن هن جي عمر ڏھ سال ۽ زاهد جي عمر 12 سال مَس هئي. اها سندس راند روند جي ٻاراڻي وَهي هئي. هن برٿ سرٽيفڪيٽ ۽ اسڪول سرٽيفڪيٽ ۾ ڄم جون تاريخون درج آهن.“ هن عمر ۾ پيل نڪاح جيڪڏهن قانون ۽ شرعي طور درست آهي، تہ مان نصرت کي زاهد جي قانوني زال مڃڻ لاءِ تيار آهيان.“
جَج نَڪ تي رکيل عينڪ سان وڪيل جي پيش ڪيل ڪاغذن کي غور سان پڙهڻ لڳو. وڪيل ڪجھ ٻيا ڪاغذ جج ڏانهن وڌائيندي چيو.
”يوئر آنر.....! منهنجي مؤڪلا پڙهيل لکيل آهي. هن وقت سندس عمر ويھ سال اَٺ مهينا آهي.“ ان ڪري هن پنهنجي رضا خوشيءَ سان جنيد نالي نوجوان سان شادي ڪئي آهي. جنهن جو قانون ڪيس پورو حق ڏئي ٿو.“
جج جي چپن تي اڻ لکي مُرڪ وکري وئي. هو ڪنڌ جهڪائي ريڊر کي فتويٰ لکائڻ لڳو.
نصرت پنهنجي وَر جنيد ۽ وڪيل سان گڏ عدالت جي ڪمري مان ٻاهر نڪتي، تہ سندس چهري تي سوين ورنيون ريکائون هيون.

❋❋

# ٻـ جريب

جُونِ جي جوين جا ڏهاڙا هئا. ڪانءَ جي اک پئي نڪتي، تاڪ منجهند جو تاٽو هو. ڏنارَ مالُ ويهڪين تي مال کي ورائي ڳوٺ ڏانهن پئي آيا. ڏينهن جي ڪاڙهي واري تپش، مال ڀتاري کي ٻـ ساٽو ڪري وڌو هو. ڇيون ٻاهر نڪري آيون هئا. ڏمُ ساهہ جي بيماريءَ ۾ ورتل ماڻهوءَ جيان ساهہ جو هانبارو پئي لڳن. سڄ جي ڪوساڻ کان بچڻ لا ڏنار ويچارا انگوڇا ۽ پوتڙا پاڻيءَ ۾ پسائي، مٿي تي رکيون پئي آيا.

ڳوٺ جي اُبرندي پاسي وڏي اوطاق ۾ نم جي گهاٽي ۽ ٺڏيري ڇانوَ هيٺان ڳوٺ جا ماڻهو پٽ تي پراڻيون رليون ۽ تڏا وڇائي تاس راند ڪيڏي رهيا هئا. تہ ڪي وري لاٿل قميصون ڪلهن تي رکي سندن مٿان ايئن بيٺا هئا. جيئن مداريءَ جي ڪيل تماشي ۾ ماڻهون ميڙ ڪري بيهندا آهن. ڪانئن پرپرو ڇانوَ ۾ ڳوٺ جا ٻارڙا بلور راند ڪيڏڻ ۾ مصروف هئا. بجليءَ جي ڏگهي بريڪ ڊائون ڪري ڳوٺ جا ماڻهون ڏينهن ٺارڻ لاءِ نم جي گهاٽي ڇانوَ ۾ ايئن اچي مڙيا هئا. جيئن ڳوٺ ڏانهن ويندڙ آخري بس ۾ ماڻهو سٽجي چڙهندا آهن.

تاس راند جو مقابلو ٽڙڪن تي هو. گرميءَ جي شدت هوندي بـ رانديگر راند ۾ ائين گُم هئا جيئن ڪو عاشق پنهنجي محبوبہ جي پيار پرين پورن ۾ گم هوندو آهي. راند ڪيڏندڙن سان گڏ راند ڏسندڙن جي دلچسپي ڏسڻ وٽان هئي. نبن سان تاس جا پتا ريڏل پئي لڳا. تڏهن تہ هن مُبريءَ مٿان مُبري پئي ڏني. هر مُبريءَ تي راند ڏسندڙن ۾ نعرا ۽ هُوڪرا پئجي ٿي ويا. نبن تاس جي وڏن وڏن ڪيڏارين کي فٽ بال وانگر لت سان اُٿاري پئي ڇڏيو. رانديگرن نبن کي راند ۾ مات ڏيڻ لاءِ ڪيترائي حيلا هلائي ڇڏيا هئا پر اڄ نبن جي اڳيان ڪنهن جي بـ دال نـ پئي ڳري. لڳاتار راند ۾ پنهنجي فتح تي نبن ۽ سندس ساٿي رانديگر ڪنول جي گلن جيان پئي ٽڙيا.

اوچتو رَمون ڪُميت گهوڙي جيان ڊوڙندو اوطاق ۾ داخل ٿيو پنيءَ اگهاڙي ۽ انگوڇي جي گوڏ ٻڌل رَمُونءَ اُيساهيءَ واري اُڪڙيل لهجي ۾ دانهن ڪئي،

”اڙ......ي، ظلل......... م تي و............يو...... قهہ.......ر تي ...... ويو“

رَمون ڪي هن حالت ۾ ڏسي تاس ڪيڏندڙن جا تاس جي پتن مان هٿ نڪري ويا. سمورن جي بت مان ساهہ ڇڏائجي ويو هو. هر ماڻهو ڪنهن انديشي ۽ انومان ڪي ذهن ۾ آڻي، صدمي جهڙي ڪيفيت ۾ وڪوڙجي ڄڻ سُن ٿي ويو هو.

چاچي خميسي نيٽ ٻوڏاريل لهجي ۾ ڳالهايو.

”ڇورا! خير تہ آهي؟ ڇا ٿيو آهي؟ ڳالهہ تہ ڪر؟“

گرميءَ جي شدت ۽ تيز ڊوڙڻ جي ڪري رَمون هڦجي پيو. بيمار ڍؤر جيان هُلو پئي پيس. رَمون جيستائين ساهہ جاءِ تي ڪري، ماستر خان کان رهيو نـ ٿيو.

”اڙي چنبا.....! هاڻ ٿاڪ بہ سهي، ٿيو ڇا آهي؟“

”سائين....! ماستر خانہ.......و ڪارو ..........!“

رَمون جي واتان رڳو ايترو ئي نڪتو سهي ڪري هو وڌيڪ ڳالهائي نہ سگهيو. نڙي ۾ ڇپ خشڪ ٿي ويس.

بلور راند ڪيڏندڙ ڇوڪرن جو گوڙ وڌي ويو هو. اُهي بلور راند ۾ گدي ڪرڻ تان پاڻ ۾ تون ڇا، تون ڇا ڪانپوءِ گارين ۽ رانيوٽن جي حد تائين وڃي پهتا هئا. هڪ ٻئي کي لتون، مُڪون ۽ چماٽن جو وسڪارو لائي ڏنو هئائون. ماستر شمن، جيڪو ڳوٺ جي اسڪول جو هيڊ ماستر هو ۽ سمور اڇوڪرا سندس شاگرد هئا، تنهن ڪاوڙمان ڇُوڪرن کي گهروڙي پوندو ڏيندي چيو.

”اڙي ڪُتي جا پٽئو.....! چپ ٿتا ڪريو. ڪنهن جي ڳالهہ ٻڌڻ بہ ٿتا ڏيو. ڪبرين وارو ٽيڪو ڪٽي لاتو اٿوَ هَلو نڪرو هتان، تہ پنن تان ڪل نہ لاهي ڇڏيانوَ.“

ماستر شمن جي دڙڪن داٻن تي ڇوڪرن بلور ڪٽي قميصن ۾ پاسي وارن کيسن ۾ وڌا ۽ هُوڪرا ڪند اوطاق کان ٻاهر نڪري ويا.

ماستر شمن ڪلهي تي رکيل حاجين واري ڳاڙهي رومال سان منهن تان پگهر اُگهندي رمونءَ ڏانهن منهن ڪري چيو.

”ها، رَمون.....! هاڻي پيرائتي ڳالهہ ڪر، ڇا ٿيو آهي؟“

رَمون، جنهن جا ساهَ کجهہ سُڌير ٿيا هئا، تنهن اُتي نلڪي تان پاڻيءَ جا ٻہ چار ٻُڪ منهن تي هڻي نلڪي جي منهن ۾ وات وجهي پاڻي پيتو ۽ ڪٽ تي ويهندي چيو.

”ماستر خانوءَ کي مانجهيءَ جي ڇري پيٽ شميءَ سان اڪيئن ڏنو اٿن.“

”اهو وري ڪيئن؟“ دروءَ سوال ڪيو.

”گهر ۾ ڪوبہ مرد نہ هو. پاڙي جي ماسي جنت پنهنجي پٽ لاءِ مانجهيءَ جي گهران ٻوڙ مَٿائڻ لاءِ وئي، ٻوڙ ۾ ٿوري دير هئي، ان ڪري ماسي جنت جهٽ گهڙي شميءَ وٽ ويهڻ لاءِ جيئن ئي ڪمري ۾ داخل ٿي، تہ ماستر ۽ شميءَ کي خراب حالت ۾ ڏٺائين.“ رمون وراڻيو.

”پوءِ، ڪاري کي ڇڏي ڏنئون؟“ ربوءَ ڳالهايو.

”ماسي جنت ٻاهہ ٿي وئي، سياٽپ ڪري تڪڙ ۾ دروازو بند ڪري ٻاهران ڪڙو ڏئي ڇڏيائين. ماسي جنت جي رڙين تي گهر جون عورتون گڏ ٿي ويون ۽ ڪڙو کولي ماستر خانوءَ کي چپلن، ٺڪن، ٻُجن ۽ موچڙن سان چڱي ڦيهہ ڏنائون. پر ماستر عورتن کي ڌڪا ڏئي، اُتان کسڪي ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.“ رمونءَ پيرائتي ڳالهہ ڪئي.

”لک جي نالت هجيس، مروان پيٽان! ويچاريءَ ڇري ۽ اڀوجهہ نياڻيءَ مان بہ نہ مڙيو.“ چاچي خميس اشهد آڱر نڪ سان گسائيندي چيو.

”نانگ جا ٻچا بہ نانگ ئي ٿيندا آهن، پٽ پيءُ جي آڏ ڇڪي پٽس کي بہ تہ لاڙمان ڪارو ڪري، ڳوٺ

نيڪالي ڏني هئائون.“ ڦالوءَ پوتڙي سان منهن تان تمندڙ پگهر کي اُگهندي وراڻيو.

”بي ليمو مردار....! ٻـ شاديون ٿيل اٿس. پوءِ بـ لُنڊي ڪُتي وارا جهٽ پيو هڻي.“ نيڪو ڳالهايو.

”حيف هجيس. ڏوڙ پٽيس منهن ۾. استاد ۽ استاد جو پٽ هوندي بـ اهڙي لُنڊ پائي وارو ڪِنو ڪم ڪيو اٿس. ماستر شمن ڏک ظاهر ڪيو.

”اڙي. رَمون......! خبر پئي. تـ ڪا ڏي پڄي ويو....؟“ نبن جي لهجي ۾ ڪاوڙ ۽ ڏڪار هو.

”ويو هوندو پنهنجي ڳوٺ ٻيو وري ڪيڏانهن ويندو.“ هڪ ئي وقت هڪ ڪان وڌيڪ گڏيل آواز آيو.

”پوءِ هوندو پنهنجي ڳوٺ ٻيو ڪيڏانهن ويندو.“ هڪ ئي وقت هڪ ڪان وڌيڪ گڏيل آواز آيو.

”پوءِ هتي ويهي ڳالهيون ڇو پيا پڇايو. هلو تـ هلي پڪڙي ڪارو منهن ڪري ڏاڙهي مڇون ۽ ڀرون ڪوڙي گڏهـ تي چاڙهي ڳوٺ جي سرگس ڪرايونس ۽ پوءِ ڳوٺ جي وڏيري حوالي ڪريونس.“ نبن فيصلو ٻڌائيندي وراڻيو.

نبن جي صلاح وٺي. تـ سمورن ڪي. پر ننڍين نيٽن جي تـ دل وٺان هئي. دير ڇا جي هئي؟ ڪِن جتيون پائي ڊِڪ ڀري. تـ ڪن لٺل قميصون تڪڙ ۾ پائي نڪرڻ وارا ئي هئا. تـ اوپرندي ويڙهي جي چڱي ۽ نيڪ مرد جي هڪلن تي جي جتي هئا سي اُتي جڙ ڄمي ويا ۽ سواليا اکين سان چاچي جمن ڏانهن ڏسڻ لڳا. هن ڏيرج ساڻ ڇيو پئي.

”بيهو....! اُبهرا نـ ٿيو ابا...! پهرين ڏسون. تـ ڏٺي ڪهڙو قدم ٿا کڻن.“

”چاچا....! ڳوٺ جو مسئلو ناهي ڇا؟ ڏاريو ماستر ٻي ذات ۽ ٻي ڳوٺ جو. اسان جي ڳوٺ جي عزت ۾ هٿ وڌا اٿس. پوءِ بـ اسان کي روڪين ٿو؟“ شفوءَ ڪاوڙمان وراڻيو.

”منهنجو وس پڄي تـ هڪ ئي ڌڪ سان مُنڍي ڌڙ ڪان ڌار ڪري ڇڏيانس.“ نيڪوءَ ڳالهايو.

”بروبر. ابا.....! ماٺ ڪري تـ اسين بـ ڪونـ ويهنداسين. پر ابا....! جيڪو ٿيڻو هو سو تـ ٿي ويو. ڏڏو ڪير ٽڻين ڪونـ پوندو. ڏسون. تـ ڇوڪريءَ جو پاءُ مانجهي ڇا ٿو ڪري؟ اسان کي بـ ان جي صلاح ثباب سان قدم کڻڻو پوندو.“ چاچي جمن جي ڳالهائڻ ۾ زماني گيري هئي.

”مانجهي وري ڇا ڪندو؟“ نبن ڳالهايو.

”ابا جتي باهـ ٻري. سا جاءِ جلي“ ماٺ ڪري تـ ڪونـ ويهندو. ڪجهـ عقل ۽ سهپ ڪان ڪم وٺو“ چاچي جمن ڪين ٽڏو ڪندي وراڻيو.

”ماستر خانوءَ جو مَنُ وڏايو ئي مانجهيءَ پاڻ آهي. جڏهن عرس ۽ وارث ڪيس سمجهايو هو تـ ماستر خانوءَ کي گهر اچڻ نـ ڏي. تڏهن ڪين ڪلي ڇيو هئائين تـ ”منهنجي گهر ۾ ڪراڙي امڙ ۽ ڇري ڀيڻ ڪانسواءِ ڪير آهي جو ماستر خانوءَ مان ڊپ ڊاءُ ڪريان؟“ خيرو ڳالهايو.

”اهڙو غيرتي هجي ها تـ ننگن کي اڪيلو ڇڏي شهر ۾ نـ رهي ها.“ شفوءَ ڳالهايو.

”بروبر. ابا....! پر ننگ هر ڪنهن کي پيارا آهن.“ هيڏو وڏو ڪارنهن جو معاملو آهي. ڪجهـ تـ لڇندو پڇندو ضرور.“ چاچي جمن وراڻيو

شمي ۽ ماستر خانوءَ واري ڳالهه چاليهي جي باهه جيان سڄي تر ۾ پکڙجي وئي هئي. جيترا هئا وات، اوتريون هيون ڳالهيون. واقعي تي ڪچهرين ۾ چٽڙواڳ تبصرا به هليا پئي، ته معاملي ۾ مرچ مصالحه ملائي وڏائي چڙهائي پيش به ڪيو پئي ويو. واقعي جو اطلاع مانجهي خان کي به ڏنو ويو.

تن ڏهاڙن ڪانپوءِ، مانجهي خان ڳوٺ پهتو ته تتل ڪڙهائي وانگر تڇڪيو پئي. مڙس هٿن مان پئي ويو. واڇن مان گف پئي ڳڙيس. ان رات پنهنجي گهر برادريءَ جي ڪجهه ماڻهن کي سڏائي پاڻ سان ٿيل ارهه زورائي تي ساڻن ڳالهيون ڪري، ڪين اعتماد ۾ ورتائين.

ٻئي ڏينهن تي مانجهي، برادريءَ جا ٻه چار ماڻهو ساڻ ڪري ڳوٺ جي وڏيري وٽ دانهي ويو. ته وڏيري جي اوطاق تي سمورو ڳوٺ مڙي آيو هو. ڳوٺ وارن کي مانجهيءَ سان همدردي هئي. وڏيري جڏهن مانجهيءَ کان خبرون ورتيون ته، مانجهي ڪاوڙ ۾ ٻانهون کنجي اُٿي بيٺو ۽ جذباتي لهجي ۾ چيائين،

”پوتار....! منهنجي پيڻ شمي ابوجهه آهي، سڄي ڳوٺ کي خبر آهي ته ڪيس دنيا جهان جي ڪابه خبر نه آهي. هوءَ پاڪ صاف ۽ ڪير جهڙي اڇي اُجري آهي.“

”مانجهي.....! ڳالهه شميءَ جي ڪانهي، پر ماستر خانوءَ جي آهي.“ وڏيري ڳالهايو.

”پوتار....! درست ٿا چئو. ماستر خانوءَ سان اسان جي وڏن کان وٺي پت پاڻيءَ جو رشتو آهي، مون سان جيڪا بي واجبي ٿي آهي ان جو وهنوار ۽ حساب ڪتاب وٺي ڏيو....!“ هُو ماٺ ٿي ويو.

”ها، ها چئه....، مانجهي .....!“ وڏيري چيو.

”ماستر خانو ڪارو نه آهي، علڻ جي زال ماسي جنت منهنجي ابوجهه پيڻ تي ماستر خانوءَ جو ڪوڙو ڊرامو ٺاهي الزام هنيو آهي ۽ سڄي ڳوٺ ۽ تر ۾ منهنجي عزت جو تماشو بڻايو آهي، ان جو مون کي وهنوار ۽ حساب ڪتاب وٺي ڏيو“ مانجهيءَ وراڻيو.

وڏيري سميت ويٺلن جا مٿا چوڏس ڦرڻيءَ جيان ڦرڻ لڳا، ڏندين آڱريون اچي ويون هئن. ماٺ جون مورتيون بڻجي ويل ڳوٺ جي ماڻهن جون اکيون تڪ ٻڌي مانجهيءَ ۾ برف جيان ڄمي ويون. وڏيري کي اشهد آڱر وات ۾ ڏئي سوچ ۾ ٻڏل ڏسي ڪمدار ملوڪ اڳتي وڌيو. هن پنهنجو منهن وڏيري جي ڪن جي ويجهو آڻي سنهين سُرٻاٽن ۾ ڪيس ٻڌايو ته،

”پوتار...! اصل ڳالهه اها آهي ته ماستر خانوءَ جو چاچو ۽ مامو ڪلهه برادريءَ جا ٻه چار ماڻهون ميڙ ڪري مانجهيءَ وٽ شهر ڏي ويا هئا ته، ”اسان کان خطا ٿي آهي، اسان کي بخش ڪر ۽ ٻه جريب زمين جيڪا تنهنجي زمين سان ڪلاس ۾ آهي اها به توکي ڏنڊ ۾ لکي ٿا ڏيون.“

ملوڪ جي ڳالهه ٻڌي، وڏيري ٿڏو ساهه کڻي چپن ئي چپن ۾ چيو ”مار....! ٻه جريب زمين، ماستر خانوءَ کي ڪاري مان ڪير جهڙو اڇو اجرو ڪري ڇڏيو.“

**

# ڪارو ڏاڳو

رئيس علڻ خان، حڪيم جي ڏنل ڪُشتي سان، رات کي رنگين ڪري، مَدَ جي چڙهيل سستيءَ ۾ لڏندو لمندو، بنگلي جي ڏيوڍي ٽپي گهر ۾ داخل ٿيو. سانت ۾ ٻڏل گهر مان ڇُڻ ڇُڻ جا پڙلاءَ ڪن تي پيس، ته ڇرڪي بيهي ڪنائڻ لڳو. ڇُڻ ڇڻ جا آواز سندس ڌيءَ نسيم جي ڪمري مان پئي آيا. هو اڳتي وڌي ڪمري جي دروازي سان لڳي ڪنائڻ لڳو. هو ٻه چار جُملا جيڪي جهٽي سگهيو اُهي ٿورو لکيو گهڻو سمجهڻ واري لاءِ گهڻو ڪجهه هئا. نشا هرڻ ٿي ويا هئس. مئي جا سُرور، ڪاوڙ ۾ ٻڏل ۽ پڳهر جي صورت ۾ نراڙ تان وهڻ لڳا هئس. اکين اڳيان غريب پورهيت نوروءَ جي ٻي ٻهچ نياٽيءَ جو چهرو، ڦرٽيءَ وانگر اکين اڳيان ڦرڻ لڳو هئس، جنهن کي ڪجهه دير اڳ ڪنيائي، چادر وانگر جسم سان ويڙهي، گُهنج گُهنج ڪري، گهر اُماٽيو هئائين. جسم ۾ ڏڪڻي اچي ورايس.

ڪاوڙ ۾ جسم سان گڏ شهپرن جا وار به ڦڙڪيس پئي. هڪ مُئيون پڪوڙجي ويون هيس. سمجهه ۾ ڪجهه نه پئي آيس، ته ڇا ڪري؟ يڪدم چيلهه سان ٻڌل مائوذر ڪڍي ورتائين، پر ٻُت ۾ ايتري سگهه نه هئس، جو مائوذر هٿ ۾ جهلي سگهي.

هو فرش تي ويهي، اُپا ساهه جائيتا ڪرڻ لڳو. ڌيءَ نسيم جو چهرو اکين اڳيان ڦرڻ لڳس. ڇئن پائرن جي اڪيلي ڀيڻ ۽ سندس وڏهر ڌيءَ نسيم جي متي ۾ چانديءَ جون تندون ظاهر ٿين لڳيون هيون، پر سندس هٿ پيلا نه ٿيا هئا. ايئن به ڪونه هو ته رئيس علڻ خان وٽ، نسيم لاءِ جوڙجيس ۽ برابري حيثيت وارا رشتا نه آيا هئا. علڻ خان، نياٽيءَ کي پرٽائي پنهنجي مُڇ جي وار کي هيٺ ٿيڻ نه پئي ڏنو. ڪو مائيءَ جو لالُ سندس نياٽو سڏائي، اها ڳالهه ڪيس پسند نه هئي. اميدن جي اُپريل سج جا پاڇا، جڏهن، سماج جي هٽرادو مڙهيل قانون سان مٿو ٽڪرائي، مايوسيءَ جي لاهو سج وانگر رواني تي هئي.

ماسي منل ڳالهايو.

”مائي مون کي ته ڪابه ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه ٿي اچي.“

رئيس علڻ خان وراٽيو.

”ابا... ماٺ ميٺ ۾ ويندا سين. ڪنهن جي ملائڪن کي به ڪل ڪانه پوندي“ ماسي منل چيو.

رئيس علڻ خان ڪابه ورندي نه ڏني. ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو.

ٻهريون سَهائو سومر ڀيٽي، نسيم ماءُ سان گڏ موٽي، ته اڌ بيماري ڇڏي وئي هئس. پورل شاهه جو ڪارو ڏاڳو ٻڌو هئائين، ته دورا پوڻ به بند ٿي ويا هئس. خوش رهڻ لڳي هئي. بيماريءَ جي جڙ پاڙ پٽجي وئي هئي. ساڳيا هار سينگار، ساڳيو آرسيءَ سان جهيڙو، ساڳي کل خوشي. جڻ ڪجهه ٿيو ئي نه هو. نه رڳو نسيم جي ماءُ پر گهر جا ڀاتي به خوش هئا. پورل شاهه جي ڪاري ڏاڳي ۽ ڪرامت جا چرچا هئا ڳوٺ ۾. نسيم جي ڇڱ ڀلائيءَ جي زنده مثال سان. پورل شاهه جي تڙ ۾ هاڪ پئجي وئي هئي.

پورل شاهه، نسيم جي ماءُ کي ٻڌايو هو ته ڇوڪريءَ تي زبري جن جو اثر آهي في الحال ته ڪوبه

نقصان نہ پهچائيندو، پر سدائين لاءِ چوٽڪارو ضروي آهي. ان لاءِ توهان کي ست ڀيرا سهائي سومر تي اچڻو پوندو. نسيم ماءُ سان گڏهہ ڇهہ سهائا سومر تہ پورل وٽان ڀيرو ڪري آئي هئي. ستون سومر وڃي بچيو هو. ان کان اڳ جو نسيم جي ماءُ ڪيس ستين سومر پيرڻ لاءِ وٺي وڃي، ڪيس نسيم ۾ ڪا ڳالهہ ڪٽڪڻ لڳي هئي. سڀاڻ ستون سومر هوءِ اڄ ماڻس نسيم سان جهيڙو لائي ويٺي هئي.

نسيم جي ماءُ جي تکو ڳالهائڻ تي علڻ خان اُٿي بيٺو ۽ ڪن سرلا ڪري دروازي سان لڳائي ڇڏيائين. هن ڪاوڙ مان چيو پئي،

”ڇوري،...! اڪيون ڦاڙي ڇا پئي ڏسين؟ ٻڌائين ڇونہ تي تہ اهو اچو منهن ڪٿان ڪرايو اٿئي؟“

”امان...! ايئن پئي پڇين، ڄڻ توکي ڪا خبر ئي ڪانهي؟“ نسيم جو لهجو بہ تکو تي ويو هو.

”اڙي، مُنيس،...“ ڇوري مون کي ڪهڙي خبر، تہ تو ڪٿان منهن تي دانگي مَلائي؟“

”امان... پاڻ کان پُڇ، اهو سمورو تنهنجو ڪيو ڪرتيو آهي.“

لاڙُو ٿيڻ لڳا هئا، تڏهن کان نسيم بيمار رهڻ لڳي هئي، بيوشيءَ جا دورا پوڻ لڳا هئس. رئيس علڻ خان شهر جي وڏن ڊاڪٽرن کان سندس علاج ڪرايو. پر نسيم جيئن پوءِ تيئن پِتر جيان پُرندي پئي وئي. نسيم جي ماءُ ڊاڪٽرن جي علاج کان تنگ تي، ڏاڳن ڦيٽن جو گسُ وٺي ڏيءُ کي ڇڳو پلو ڪرڻ پئي گهريو، پر رئيس علڻ خان ڪيس ايئن ڪرڻ نہ پئي ڏنو.

هڪ ڏينهن علڻ خان جيئن گهر آيو، تہ نسيم کي شديد دورو پيو هو. هوءَ بيهوش تي وئي هئي ۽ وات مان گف پئي وهيس. ڏندڻ پئجي ويا هئس. ڳوٺ جي ڪراڙي ماسي مِٺ، سَرائيءَ سان سندس ڏندڻ پئي ڪيڍيا. گهر جون عورتون ۽ نوڪرياڻيون ميڙاڪو ڪري مٿان بيٺل هئس. ڏندڻ ڪيڻ کان پوءِ ڪراڙي ماسي مِنل، گلاس مان پاڻيءَ جا ڇنڊا منهن تي هڻيس، تہ هن اکيون کوليون ۽ نماڻين نهارن سان چوڌاري ڏسڻ لڳي. سندس نگاهہ رئيس علڻ خان تي پئي، تہ اکين مان بي اختيار ڳوڙها ڳڙي پيا هئس ۽ سڏڪن ۾ پئجي وئي هئي. نسيم جي ماءُ جيڪا بارود جيان ڀري ويٺي هئي، علڻ خان کي ڏسي، ڄڻ چٽنگ ڏس ورتي هئائين.

”توکي گهٽا ڀيرا چيو اٿم، تہ ڇوڪريءَ کي غيبات جي لڳل آهي، تڏهن، تہ ڪابہ دوا اثر نٿي ڪري، پر تون آهين، جو....!“

”مان بہ ڇا ڪريان؟ علاج تہ گهٽا ئي ڪرايا اٿم.“ رئيس علڻ خان بہ پريشان تي ويو هو.

”مُئو ابو، انهن ڊاڪٽرن جو لڳت کي ڊاڪٽر ڇا ڪندا؟، چوانءِ پئي، تہ ڇوڪريءَ کي سائين پورل شاهہ کان پڙهت ڪرائي ڏاڳو وٺي ڏيون.“ نسيم جي ماءُ چيو.

”تنهنجو تہ اچي مٿي ۾ اچي ڏاڪو ترڙيو آهي.“

”ڏاڪو منهنجو نہ پر تنهنجو اچي تِڙيو آهي، پورل شاهہ وٽ ڇڱا ڀلا راڄ پيا ڳاهٽ ٿين. سڀ چريا آهن. اَتي لَپَ ڪونہ ٿا ڪائين.“

”ابا.....! سانئڻ جو چوڻ ڪٽي ڪٽي مَڄ. اڪئين ڏسيون پئي اچان. ڪالهہ پري کان هڪڙي جوان

ڇوڪريءَ کي گاڏيءَ تي ڪٽي آيا هئا. سائين پورل شاهه جي پڙهت ڪانپوءِ، ڇوڪري ڪلندي گاڏيءَ ۾ وئي.“

”آئي، گهوڙٽ...! ڏسو تہ سهي، اُلٽو مونکي پئي ڏوهي ڪرين.“ ماڻس جو لهجو روئڻهارڪو هو.

”ها، امان...! تون ئي ذميدار آهين، اُنجي.“

”ڇوري، ڪيئن...؟ آءٌ بہ تہ ٻُڌان.“

”تون ئي مون کي پورل شاهه وٽ وٺي هلينءَ ۽ پورل شاهه سان ڪمري ۾ ائين اڪيلو واڙي ڇڏيئي، جيئن ٻڪري، بگهڙ جي هٿ ۾ ڏبي آهي. پورل شاهه ئي مون سان ...!“ هن ڪان اوچنگار ڇڏائجي وئي.

”اَئي، نياڻي، نِندوري.... ڪامل مُرشد تي ڪوڙُ هٽي، پنهنجو پاپُ پئي لڪائين؟“

”بکيو بگهڙ آهي، وحشي ۽ زناور، مون جهڙيون الائجي تہ ڪيتريون نياڻيون هن جو نشانو بڻيون آهن.“

”تو دانهن ڪُوڪَ بہ نہ ڪئي.“

”دانهون تہ ڪيم، پر تو خليفي جي چوڻ تي سمجهيو تہ پيرُ جِن سان جهيڙو پيو ڪري، پر هن تہ .....!“ هوءَ سُڏڪن ۾ پئجي وئي.

رئيس علڻ خان ٻُت بڻيو بيٺو رهيو. ٻت مان ساهه ڇڏائجي ويو هئس. سڄو بنگلو ڦِرندو محسوس پئي ٿيس. هن اونهو ساهه کڻي مائوذر واپس رکيو ۽ اڳتي وڌي پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃڻ بدران پويان پير ڪري، واپس بنگلي ڏانهن وڃڻ لڳو. رئيس کي ساڳين پيرن تي گهران واپس ايندي ڏسي، بنگلي جا نوڪر پريشان ٿي ويا.

هن پراڻي نوڪر عدلوءَ کي سڏ ڪيو ۽ ڪيس مال جي وٿاڻ مان مئنيجر کي سڏي اچڻ لاءِ چيو ۽ اڳتي وڌي پاڻ کي پلنگ تي ائين ڦٽو ڪيائين، جڻ جُوا جي داءَ ۾ سڀڪجهه هارائي ويٺو هو. مئنيجر سهڪندو ڪمري ۾ داخل ٿيو تہ رئيس علڻ خان بيٺ تان اُٿي، سگريٽ دکائي وڏو ڪش هنيو. مئنيجر معاملو نہ سمجهڻ واري حيرت مان ڪيس ڏٺو پئي. هن ڪيس سڏي ويجهو ويهاريو ۽ پوءِ ڪيس سرٻاٽن ۾ ڪجهه چيو. مئنيجر ٻئي هٿ ڇاتيءَ تي رکي، ڪنڌ کي هاڪار ۾ لوڏي، ٻاهر نڪري ويو.

صبح سوير اجان پنپراڪو هو سج ڪني بہ نہ ڪڍي هئي، تہ سڄي ڳوٺ ۾ هُل پئجي ويو هو. ننڍي وڏي، مرد توڙي عورت جي وات وائي هئي، تہ ”قهر ٿي ويو، بغداد ٿي ويو.“ سادن ماڻهن نہ پئي ڳالهايو پر سندن ذهنن ۾ پريل عقيدي جي بارود پئي ڳالهايو. ائين پئي لڳو جڻ ڳوٺ جي هر گهر ۾ قضيو ٿيو هو. ڪن گهرن مان، تہ عورتن جي روئڻ ۽ پار ڪڍڻ جا آواز بہ آيا پئي. هنن لاءِ وڏي ڏک ۽ ماتم جهڙي بہ ڳالهہ ئي تہ هئي. ان ڪري، تہ سادن ماڻهن نہ پئي ڳالهايو پر سندن ذهنن۾ پريل عقيدي جي بارود پئي ڳالهايو. اها خبر هنن مٿان وڏي ڇِپَ وانگر ڪِري هئي، تہ رات دير سان، وڏي اَسر ڏاري، ڪي اڻ سڃاتل هٿياربند، سائين پورل شاهه جي آستاني ۾ گهڙيا ۽ لڳاتار فائر ڪري، ٻن خليفن سميت ڪيس موت جي ننڊ سمهاري ويا هئا.

# پـهـريـون پـيـار

محبت جي سفر ۾ جڏهن ڪو همسفر، راهون جدا ڪري، ساٿُ ڇِني ٿو وڃي، تہ اهو سار جو سارس ٻڻجي، سدائين لاءِ من ۽ ذهن تي پنهنجا پَر پکيڙي، اُڏام ڀريندو ٿو رهي. پوءِ جڏهن زندگي جي سفر ۾ ڪٿي ٽڪ مسافر جيان جدا جدا راهن جا مسافر پاڻ ۾ ملندا آهن، تہ وقت جو ڦيٿو اُبتو ڦِرڻ لڳندو آهي. گذريل لمحا، ڏکندڙ يادون ۽ ننڍاڪڙا جذبا ڪر موڙي نراس سرير ۾ تحرڪ جون لهرون اُڀاري ويندا آهن.

وچڙڻ ڪانپوءِ هوءَ، اڄ جڏهن ٻن ٻارن جي ماءُ ٻڻجي سندس اڳيان ويٺي هئي، تہ اُن وڇوڙي کي پورا چار سال ٿيا هئا. شاديءَ ڪانپوءِ پهريون ڀيرو سندس گهر آئي هئي.

وري وچڙڻ جي يقيني احساس واري مختصر ميلاپ جي هنن ساعتن سندس ذهن ۾ ڏياري جي ڏيئن جهڙيون يادون ٽمڪڻ لڳيون هيون. وچڙڻ ڪانپوءِ هو ڪيس هڪ پل لاءِ بہ وساري نہ سگهيو هو. سندس يادن سهاري جيئڻ لڳو هو. هوءَ گهر جي آڱر ۾ نم جي گهاٽي ڇانءَ ۾ سندس ماءُ، ڀينرن ۽ ڀاڄاين سان ويٺي هئي. ٻئي ٻارڙا کٽ تي ستل هئس. هو گهر جي ورانڊي ۾ کٽ تي ويڙهيل هنڌ کي ٽيڪ ڏئي ايئن آهليو پيو هو، جو هوءَ سندس نگاهن جي ٺيڪ سامهون هئي. هن ظاهري ڏيک مان ائين پئي محسوس ڪرايو، ڄڻ هن کي سندس اچڻ ۾ ڪا بہ دلچسپي نہ هئي. رکي رکي ٻنهي جي سوال اکين جون نهارون، جوابن جا ڀيرا ڪٽي هڪٻئي ڏانهن آيون ويون پئي.

زاهده، ننڍي لاڪون ڏاڍي چنچل هئي. امجد سان گهٽي لڳندي هئس. ذات برادري ۾ تہ ڪانہ هئي، پر پاڙي ۾ گهر گڏيل هئڻ ڪري، ٻنهي گهرن جو پاڻ ۾ سڱن مِٽن جهڙو تعلق هو. اوکي سوکيءَ ۾ ٻنهي گهرن کي هڪٻئي لاءِ ايترو تہ سيڪُ ايندو هو جيترو رت جي رشتن کي ايندو آهي. اهو ئي ڪارڻ هو جو زاهده ننڍي هوندي کان ئي سڄو ڏينهن سندن گهر هوندي هئي. امجد جي ننڍي ڀيڻ شڪيلا سان گهاٽي ساهيڙپ هئس، پر گهڻو وقت امجد سان ڳالهيون ۽ مستيون ڪندي گذرندو هئس.

ٻاراڻي وهي جڏهن سمجهہ ۽ شعور جا ڏاڪا اُڪري الهڙ جوانيءَ جي حدن کي ڇُهڻ لڳي، تڏهن ننڍ پڻ جو فطري لڳاءُ، پيار ۾ ايئن بدلجي ويو جو ان جو ڪين پتو ئي ڪونہ پيو. اکين جي اٽڪاءَ سان دلين جي ڌڙڪن جو وڌڻ ۽ اکين ۾ حجاب جا ڏورا لهي اچڻ، سندن پيار جو اهڙو سچ هو جنهن کي ڪنهن بہ اظهار جي محتاجي نہ هئي. هونئن بہ جڏهن ننڍپڻ جي ذهني هم آهنگي، ٻاراڻي وهيءَ جا ڏاڪا اُڪري، چري مُند جي چاهت جي معنيٰ ۾ بدلجي ٿي وڃي، تڏهن ڪوري ڪاغذ جهڙي مَن، ذهن جون سوچون بہ سامائجي جوان ٿي ويندريون آهن. اکين جي خوابن جا عنوان بدلجي ويندا آهن.

زاهده گُڏين راند بدران ڀرتَ ۽ ٽوپي ۾ دلچسپي وٺڻ لڳي هئي. توڙي جو ٻاراڻي وَهيءَ مان ڀرپور

جوانيءَ ۾ پير رکيو هئائين، پر طبيعت مان چنچلتا اجان نہ وئي هئس. ايترو ضرور ٿيو هو تہ ان چنچلتا ۾ وهيءَ ڦُلار جو حجاب شامل ٿي ويو هئس. زاهد سان ملڻ وقت بہ سندس رويو چنچل هوندو هو پر زاهد جڏهن ڪيس گهوري ڏسندو هو شرم کان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيندي هئي، يا اُتان کِسڪي ويندي هئي.

هڪ ڏينهن ٽاڪ منجهند جي مهلَ، جڏهن امجد جي گهر جون عورتون، گهر جي آڳر ۾ نم جي گهاٽي ڇانءَ ۾ پرت پرڻ ۽ ڪچهريءَ ۾ مصروف هيون ۽ امجد ڪمري ۾ ڪجھ لکي رهيو هو هوءَ ڪمري ۾ داخل ٿي. ٻئي هٿ ڇيلھ تي رکي چيائين.

”ڪهڙا اَڪ ڪارا پيو ڪرين؟“

”اَڪ نہ، پر پَنا ڪارا پيو ڪريان.“

”ڳالھ تہ ساڳي ٿي نہ....!“

هوءَ کٽ جي پيرانديءَ کان ويهي رهي. هٿ ۾ ڪجھ هئس جيڪو امجد کان لڪايائين پئي. نيٺ هٻڪي چيائين،

”امجد“

”ها، چئہ زاهده...!“

”هن ڪپڙي تي نالو تہ لکي ڏي“ هن رومال جو ڪپڙو امجد ڏانهن وڌائيندي چيو.

امجد ڪانئس رومال وٺي ڏسندي چيو،

”ڪنهن جو نالو لکان؟“

”توکي ڄڻ خبر ئي ڪونهي؟“

پلا، مون کي ڪهڙي خبر؟“

”جيڪو نالو مون کي وڻي ٿو.“ هن شرمائيندي چيو.

امجد وڏا ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳو ۽ زاهده وائڙين نگاهن سان ڪيس ڏسڻ لڳي ۽ پوءِ ڪاوڙمان چيائين،

”ان ۾ کلڻ جي ڪهڙي ڳالھ آهي؟“

”ڳالھ کِلڻ جهڙي ئي آهي.“

”ڪيئن؟“ هوءِ ڪاوڙجي پئي هئي.

”پلا، مون کي ڪهڙي خبر تہ توکي ڪهڙو نالو وڻي ٿو؟“

هوءَ روئڻهارڪي ٿي وئي ۽ يڪدم کٽ تان اُٿي، امجد جو هٿ وٺي، پنهنجي مٿي تي رکندي چيائين،

”هاٿي ٻڌاءِ، تہ توکي خبر ناهي تہ مون کي ڪهڙو نالو وڻي ٿو.“ اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو هئس.

”اڙي بابا... مون بس ڪئي، مون تہ مذاق پئي ڪئي.“

”امجد...! مون کي اهڙي مذاق بلڪل نٿي وڻي.“

”چڱو بابا..... نيڪ آهي.“

امجد رومال کولي، ان تي پنهنجو نالو لکي ڪيس موٽائي ڏنو. ته هن جي خوبصورت چهري تي خوشي جون ريکائون رقص ڪرڻ لڳيون. هن امجد جي ڳٽي تي زور سان چهنڊڙي پاتي ۽ پوءِ ٺهڪ ڏيندي ڪمري مان نڪري وئي.

اها رات امجد خوشيءَ ۾ سمهي نه سگهيو هو. نينهن جي پيار تي جوانيءَ جي اظهار جي مُهر جو لڳي هئس. خوشي ۽ سرشاريءَ جي عالم ۾ ڪيس ننڊ نه پئي آئي. ان ڪيفيت ڪيس ايترو ته سُرور پئي ڏنو جو اکين مان ننڊ، پر ڪري اڏامي وئي هئس. پاڻ کي دنيا جو خوشنصيب انسان پئي سمجهيائين. زاهده جو ڪلمڪ چهرو اکين اڳيان پئي ڦِريس. گهٽي رات گذرڻ کانپوءِ پاسا ورائيندي، ننڊ ديويءَ ڪيس پنهنجي ياڪرن ۾ ڀريو ته ڪيس ڪا ڪَلَ ئي نه پئي.

ڪجهه ڏهاڙن کانپوءِ زاهده وٽس آئي، ته گهڻو خوش پئي لڳي. سندس نالي وارو ڀرت ڀريل رومال هٿ ۾ هئس. امجد کانئس رومال وٺي ڏسڻ لڳو. رومال جي چوڌاري گل ٻوٽا ۽ وليون هيون ۽ وچ ۾ سندس نالو ڀرت سان ڀريل هو. جيڪو هن پنهنجي نازڪ هٿڙن سان، پيار جي رنگين ڌاڳن سان ڀريو هو. امجد رومال اکين تي رکيو ۽ پوءِ چمڻ لڳو. زاهده، سندس هٿ مان رومال کسي ورتو ۽ وڏو ٺهڪ ڏئي چيو.

”امجد....! هيءُ رومال تنهنجي لاءِ نه آهي.“

”ته پوءِ ڪنهن جي لاءِ آهي؟“

”مون پنهنجي لاءِ ڀريو آهي.“

”تون ڇا ڪندينءَ هن رومال کي؟“

”هَر هَر چُمي، تنهنجي ناءَ کي سيني سان لائي رکنديس.“

اَڄ ان کي سال گذري ويا آهن. وقت جا بي رحم واچوڙا، ٻن پيار ڪندڙ دلين کي اُڏائي ڌار ڪري ويا آهن. ڇئن سالن کان پوءِ ٻئي پهريون ڀيرو هڪٻئي جي سامهون بُت بڻيا ويٺا هئا. اجنبي.. اجنبي.. ٻئي خيالن ۾ گُم هئا.

امجد جون اکيون ته زاهده ۾ هيون، پر ذهن ۾ واچوڙن جهڙا سوال ڦيريون پائي رهيا هئس، جيڪي هن اکين ئي اکين ۾ زاهده ڏانهن اُماڻيا پئي.

”زاهده....! مون ته توکي پنهنجي وجود جي جملي سچائين سان چاهيو هو. تنهنجي پيار ۾ پاڻ کي اَرپي ڇڏيو هئم. ڪڏهن سوچيو به نه هئم، ته ڪو تون ايئن به ڪندينءَ! پيار جي ان هڪ طرفي روپ ڏانهن ته مون سوچيو به نه هو. وڇڙڻ کان اڳ ايترو ته سوچين ها، ته توکان بنان مان ڪيئن جي سگهندس؟ تون، ته جياپي جا سڀ سهارا کسي، اڪيلائين جي رِڃَ ۾ رولي وئي آهين، پر مون هڪ پل لاءِ به توکي نه وِساريو آهي. تون اڄ به منهنجي ساهَ ۾ وسيل آهين. تون ئي منهنجي پهرين ۽ آخري چاهت آهين. مان اڄ به توکي اوترو ئي پيار ڪريان ٿو.“

هوڏانهن زاهده جي اکين جي التجائي نهارن ۾ ڪيئي اڻ چيون عبارتون هيون. هن اکين ئي اکين ۾ ڪجهه چوڻ پئي گهريو. گونگيون وضاحتون هيون، جيڪي هن نهارن وسيلي امجد تائين پهچائڻ

جي ڪوشش ڪئي پئي. هن اڪين ئي اکين ۾ ڪوڙ ساريون ڳالهيون پئي ڪيون. اُهي ڳالهيون، جيڪي سماجي بندشن واري ماحول ۾ زبانن مان ادا ٿي نه سگهنديون آهن، پر اکيون زبان بڻجي اظهارينديون آهن.

پوءِ اوچتو امجد ٽپ ڏئي ڪٽ تي سڌو ٿي ويهي رهيو. اکيون زاهده ۾ هئس، ڪيس زاهده وٽان سمورن سوالن جا جواب ملي ويا هئا. سموريون وضاحتون معنائن جا ويس اوڍي سامهون اچي ويون هئس. هن ڪي سچ جي اُپرڻ جيترو يقين ٿي ويو هو ته زاهده ڪيس اڄ به ناهي وساري سگهي. هن کي سمجهه ۾ اچي ويو هو ته، عورت جو پهريون پيار سندس ساري زندگيءَ جو سرمايو هوندو آهي.

هن جون اکيون پاڻيءَ سان پرجي ويون هيون. هن لڙڪن هاڻين اکين جي ڏنڏلايل نهارن ۾ زاهده کي ڏٺو پئي، جنهن جي هٿ ۾ امجد جي نالي وارو پرت پريل رومال هو. جنهن سان هن امجد جي پيار جي حصي جا اکين ۾ اوتجي آيل لڙڪ اگهيا پئي. هن پيار جي رومال کي اکين جا لڙڪ اگهڻ جي آسيس بڻائي ورتو هو.

❊❊

# ڪـــاري

نورُ جڏهن ٻِيو واري ڳوٺ مان، ذات برادريءَ جي ڇوڪري ساران کي ڪورٽ ۾ بيان ڏياري، پيار پرڻو ڪري گهر وٺي آيو هو ته گهر ۾ ممڻ مچي ويو هو. پُٽن کي مٽي تي موڙون ٻڌي ساٿن سنوٽن سان ڳائي وڄائي پرڻائڻ جون آسون سانڍي ويٺل ماءُ جو ته جڻ هِينئون ڦِسي پيو هو. هن ته ڪڏهن سوچيو ته ڪونه هو ته سندس لاڏلو ۽ موپي پُٽ، سندس ارمانن تي پاڻي ڦيري، ائين ٻُسو گهوٽ ٿي گهر ايندو. ان کان سواءِ سندس هنيانءَ جا ڳچ ان ڪري به ڳريا پئي، ته هن پنهنجي موُپي پاءُ وٽان لاڏڪوڙ مان پٽ کي مڱايو هو. اها ڳالهه جڏهن سندس ڀاءُ ٻڌندو، ته ساٽس مُئي جيئري ناتو ڇِني ڇڏيندو. هن اڳتي وڏي گهر آيل نئين ڪنوار کي ٻَلئه ڏئي، آجيان ڪري ڪٽ تي ويهارڻ بدران وڏي اوچنگار ڏئي، پُٽَ کي ڏوراپو ڏيندي چيو.

”او ابا...! اهو ڇا ڪيئي؟ ڪوڏن جهڙي مڱ ڇڏي پرائي نياڻي پَڄائي آندي اٿئي. ان کان ته چڱو هو، مُئي ماءُ کي گهٽو ڏئي ڇڏين ها.“

پٽس به هٿَ ماٽس کان به اڳرو هو. ڪاوڙ ۾ وَهلور پئي ويو. هن گهروڙي پوندڙو ڏيندي چيس،

”ٻُڏي مرين ها، مُردار....! لڄائي ماريو اٿئي. ذات برادري ۾ پاڙي ۾ ڪنڌ ڪٽڻ جهڙا ڪونه رهيا آهيون.“

”بابا....! پيار ڪيو اٿم، ڪو ڏوهه ته ڪونه ڪيو اٿم.“ نور ڳالهايو.

”ها، وڏي ڪيپَ ڪئي آيو آهين. اڙي، پاڙي جو ته شرم ڪرين ها!“ پٽس ڪاوڙ مان چيو.

هُو بُت بڻيو بيٺو رهيو. هِراسيل ساران سندس پنيان پاڻ لڪائي، ڊنل اکين سان سمورن گهر ڀاتين ڏانهن ڏسو پئي. پٽس ٻيهر ڳالهايو.

”اڙي، چنڊا....! ٻه اکر ڇا پڙهئين، رشتن جي شناس ئي نڪري وئي تومان. ان نياڻيءَ جي دل تي ڇا گذرندي، جنهن تو لاءِ سڳي سوٽَ جو رشتو به قبول نه ڪيو. ماميهين کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندا سين؟“

”بابا...! ڪهڙي زماني جون ڳالهيون پيا ڪريو؟ دنيا چنڊ تي وڃي پهتي آهي ۽ توهان آهيو جو پراڻين ڳالهين ۾ ڦاٿا پيا آهيو. شادي دِلين ۽ ذهنن جي ميلاپ جو سماجي معاهدو هوندو آهي. پوءِ جڏهن زندگي اولاد کي گذارڻي آهي، ته اُن ۾ مرضي به ته انهن جي هئڻ گهرجي.“ نور ڳالهايو.

”ها، ابا...! شاباس اٿئي. مائٽ جيڪي اولاد جمڻ سان ئي آسن جون ڳنڍيون ٻَڌي، اميدن ڏسڻ لاءِ جيئندا آهن، اُهي ٿيا چريا ۽ تون عقل وارو آهين‘‘ ماٽس روئندي وراڻيو.

”امان...‘ سمجهڻ جي ڪوشش ڇونٿا ڪريو؟ اسين هڪٻئي کي پسند ڪريون ٿا. ان ۾ ڏوهه به ڪهڙو ڪيو اٿئون؟“ نور چيو.

”اڙي، ڪميڻا...! تنهنجي پسند، ڪنهن جي عزت، غيرت ۽ ننگ به آهي. ننگن ۽ دنگن تي سِرَ ڏبا آهن. تون ان ۾ هٿ وڌا آهن. اهو ڏوهه گهٽِ آهي ڇا؟“ پٽنس جو لهجو تکو ٿي ويو هو.

”اسين پنهنجي ڄاڻن وارا آهيون, ابا....! ڪنهن جي ڄائيءَ جا مَٽ گُهرا ڇو ٿيون؟“ ماڻس ڳالهايو.

”امان.....! ان ۾ غيرت جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ ڇوڪري پنهنجي رضا خوشيءَ سان نڪتي آهي. بيٺي آهي. پـُڇوس ڪٺي.“ نور وراڻيو.

”هُن تہ ڪٺي ڀاراٽي ڪئي. تون تہ ڪجهه پاڙي ۽ ذات برادريءَ جو شرم ڪرين ها!, انساني ۽ اخلاقي قدر بہ تہ ڪا شئي هوندا آهن.“ پڻس جو لهجو بدستور تکو هو.

”بابا....! هاڻي جيڪو ٿيو سو ٿيو, هيئنر منهنجو ننگُ آهي. پيار ۾ سڀ جائز آهي. خوش رهو يا رنج, منهنجو فيصلو اَٽل آهي.“ نور وراڻيو.

ٻيا گهر ڀاتي, جتي نُورَ تي ڏمريل هئا, اُتي سندس ڀيڻ ناهيد جو چهرو خوشيءَ مان ٻهڪيو پئي.هن ڪنوار ڏانهن پيار مان ڏسي مُرڪيو پئي. اڄاتي خوشي هئي, جيڪا سچ جي ڪرڻن جيان سندس مُکَ مان ڇڻي پئي. مَن ۾ خوشيءَ جا سَرها گلابَ ٽِڙي پيا هئس. هن جا چپ تہ مُرڪيا پئي, پر ٽِڪ ٻڌي ويل اکين ۾ شناسا منظر اُٿلي پيا هئس. هوءَ ڇرڪ ڀري سوچن جي مها ساگر مان ٻاهر آئي ۽ تکڙيون وِکون کڻي, نور جي پنيان بيٺل هراسيل ڪنوار کي پوتيءَ جو پلئہ ڏئي بيٺي ۽ پيءُ ڏانهن منهن ڪري چيائين,

”بابا....! لکئي جا ليکَ آهن, سٺو ٿيو يا خرابُ, ساران هاڻي هن گهر جي عزت آهي.“

هوءَ ساران کي پوتيءَ جو پلئہ ڏئي, ڪمري ڏانهن وٺي وڃڻ لڳي. پڻس, ماڻس سميت گهر ڀاتي کيس حيرت مان ڏسندا رهيا.

مهيني ڏيڍ کان پوءِ جڏهن حالتن جي ساگر ۾ هوا جي اُڀار سان آيل طوفان, ڳالهين, فيصلن ۽ ڏنڊ ڇَٽين جي مرحلن مان گذري ماٺو ٿيو. ڳالهه آئي وئي تي ۽ ڇڪتاڻ ۾ ناپر تي, تڏهن مَس مَس وڃي ساهَہ ساهن سان ماپيا. اُلڪن ۽ اُڏڪن جا ڪڪرَ ڇِڊا ٿيا, تہ گهر ۾ سانت ۽ سُڪون جون هيرون گُهلڻ لڳيون.

ڪچڙي منجهند جو وقت هو. نور جا ماءُ پيءُ گهرَ جي ورانڊي ۾ ويٺا هئا. نور جي ماءُ پَٽ تي وڇايل رليءَ کي ٽوپا پئي ڏنا ۽ نور جي پيءُ کٽ جي سيرانديءَ کان رکيل هنڌ کي ٽيڪ ڏئي, سگريٽ مان دُونهان پئي ڪڍيا. نور جا ننڍڙا ڀائر اڃان اسڪول مان ڪونہ موٽيا هئا. ساران رڌڻي ۾ مانيءَ جي تياري پئي ڪئي ۽ نُور پنهنجي ڪمري ۾ بيڊ تي ليٽي ڪتاب پڙهي رهيو هو. ناهيد ڪمري ۾ ليئو پاتو, تہ نور کيس ڏسي ورتو.

”ناهيد....!“

”جيءُ, ادا....!“ ناهيد ڪمري ۾ داخل ٿيندي وراڻيو.

”اچ, نہ....! ڇو ليئا پئي پائين؟“

”ادا, ڏٺم پئي, تہ توهان مصروف تہ ناهيو؟“

”نہ, ڪابہ مصروفيت ناهي.“ نور ڪتابُ سيرانديءَ کان رکيو. سِڌو ٿي بيڊ تي ويهندي چيو.

ناهيد بيڊ جي پيراندِءَ کان ويهي رهي. اندر ۾ آنڌمانڌ جو طوفان هو هاريل حوصلي جا آثار چهري مان صاف ڏسڻ ۾ پئي آيس. نارمل موسم ۾ به پگهر جون ڦُوندون نراڙ تي مِڙيٓي آيون هئس. نور غور سان کيس ڏٺو پئي. هن محسوس ڪيو ته ناهيد ڪجھ چوڻ چاهي ٿي، پر سَتُ نٿي ساري سگهي. هن ڳالهايو.

”پيڻ....! ڇا ڳالھ آهي، ڪا پريشاني آهي ڇا؟“

”نہ ادا...! پريشاني تہ ڪابہ ڪانهي، پر....!“ هن هٻڪندي وراڻيو.

”پر، ڇا...؟ ٻڌاءِ ڇا مسئلو آهي؟“

”ادا، هُو.... آهي... نہ ....!“ هوءَ هٻڪڻ لڳي.

”هُو ڇا....؟“

ناهيد ڪِيتون ڏئي دل پڪي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پوءِ جملي حواسَ يڪجا ڪري، پاڻ ۾ حوصلو پيدا ڪيو ۽ دل ٻڌي وراڻيو.

”ادا، هو جُنيد آهي، نہ ....!“

”ها، ڇا ٿيو آهي جنيد کي؟“

”ادا، پڙهيل لکيل ۽ شريف آهي.“

”تون چوڻ ڇا ٿي چاهين؟ ڪٿي ....!“

”نہ ادا...! اهڙي ڪابہ ڳالھ نہ آهي.“

”پوءِ ڪهڙي ڳالھ آهي؟“ نور جو لهجو سخت ٿيندو ويو.

”ادا....! آءٌ جنيد کي چاهيان ٿي.“ ناهيد وراڻيو

”تڙاخ.... تڙاخ....!“ ڄڻ ٻنيپور کي باهہ لڳي وئي هئي.

ڪمري ۾ نور جي گوڙ ڇماٽن جي آوازن ۽ ناهيد جي رڙين جا آواز گونجڻ لڳا هئا. نور جا ماءُ پيءُ ۽ ساران ڊوڙندا ڪمري ۾ داخل ٿيا. ناهيد فرش تي پئي هئي. رڙ هيٺ. رڙي متي هئس. نور کيس چوٽي مان وٺي لتن ۽ مُکن جو وسڪارو لائي ڏنو هو. ناهيد رڙين ۾ چيو پئي.

”ادا... مون ڪوبہ ڏوھ نہ ڪيو آهي.“

”ڇا آهي...؟ ڇا آهي....؟“ ڇو اچي ڇتو ٿيو آهين؟“

پٹس، نور کي پري ڌڪي، ناهيد کي اُٿاري گلي سان لڳائيندي چيو. نور جون اکيون ڪاوڙ ۾ لال ٿي ويو هيون. ٻُتُ. ڪُنل ڊور وانگر رتيس پئي. هن گَڦ ڳاڙيندي وراڻيو.

”بابا...! تنهنجي لاڏلي ڇوري ڪاري اٿئي.“

”ڇو...؟ ڇا ڪيو اٿس؟“ پٹس وراڻيو.

”ڪميڻي، جنيد سان پيار ڪري ٿي.“

”پٹس گهورَ وجهي نور کي ڏٺو ۽ ناهيد جي پوتي متي تي رکي، کيس پاٻوھ مان ياڪر ۾ پڪوڙيو ۽

ڪمري مان ٻاهر ويندي، ڪاوڙ مان نور ڏانهن منهن ڪري چيو.

”اڙي ڪميڻا....! زندگي جڏهن اولاد کي گذارڻي آهي ته پوءِ ان ۾ مرضي به ته ان جي هلندي نه....!“

نور، حيرت مان ڪيس ڏسندو رهيو. هو ناهيد کي ڪوڙي ۾ ڪري، ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو.

❊❊

# اوجاڳوم دردءِ راتيون

”وڏا.....!“ خيرو ٻڏل ٻٽ مان نڪ آجو ڪندي, ڊگهو ساهه کڻي چيو.
”ڇاهي, ڙي.....! وڏي اوٻاسي ڏيندي وراڻيو.
”وڏا.....! لڳي ٿو ته هن گس سان اڄ ڪوبه داءُ نه لڳندو.“ خيروءَ چيو.
”ها, وڏا.....!, خيرو نيڪ ٿو چوي, ٻيٺي ٻيٺي ٽنگن جو رت ئي سُڪي ويو اٿئون, هتان نڪرڻ گهرجي.“ بالم, خيروءَ جي ڳالهه کي ٽيڪو ڏيندي.
”جيڪا سنگت جي صلاح, پر هتان پير ڊاهيون, ته ڪٿي هلون...؟“ وڏي ڳالهايو.
”سيوهاڻي سڙڪ واري موڙ وٽ تان هلون, روڊ به ٽٽل ڦٽل آهي, ته ماڻهن جي اچ وڃ به چڱي آهي.“ خيروءَ صلاح ڏني.
”اڙي او انڌا! سيوهاڻي سڙڪ تائين پهچندي پهچندي رات ٿي ويندي.“ جانوءَ چنڊ پٽيندي وراڻيس.
”ها“ اهو ته نيڪ ٿو چوين, پوءِ پلا ڪٿي هلون؟“ وڏي ڳالهايو.
”وڏا.....! سَرن واري لاڙي جي پرسان جيڪا اڄي مسيت آهي نه؟ اُتي ٿا هلون, پنڌ به ايڏو پري ڪونه آهي. ڪونه ڪو اسان جي ڪٽي ۾ ضرور ايندو.“ جانوءَ وراڻيو.
”پوءِ دير نه ڪريو. سج به لهه پهه ۾ آهي“ وڏي چيو.
چارئي ڄڻا ڪپڙا ڇنڊي اُٿي بيٺا. هلڻ وارا هئا, ته بالم جي رڙ تي بيهي رهيا, هن چيو پئي,
”ترسو.....! تڪڙ نه ڪريو. پريان ڪو اچي پيو. ڪيس رهڙو ڏئي ٻُهٽي ڪري پوءِ ٿا نڪرون.“
”چڱو نيڪ آهي, اچڻ ڏيوس.“ وڏي وراڻيو.
همراهه لڏندو لمندو جڏهن ڪين ويجهو ٿيو ته بالم چيو.
”وڏا.....! هَڪل ڏيانس؟“
”چو پڇين پيو پيءُ اٿئي ڇا؟“ وڏي داٻو ڏنس.
”اَڙي بيهه رَهُه“ بالم ويندڙ همراهه کي داٻي سان هڪ ڏئي چيو.
همراهه اوچتي هڪل ٻڌي واٽڙو ٿي ويو. بيهڻ بدران ڪڙيءَ تي زور رکيائين. ٿورو اڳتي ٿيو ته پنيان پستل جي هوائي فائر تي هراسجي ٿاٻڙجي ڪري پيو. بالم ۽ جانو ڻتان اچي بيٺس. هن ڊنل اکين سان ڪين ڏٺو ۽ گوڏن تي هٿ ڏئي اُٿي بيٺو.
”پئسا گهٽا اٿئي؟ جيڪو ڪجهه به اٿئي ٻاهر ڪڍ, نه ته.....!“ خيروءَ ڪيس داٻو ڏيندي چيو.
”رُ....... رپ.......رُپيو به ڪونهي“ هُو ڏڪيو پئي.
”ڪوڙ ٿو هڻين“ جانوءَ پستل لونڊڙيءَ تي رکيس.
”ڳاڙهي قرآن جو سُنهن, مُولا جاڻي ٿو ڪوڙ نٿو هڻان“ هن وراڻيو.

”اڙي، ونوس جهڙتي بشني ڪنهن جاءِ جو ڪوڙ تو هٽي.“ وڏي دابي سان چيو.
جهڙتيءَ جو ٻڏي هو ته سياري ۾ پگهر جي ويو. ڪوٽ جي کيسي کي ٻنهي هٿن ۾ مضبوطيءَ سان ايئن جهلي بيهي رهيو جيئن جواري ڪتيل پئسا، ڪانچ جي وَرَ ۾ هٽي هٿ سان مضبوط جهلي ويهندا آهن.
”اڙي، هٿ ڪڍ کيسي مان“ بالم دڙڪو ڏنس.
”هٿ نه ڪيندس، باقي پئسا مون وٽ ناهِن؟“
”پئسا نه آهن، ته ڪهڙا لال جواهر اٿئي جو ساهه پيو وڃئي.“ جانوءِ ٺوڪ مان چيس.
”منهنجي سڄي زندگيءَ جي ميڙي چونڊي ۽ سرمايو اٿم“ هن وراڻيو.
”اسان به ته ڏسون.....!“ وڏي ٺهڪ ڏئي چيو.
”مرندي مري ويندسُ، پر هٿ نه ڪيندسُ“ هن وڌيڪ کيسي کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو.
”وڏا.....! مون کي ته ڪو پاڳل ٿو لڳي.“ بالم ڳالهايو.
”اڙي.....! افعالن تي نه وڃ وڏو ڍونگي اٿئي.“ وڏي وراڻيو.
هُو هيٺ زمين تي ويهي رهيو ۽ ايلاز ڪرڻ لڳو.
”ٻيلي خدا کي مڃيو مون غريب جي پچر ڇڏيو.“
”اڙي.....! نالو ڇا اٿئي؟“ وڏي ڳالهايو.
”سائين.....! جمن جاني“
”جُمن ته نالو ٿيو باقي جاني پيءُ جو نالو اٿئي ڇا؟“ وڏي ٺهڪ ڏئي چيو سڀ کلڻ لڳا.
”نه سائين.....! مُون پاڻ رکيو آهي. بابا جو نالو ”رکيو“ آهي.“
”ڇا ڪندو آهين؟“
”سائين.....! بيروزگار آهيان.“
”معنيٰ ته ڪُتن کي گڏيون پيو هڻين“ جانيءَ چيو سڀ وڏا ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳا.
”هاڻي گهڻو ٿيو، مانڙي ڪري کيس مان هٿ ڪڍُ“ بالم دڙڪو ڏنس.
”هٿ نه ڪيندس.“
”تنهنجو ته پيءُ به هٿ ڪيندو.“ خيروءَ پسٽل جو هٿيو مٿي ۾ وهائي ڪڍيس. سياري جي ڏک سيڪاٽي ڇڏيس، دانهن نڪري ويس.
”اباڙي.....! ماري ڇڏيئي.....!“
”هٿ ڪڍين ٿو يا ٺوڪيئين بيو ڏڪُ؟“ خيرو سيني ۾ لت هڻندي چيس. هو ٻيٽو ٿي پٽ تي ڪري پيو. پر کيسي مان هٿ نه ڪڍيائين. درد ۽ تڪليف ڪان دانهون پئي ڪيائين.
”چپ ڪر، دانهه نه ڪر، نه ته.....!“ بالم دهمان ڪيس.
”اڙي، ڏسوس پيا، دسي، ٽنگون ٻانهون جهلي ڪسيوس.“
وڏي هل ڪئي. جانو ۽ بالم ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويس. هُو ڪُنل ڪڪڙ وانگر ڇڙهيون هڻڻ لڳو. هٿ

ڪيسي ۾ قابو هئس. بالم سندس هٿ ڇڏائڻ جي ڪوشش به ڪئي پئي، ته ڪيس چماٽيون به هڻيون پئي. پر هو ڪيسي مان هٿ ڪڍڻ لاءِ تيار نه هو. ان وٺ وٺان ۾ جانوءَ جو هٿ ڪيسي جي ٻاهران ڪيسي ۾ موجود شيءَ کي لڳو هن رڙ ڪري چيو.

”وڏا.....! وڏو ٻتون اٿس ڪيسي ۾ لڳي ٿو وڏو مال آهي. ان ٻتونءَ ۾.“

”اڙي. ته پوءِ نالتي..... ڪڍي ونيئس نه .....! ڏسينس ڇا پيو؟“

وڏي دابو ڏيندي چيو.

”اڙي. ته پوءِ ٺوڪينس ڪارتوس. وڃي پنهنجي وڏڙن سان ملي.“ وڏي چيو.

خيروءَ ڪاوڙمان اڳتي وڌي پسٽل اچي لونڊڙيءَ تي رکيس.

”اڙي. پِر ڪلمون. سُوئر جا پٽ.....! تون ائين ڪونه مڃيندين.“

”اڙي خدا جي واسطي. مون غريب تي رحم ڪريو. مون وٽ پئسو ڏوڪڙ ڪونهي.“ هن ايلاز ڪندي چيو.

”جيڪو اٿئي ٻاهر ڪڍ“ جانوءَ چيو.

”مان ٽن تائين ڳڻيا ٿو پوءِ به تو جي هٿ نه ڪڍيا ته پوءِ مُئو پيو هوندين.“ خيروءَ دابو ڏئي پسٽل جو دٻاءُ لونڊڙيءَ ڏي وڌائيندي ڳڻڻ لڳو. هڪ .....! ٻه .....!

ان کان اڳ جو خيرو ٽي چوي هن جا هٿ ڍرا ٿي ويا. سڏڪن ۾ پئجي ويو بالم سَٽَ ڏئي ڪوٽ جي ڪيسي مان سامان ڪڍي ورتو ۽ کولي ڏسڻ لڳو.

”وڏا.....! ٻتون ۾ ٿيلهي اٿس.“

”ها. ها. ٻڌ.....! ڏند نه ڪڍي کولي ڏسينس“ وڏي ڳالهايو.

”ها. وڏا اهو ئي. ته ڪريان پيو.“ جانوءَ وراڻيو ۽ سامان کي اٿلائڻ پٿلائڻ لڳو.

”اڙي. هي ڇا.....!؟ هيڏي ساري ڦوڪيل ٻتونءَ ۾ رکيو پنا.....؟ ڇريو ته ناهين؟“ بالم رڙ ڪئي.

”ٻتون ناهي. ڊائري آهي“ هن وراڻيو.

خيرو ڪاوڙمان زوردار چماٽ وهائي ڪڍيس. هن کان دانهن ڪري وئي.

”الا. ڙي .....! ڇو پيا مون غريب کي ماريو؟“

”پئسا ڪاٿي رکيا اٿئي؟“

”چيم. نه پئسا ناهن. مون وٽ.“ هن ڪنجهندي وراڻيو.

”اڙي. دسي ڪائنچ جا وَرَ ڏسوس. ضرور پئسا لڪايا اٿس.“ خيروءَ چيو

”اڙي ڪول وَرَ. ڪُتي جا ڦَرَ. پنن سان ڪٽي ٻتون پريو اٿئي.“بالم ڳالهايو. هن قميص مٿي ڪنئي ته بالم سٽ ڏنس. بالم جي سٽَ تي سنهو اڳٺ ٽٽي پيس ۽ ڪائنچ جا وَرَ جاچي ڏٺا. پر ڪاريءَ وارا ڪک هئا.

”ڇنڊا.....! صفا ڪو تاڪ سڄو آهين. اجايو ڳاتي ۾ اچي پيو آهين.“ وڏي ڪاوڙمان چيو.

”اڙي نياڳا.....! ساهه وانگر پيو سانڍي. هنن پنن کي کھڙي ڏراوت اٿئي هنن پنن ۾؟“ جانوءَ ڪاوڙمان

ڊائري سندس منهن ۾ هٽندي چيو.
”ڪاروبار جي اوڏر لڪيل اٿس ان کي بچائڻ لاءِ پادر پئي ڪاڏائين.“ بالم ڳالهايو.
”اڙي، ڇا اٿئي هنن پنن ۾؟“ وڏي ڳالهايو.
”منهنجي زندگيءَ جو ڪل سرمايو آهي، هن ڊائريءَ ۾.“ هن لٺل ڪانچ کي گوڏ وانگر ٻڌندي وراڻيو.
”ڪهڙو سرمايو.....!؟“
”منهنجي شاعري آهي، سالن جو نچوڙيل نُور ۽ اکين جا اوجاڳا آهن. هن ڊائريءَ ۾.“ هن ڊائري ڇنڊي ڪوٽ جي کيسي ۾ وجهندي وراڻيو.

هن جو هڪڙو هٿ اڳٺ ڇنل سلوار ۾ هو. جنهن کي هن ڇڪي گوڏ وانگر ڳنڍ ڏئي ڇڏي هئي ۽ ٻيو هٿ ڪوٽ جي کيسي ۾ ان تخليقي سرمائي ۾ هو. جنهن کي انڌا ڦورو پر کي نہ سگهيا هئا. هُو ڪنڌ جهڪائي رستي سان وڃي رهيو هو ۽ پنيان وڏا ٺهڪ سندس ڪنن ۾ مترڪن وانگر وسي رهيا هئا.
”ها، ها.....! ها.....! ها.....! ها.....!

**

# اڪيون ۽ عشق

پنيراڪي جو وقت هو سج جا ڪومل ڪرڻا، اونداهي رات جي باقيات کي تڙي، سوجهري جي چادر پکيڙي رهيا هئا. گهر جي اڱڻ ۾ گهاٽي نم جي وڻ تي پکين جي مڌر لاتين تي اک کلي پئي. اکيون مهٽي، چاد رلاهي، کٽ تي سِڌو ٿي ويهي رهيس. پنيراڪي جي سحر ۾ ويڙهيل ماحول نه رڳو روح کي تازگي پئي ڏني، پر اکين ۾ به جڻ ڏِپَ جا ٿڌڙا ڦڙا پئي رکيا. ننڊ جي خمار مان ذهن مڪمل آجو ٿيو ته ياد آيم ته آفيس ۾ اجوڪي ڏينهن جي موڪل لاءِ درخواست ڏئي آيو هئس. آرس ڀڃي کٽ تان هيٺ لٿس ۽ وهنجڻ ڪان وٺي نيرن تائين پَهه پئي پڇايم، ته موڪل جي ڏهاڙي کي ڪيئن سجايو ڪجي؟ ايئن نه ٿئي جو ڪا وٽندڙ مصروفيت نه هئڻ ڪري، موڪل جو رومانس ئي نپوڙجي، بوريت ۾ بدلجي وڃي. ناشتي ڪانپوءِ چانهه جو ڍڪريون سُرڪ ڀريندي ئي وٽندڙ خيال ذهن ۾ تري آيو ته ڇونه اڄ لائبريري وڃجي؟ گهڻا ڏينهن ٿيا آهن. ڇونه نوان رسالا ۽ اخبارون پڙهي ڏسجن؟ اها رٿا جوڙي گهران نڪري پيس. پنڌ ئي پنڌ شهر جي رستن تي هلندي، لائبريري جي عمارت اڳيان پهتس ته صبح جا نوَ ٿيا هئا. گيٽ مان اندر داخل ٿيڻ وارو هئس، ته جتي هئس، اُتي بيهي رهيس. ڪنهن منهنجو نالو وٺي مون کي سڏ ڪيو هو. عورتاڻو آواز ڄاتل سڃاتل پئي لڳو. تڪڙو ڪنڌ ورائي ڏٺم. عائشه هئي، جيڪا مون کي ڏسي، رڪشا مان لهي پئي هئي. مون ڏانهن مُرڪي ڏسڻ لڳي ۽ پوءِ رڪشا واري کي ڀاڙو ڏئي مون ڏانهن هلي آئي.

”عائشه، تون....!“ مون حيراني گاڏڙ خوشيءَ مان چيو.

”ها، عابد....! مان، عائشه، ڪيئن آهين تون؟“

”مان بلڪل ٺيڪ آهيان.“

”اڙي، بابا...! مان عائشه ئي آهيان. ايئن گهوري پيو ڏسين، جڻ اڳ ڏٺو ئي نه هجئي.“ هن هلڪو ٽهڪ ڏئي چيو.

”ها، عائشه.....! تون اڄ به مون کي اها ئي عائشه پئي لڳين، جيڪا ڏهه سال اڳ هئي. وڌندڙ ڄمار تنهنجو ڪجهه به بگاڙي نه سگهي آهي.“

”اهو تنهنجي نظر جو حُسن آهي عابد....! نه ته ايئن ڪٿي آهي؟ گهڻو ڪجهه بدلجي ويو آهي.“ هن ٿڌو ساهه کڻي وراڻيو.

”منهنجي اکين کان ساک ڀرائي پُڇُ، عائشه....! مون لاءِ تون اڄ به اُها ئي عائشه آهين.“

”ڇڱو هاڻي شاعري گهٽي ٿي. هَلُ ته سامهون واري هوٽل ۾ چانهه ٿا پيئون.“

هوٽل جي ڪنڊائتي ٽيبل تي هوءَ منهنجي سامهون ڪرسيءَ تي ويٺي هئي. صبح جو وقت هو ان ڪري هوٽل ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهن کان سواءِ ڪوبه نه هو. ٿڌي روشنيءَ ۾ هوٽل جو ماحول رومانٽڪ پئي

لڳو. هن ويٽر کي چانهه ۽ پيٽيز آڻڻ لاءِ چيو ۽ پرس کولي ڪجهه جانچڻ لڳي. مان اکيون منجهس کپائي ڪيس ڏسڻ لڳس. مون سندس سراپاءِ جي آئيني ۾ پندرهن ورهيه اڳ واري پنهنجي عائشه کي تلاش پئي ڪيو.

هن سان منهنجي ملاقات اتفاقي ٿي هئي جيڪا پيار جو روپ ڌاري وئي هئي. هڪ ئي ڪاليج ۾ پڙهندا هئاسين. منهنجي ڊائري گم ٿي وئي هئي، جيڪا هن کي هٿ لڳي هئي. غير ارادي يا ارادي طور هن ڊائريءَ جا ڪجهه ورق پڙهي ورتا هئا. ٻئي ڏينهن پيرڊ اٽينڊ ڪري جيئن ڪلاس روم مان ٻاهر پئي نڪتس. هن پويان سڏ ڪيو. مڙي ڏٺم، عائشه هئي. مُرڪي چيائين،

”عابد......! توهان جي ڪا شئي گم ٿي وئي آهي؟“

”ها، وڃائي ته اٿم.“

”ڇا وڃايو اٿوَ؟“

”سهيڙيل اُڌمن ڪان سواءِ اسان وٽ ڪهڙي قيمتي شئي ٿي سگهي ٿي؟“

”ها، اڇي وٺو پنهنجي ڊائري“ هن هلڪ ٿهڪ سان هٿ وڌائي ڊائري ڏني. موٽ ۾ مون به رسمي جملو ورجايو.

”ٿينڪس، مس عائشه.....!“

ڊائري ڏيڻ ۽ وٺڻ وارين مختصر ساعتن ۾ ٻنهي جون چار اکيون اٽڪيون، ته ڪيئي اڻ چيون ڳالهيون، عبارتون بڻجي، دلين ۾ هُرڻ لڳيون هيون. ائين ڪونه هو ته رڳو عائشه جي ڪارن ڊگهن وارن، چنڊ جي پهرين تاريخ جهڙن سنهڙن چپن ۽ خوبصورت بادامي اکين مون کي پنهنجي سحر ۾ وڪوڙي ڇڏيو هو پر عائشه جي من ۾ به ساڳي ڪيفيت هئي. اکين جي ڀرپور نگاهن ۾ قبوليت جا پيغام هئس، جيڪي نه رڳو مون، پر هن پاڻ به محسوس ڪيا هئا. ائين پئي لڳو ڄڻ ٻه روح، جيڪي ڳپل عرصي کان هڪٻئي جي ڳولا ۾ هئا، حادثاتي طور پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويا هئا. ڪا مهل اسين ٻئي سُن بڻجي، مورتين جيان هڪٻئي ڏانهن ڏسندا رهياسين ۽ پوءِ هوءَ ڇرڪ ڀري مون ڏانهن ڏسڻ لڳي ۽ مرڪي بنان ڪجهه ڳالهائڻ جي اڳتي وڌي وئي.

عائشه ۽ مان هڪٻئي کي ويجها ٿيڻ لڳا هئاسين، ڇري چاهت اسان جي وچان تڪلف جا پردا هٽائي ڇڏيا هئا. محبت جون پاونائون اظهارجي نروار ٿي پيون هيون. محبت جي موضوع تي کلي ڳالهيون ڪرڻ لڳا هئاسين ۽ ڳالهين ۾ وقت گذرڻ جو احساس ئي نه ٿيندو هو. ٻئي هڪٻئي لاءِ لازم ملزوم بڻجي وياسين. هڪٻئي ڪان سواءِ اڌورا ۽ اڻپورا.

هڪ ڏينهن ڪاليج مان جيئن نڪتاسين، ته هڪ هوٽل جي فيملي روم ۾ اچي ويناسين. ٻنهي جي چهرن تي ڳنڀيرتا هئي. شايد عائشه به اهو ئي ڪجهه پئي سوچيو جيڪو مان سوچي پريشان پئي ٿيس. هن پيٽيز کي ڇُريءَ سان ڪٽي، ڪانٽي سان ننڍو ٽڪرو وات ۾ رکيو. مون چانهه ۾ کنڊ ۽ کير پئي ملايو. چانهه جو ڪوپ هن ڏانهن وڌائيندي ڏٺم. هوءَ لاڳيتو مون کي گهوري ڏسي رهي هئي. مرڪي

چيم،
”ايترو گهوري ڇا پئي ڏسين؟“
”ڏسڻ مان ورچان ئي نٿي. ان ڪري....!“ هن ٿڌو ساهه کڻي جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.
”ڇا مطلب....؟“ مون ڇرڪ ڀري کيس گهوري ڏٺو.
”ڏس نه عابد....!“ ڪاليج جي تعليم مڪمل ٿيڻ واري آهي پوءِ ته لازمي آهي، ته ملڻ جُلڻ به گهٽجي ويندو.“ هن وراڻيو
”ها، اهو ته مان به سوچيان پيو پر ان جو حل به ته آهي.
”ڪهڙو حل آهي تو وٽ، مان به ته ٻڌان.“
”جڏهن پنهنجا خيال ملن ٿا. سوچون ۾ ذهن به ملن ٿا، ته پوءِ ڇونه شاديءَ لاءِ سوچيون.“ مون مقصد واري ڳالهه ڪئي.
هوءَ ماٺ ٿي وئي. ڪنڌ جهڪائي ڪوپ مان چانهه جا ڍُڪَ ڀرڻ لڳي.
”عائشه....! تو ڪا ورندي ناهي ڏني، ڪٿي تون....!“
”عابد....! تون منهنجي پهرين ۽ آخري محبت آهين. مون توکي دل جي اٿاهه گهرائين سان پيار ڪيو آهي، پر .....!“
”پر، ڇا.....؟“
”پر، شاديءَ جو اختيار مون وٽ ڪونهي. ان جو اختيار منهنجي بابا وٽ آهي.“
”تنهنجو بابا انڪار ڪري ڇڏي، ته....؟“
”پوءِ به توسان محبت ڪندي رهنديس. جسم ڀلي ڪنهن ٻئي جو ٿي وڃي، پر روح ۾ تون سمايل هوندين.“
”ان مسئلي جا ٻيا به ته حل ٿي سگهن ٿا.“
هوءَ ڇرڪي پئي ۽ ڊنل اکين سان ڏسندي وراڻيائين.
”بابا جي رضامنديءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبه آپشن ڪونهي. اهڙو خيال به دل نه آڻجانءِ. مان پريم ڪهاڻيءَ جي خبر ٻڌجي، پنهنجي عظيم بابا جي نراڙ تي ڪارنهن جو ٽڪو لائڻ نٿي چاهيان. هن امڙ جي وڇوڙي ڪانپوءِ نه رڳو پيءُ، پر ماءُ جي ممتا جهڙي ٻاجهاري ڇانءَ به ڏني آهي.
”عائشه ....! مون کي غلط نه سمجهه. منهنجي چوڻ جو مطلب هو ته تون پنهنجي بابا کي راضي به ته ڪري سگهين ٿي. اهو ته مائٽ تي اولاد جو حق به هجي ٿو.“ مون پنهنجي موقف جي وضاحت ڪئي.
”ها، عابد.....! مان اهو ضرور ڪنديس. پر وري به آخري فيصلو بابا جو ئي هوندو.“
عائشه جي زور ڀرڻ تي هڪ ڏينهن مان پنهنجي ماءُ پيءُ کي ساڻ ڪري عائشه جي سڱ جي گُهر ڪرڻ سندس پيءُ وٽ وياسين. هو پڙهيل ڳڙهيل سيبتو ماڻهو هو. جيءَ ۾ جايون ڏنائين. ماني ٽِڪيءَ ڪانپوءِ منهنجي پيءُ ۽ امڙ کيس پنهنجي اچڻ جي مقصد کان آگاهه ڪيو ته ٽپيءَ ۾ پئجي ويو. ڪا

مهل سوچ ۾ ٻڏل رهڻ ڪانپوءِ ڪنڌ مٿي ڪڍي مون ڏانهن ڏٺائين ۽ پوءِ بابا ڏانهن منهن ڪري، ٿڌو ساهه کڻي چيائين،
”مون کي خبر آهي، ته توهان جو پٽ عابد، ذهين، سلڇڻو ۽ باڪردار نوجوان آهي. اهڙا سلڇڻا پُٽ ته ڀلي مائرون ڄڻين، پر....!“

امان ۽ بابا تجسس مان ڪيس ڏٺو پئي، نيٺ بابا ڳالهايو.
”پر ڇا سائين؟“
”ادا، اوهان اچڻ ۾ دير ڪري ڇڏي آهي، مان ته ڏينهن اڳ پنهنجي وڏي ڀاءُ کي سندس پٽ لاءِ عائشه جي سڱ ڏيڻ جي زبان ڏئي چڪو آهيان.“

بابا ۽ امان جي ڪيفيت ته سندن چهرن مان صاف ڏسڻ ۾ پئي آئي، پر منهنجي پيرن هيٺان زمين ڇڏائجي وئي هئي. دنيا ئي اُجڙي وئي هئم. اتان ڪيئن ۽ ڪڏهن موٽياسين ۽ ڪيڏي مهل گهر پهتاسين؟ مون کي ڪابه خبر نه هئي. اکين اڳيان انڌاري ۽ ذهن تي ڌڪر چڙهيل هئا. ڪي ڏينهن ته جڻ سامت ۾ ئي ڪونه هئس.

ڪاليج جي تعليم مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ اسان ٻنهي جا رستا به ڌار ٿي ويا هئا. امتحان هلندي به چار ملاقاتون به ٿيون، پر اُهي ملاقاتون به گونگيون هيون. لفظن بدران لڙڪن لارن سان گفتگو ٿيندي هئي. امتحانن ڪانپوءِ ملاقاتون بند ٿي ويون هيون. عائشه جي شادي ٿي وئي هئي ۽ مون به دل تي پٿر رکي، جيئڻ جو نئون حوصلو ماٺي، روزگار جي ڳولا ۾ پاڻ کي مصروف ڪري ڇڏيو. هوءَ ڪهڙي حال ۾ هئي. ڪوبه پتو نه هئم. بس، ڪڏهن ڪڏهن سندس يادن ۾ پاڻ کي گم ڪري ڇڏيندو هئس. ٻريا ڏهه سال گذري ويا هئا، پر ذهن جي ميموري باڪس مان سندس تصوير ۽ تصور ڊليٽ ٿي نه سگهيا هئا.
”ڪٿي گم ٿي وئين؟“

عائشه جي اوچتي سوال تي سوچن جو اڻ کٽ سلسلو ڪچي تندُ جيان ٽٽي پيو. ٿڌو ساهه کڻي کيس ڏسي ورائيم،
”ڪيڏانهن ويندس عائشه....؟ تنهنجي اڳيان ته ويٺو آهيان.“
”مورتي ٻڌجي ويو آهين، چانهه به ٺري پاڻي ٿي وئي.“
چانهه جي سُرڪ ڀري ڪيس ڀرپور نگاهه سان ڏسندي ورائيم،
”وقت ڪيئن پيو گذري، عائشه....؟، خوش ته آهين نه......؟“
”ها، عابد....! وقت کي ته گذرڻو ئي آهي، سو گذري پيو. ارشد به خوش آهي. مون کي به خوش رکيو اٿس. زندگيءَ جو اصطلاح، زماني جي جوڙيل وصف آڌار تي ڏاڍو آسودو آهي، پر پيار جي اها مهڪ نه آهي، جيڪا تو وٽان ملندي هئي.“

عائشه جي اعترافي جملن، منهنجي روح جي تڙپ کي وڌائي ڇڏيو هو. وجود جو سمورو درد ۽ پيڙا نِپوڙجي اکين مان لارون ڪري وهڻ لڳي.

”اڙي.....! هي ڇا عابد! تون ته روئين پيو.“ هن پنهنجا لڙڪ زوريءَ پيئندي چيو پر ان ۾ ڪيس ڪاميابي نه ٿي. پرجي آيل ڳلي سندس ضبط کي ٽِڪڻ نه ڏنو. هن جي اکين جا بند به پڇي پيا. هن کي آٿت ڏيڻ لاءِ مون پنهنجي جذبن کي زوريءَ گُهٽيو ڏيندي چيو.

”عائشه .....! ياد اٿئي، هڪ ڀيري مان رُنو هئس ۽ تو پنهنجي پوتيءَ سان منهنجا لڙڪ اگهندي چيو هو ته ”هيءَ لڙڪ منهنجي امانت اٿئي. انهن کي ايئن ضايع نه ڪجانءِ. ها، عائشه .....! اها سانڍيل امانت توکي موٽائي پيو ڏيان.“

هوءَ سڏڪي پئي، سڏڪن ۾ چيائين،

”عابد.....! سچ پڇين، ته مان توکي وساري نه سگهي آهيان. جيڪو ڪجهه ٿيو، اهو زندگيءَ جو وڏو سچ هو. جنهن کان منهن موڙڻ منهنجي وس ۽ اختيار ۾ نه هو.“

”گذريءَ کي ياد نه ڪر عائشه.....! جيڪو ٿيو سو ٿيو. هونئن به پيار هڪ امر ۽ پوتر رشتو آهي. حاصلات پيار جي منزل به ته ناهي هوندي. تون خوش آهين. بس، مون لاءِ ايترو ئي ڪوڙ آهي.“ مون وراڻيو.

ٻئي ماٺ ٿي وياسين. هوءَ لاڳيتو مون کي ڏسي رهي هئي. ماٺ کي ٽوڙيندي چيائين،

”پلا، اهو ته ٻڌاءِ، شادي ڪئي اٿئي؟“

”ها، عائشه، شادي به ڪئي اٿم.“ مختصر وراڻيم.

”عابد.....! سچي به .....!“ هن خوشيءَ مان چيو.

”ها، عائشه....! منهنجي اکين ۾ ڇتائي ڏس. توکي ان جو عڪس نظر ايندو.“

هن جو پيار منهنجي اکين ۾ سمنڊ جيان نظر ايندئي. ڇو ته پيار ۽ سمنڊ ڪڏهن به ڪراڙا نه ٿيندا آهن.“

”ڪير آهي اُها خوشنصيب؟ نالو ڇا اٿس؟“

”اڪيلائي.....! جيڪا منهنجي يادن جي پناهه گاهه ۽ جيون ساٿي آهي.“

هوءَ تڪ ٻڌي مون ڏانهن ڏسندي رهي. پوءِ پرس مان ٽِشو ڪڍي اکين ۾ پرجي آيل لڙڪ اُگهي، اُٿي بيهي رهي. بنا ڪجهه ڳالهائڻ جي فيملي روم مان ٻاهر نڪري وئي. مان ڪيس خالي نگاهن سان ويندي ڏسندو رهيس.

**

# تِرَن جو تيل

شهرين ۽ سماجي اڳواڻن جو وفد، شهر ۾ وڌندڙ گندگيءَ جي شڪايت ڪٽي، چونڊيل نمائندي جي بنگلي تي پهتو، تہ ماستر شمن کي بت ۾ سيءُ ٿيڻ لڳو جنهن اسڪول جي ڊيوٽي معاف ڪرائي، بنگلي جي حاضري جي ڊيوٽي سنڀالي هئي. ڪيس خوف اڇي ورايو هو تہ هي شهري، ڪٿي سندس شڪايت ڪٽي تہ نہ آيا آهن تہ، "مان معصوم ٻارڙن جو مستقبل تباهہ پيو ڪريان؟" پوءِ اهو سوچي ڪجهہ هانءَ کي ڇنڊو لڳس، تہ "پلي پيا شڪايت ڪن. مون کي تہ صاحب پاڻ ڊيوٽي معاف ڪرائي بنگلي تي رکيو آهي. پوءِ مان هرو ڀرو ڇو پيو ڊڃان. هو انهن ئي خيالن ۾ گم هو تہ وفد جي اڳواڻ زاهد جي هٿ جو ڇهاءُ ڪلهي تي محسوس ڪري، خيالن مان موٽي آيو. هن چيو پئي،

"ماستر شمن....! صاحب کي اطلاع ڪر، ساڻس ملاقات ڪرڻي آهي."

"ها، ها، سائين....! ڇونہ؟ اڇو هن هال ۾ هلي ويهو، مان صاحب کي اطلاع ڪريان ٿو." ماستر ٿڌو ساهہ ڪڍي وراڻيو ۽ اڳتي وڌي ويو.

چونڊيل نمائندو ٻن مهينن کانپوءِ آيو هو. ان ڪري، تڪ جا ماڻهو ڳاهٽ پئي ٿيا. سندس بنگلي تي وڏي رش هئي. هال ماڻهن سان ڀريل هو. ٻن ڪلاڪن جي انتظار کان پوءِ وفد کي ملاقات لاءِ سڏ ٿيو تہ اهي تڪڙا تڪڙا چونڊيل نمائندي جي ڪمري ۾ داخل ٿيا. رسمي عليڪ سليڪ کان پوءِ چونڊيل نمائندي رُڪائيءَ مان چيو،

"حڪم ڪريو، ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟"

وفد جي اڳواڻ ڳالهائڻ لاءِ تياري پئي ڪئي، تہ چونڊيل نمائندي ڪيس ٽوڪ واري انداز ۾ چيو،

"بابا جلدي احوال ٻڌايو ٻيا بہ انتظار ۾ ويٺا آهن. مون کي بہ تڪڙ آهي." ضروري ميٽنگ ۾ وڃڻو آهي."

"سائين! اسين سڀ اوهان جا ووٽر آهيون." زاهد ڳالهايو.

"مهرباني....!"

"اسان جي شهر مان اسي سيڪڙو ووٽ اوهان کي ئي مليا آهن."

"بابا، ڪمَ جي ڳالهہ ڪريو نہ ....!"

"اسان جو مطلب آهي، تہ ان هوندي بہ شهر ۾ گندگيءَ جا ڍير لڳا پيا آهن. گندي پاڻيءَ سان روڊ ۽ گهٽيون ڀرجي ويون آهن. صفائيءَ جو عملو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي."

"صفائيءَ جو عملو ڇو ڪم نٿو ڪري؟"

"ان ڪري، تہ ٽن مهينن کان ڪين پگهارون نہ مليون آهن. ان ڪري، هڙتال تي آهن."

"بابا، ان لاءِ اوهان کي ٽي ايم او سان ملڻ گهرجي، صفائيءَ جا مسئلا بہ مون کي ئي حل ڪرڻا پوندا ڇا؟" چونڊيل نمائندي جو لهجو تيز ٿي ويو.

”ٽي ايم او سان ٻه مليا آهيون، پر ....!“
”پر، ڇا ....؟“
”هو اوهان جوئي رڪرايل آهي. اسان جي ته ٻُڌي ئي نٿو پوءِ اسين ڪنهن کي شڪايت ڪريون؟“
”ٺيڪ آهي، بابا....! شهر منهنجو آهي، توهان ٻه منهنجا پيائر آهيو.“ هن جو لهجو تبديل ٿيڻ لڳو.
”سائين ڪوشش وٺي، شهر جو اهم مسئلو حل ڪرايو.“ وفد جي هڪ ميمبر ڪيس ٻانهون ٻڌي چيو.
”ٺيڪ آهي، بابا ....! ڪجهه ڪريون ٿا. توهان جا مسئلا اسين حل نه ڪنداسين، ته ٻيو ڪير حل ڪندو؟“
”سائين، وري ٻه پارٽ اٿوَ.“
”توهان دلجاءِ ڪريو، سڀاڻي تائين توهان کي رزلٽ ملندي.“
هن گهنٽي جو بٽڻ دٻايو ته ماستر شمن ذري گهٽ ڊوڙندو، ڪمري ۾ داخل ٿيو. بابا، انهيءَ ٽي ايم او کي رات ڏهين وڳي گهرائي وٺ. ميٽنگ تان موٽي ساڻس هڪ هڪاٽي ٿو ڪريان.“ هن ڪاوڙمان چيو.
”جي، بابا سائين....!“ ماستر شمن ٻئي هٿ سيني تي رکي وراڻيو.
”مهرباني سائين! توهان جا لک ٿورا.“ زاهد وراڻيو.
رات ڏهين وڳي ٽي ايم او، سهڪندو چونڊيل نمائندي جي بنگلي تي پهتو، ته چونڊيل نمائندي جي خاص ماڻهوءَ کيس ساڻ ڪري، هڪ ڪمري ۾ وٺي آيو.
”خير ته آهي؟ صاحب ڪُمهلو گهرايو آهي؟“ ٽي ايم او ڪرسيءَ تي ويهندي چيو.
”ماٺ اٿئي يلي. صاحب توتي ڏاڍو ڪاوڙيل آهي.“
”ڇو خيرُ ته آهي؟“
”صبح شهرين جو وفد، تنهنجي شڪايت ڪٽي آيو هو.“
”پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟“ ٽي ايم او ڪانئس صلاح وٺڻ لاءِ چيو.
”صبر ۽ هيناهينءَ کان ڪم وٺجو. ڏٺي چڱائي ڪندو.“
”پنجاهه هزار مهيني ۾ تون ٻه ته پيتو وٺين ٿو. ڏکي مهل ۾ ڪجهه ته تون ٻه ڪلهو هٽاءِ نه....!“
”ها، ها.... ڇونه؟ تون دل نه لاهِه.“
ٽي ايم او، چونڊيل نمائندي جي ڪمري ۾ داخل ٿيو ته ڊوڙي ٻئي هٿ سندس پيرن تي وجي رکيائين. چونڊيل نمائندي سندس نوڙت کي نظرانداز ڪندي ڪاوڙمان چيو.
”تنهنجون شڪايتون وڏي ويون آهن. تون ڪم نٿو هلائي سگهين ته پوءِ ٽپڙ ٻڌ. ته مان ڪو ٻيو ٽي ايم او آڻيان.“
”سائين....! غلطيءَ جي معافي ملي. ٻيهر شڪايت نه ايندي.“
”تنهنجي پوسٽنگ مون ڪيڏي جهيڙي سان ڪرائي هئي. ان کان سواءِ تنهنجي بجيٽ ٻه وڏائي ٻيٽي

ڪرائي اٿم. ترقياتي ڪمن لاءِ ڏار فنڊ وٺي ڏنا اٿم. پوءِ به تنهنجي ڪارڪردگي ٻڙي آهي.“
”سائين، توهان جا احسان آهن.“
”اسان جي نرميءَ جو غلط فائدو پيو وٺين. تون وڃي سگهي ٿو.“

چونڊيل نمائندي جو پارو چڙهيل هو. هن چونڊيل نمائندي ۽ خاص ماڻهوءَ ڏانهن ڏٺو جيڪو هن مهل تائين خاموش هو. هن ڪيس ڪنڌ ۾ اشاري سان ڪجهه چيو ۽ ٽي ايم او ٻاهر نڪري ويو. ڪمري ۾ چونڊيل نمائندي ۽ سندس خاص ماڻهو رهجي ويا.

”بابا، هن غريب جي ٻار تي ايتري ڪاوڙ....؟“
”آهي ئي نڪمو نامراد....!“
”بابا....! هُو به آخر ڪيڏانهن وڃي؟“
”ڇو....؟“
”بابا، ڏسو نه....! هر مهيني پنجاهه هزار مون کي ڏئي، اوهان جي بنگلي جو سمورو خرچ پري، صحافين کي منٿليون ڏئي، پارٽيءَ جي مقامي اڳواڻن کان وٺي ڪارڪنن تائين سمورن کي ماهوار خرچ ڏئي. ان کان سواءِ سائين جن، سوئيپر طور پنهنجا سئو کن ماڻهو ڪچا ڀرتي ڪرايا آهن، انهن کي بنا ڊيوٽي پگهارون ڏئي. ان کان سواءِ ٻيون ننڍيون وڏيون بيگرون ڏار آهن. “
”هو پاڻ به ته پيٽ ڀري ان مان کائي ٿو.“
”بابا، ايترو ڪجهه ڪرڻ ڪانپوءِ هو به ته ڪجهه لهڻي ٿو نه.....؟“
”اڇو منهن وڃي ڪري، پر گهٽ ۾ گهٽ شڪايت ته نه اچي.“
”بابا....! اوهان به بادشاهه آهيو.“
”اڙي، ڇو.....؟ ڇا مطلب؟“
”بابا، ڏسو نه..... سنڌ جو ڪهڙو شهر آهي، جيڪو ڪير جو ڏوتل آهي. شڪايتون ته ٿينديون رهنديون آهن.“
”ها، پر پوءِ به......!“
”ٺيڪ آهي، بابا....! شڪايت جو ازالو ٿيندو.“

چونڊيل نمائندو ڪا ورندي ڏئي، دروازو کليو نوڪر چانهه ٽري ۾ کڻي ڪمري ۾ داخل ٿيو. ٽيبل تي ٽري رکي واپس هليو ويو. خاص ماڻهوءَ چانهه جي سرڪ ڀريندي چيو.

”بابا....!“
”هون....!“
”توهان جي ننڍڙي اسڪول لاءِ نئين گاڏي لاءِ ضد ڪيو پئي نه......؟“
”ها، دادلو پٽ آهي، انگل ته ضرور ڪندو نه....!“
”بابا، سمجهو ته ننڍي صاحب جي فرمائش پوري ٿي وئي.“

”اهو ڪيئن؟“

”بابا، ترن جو تيل ترن مان ئي نڪرندو نه.....!“

چونديل نمائندي جي چهري تي مُرڪ گهري ٿي وئي.

❊❊

# رايا

علي بابا، مون کي چيو هو”ڪهاڻي اها محبوبا آهي، جنهن جي جيتري به خدمت ڪبي، تڏهن به راضي نہ رهندي،“

اسان جو پيارو دوست ’وفا‘ صالح راڄپر تہ آهي ئي ڳوٺاڻو نج پج، ڳوٺاڻو سياءُ. سادو، سچو اهڙو جهڙو مکڻ. هن جي ڪهاڻي پڻ نج پج سچي سهڻي ڳوٺاڻي آهي. هو انتهائي ڏاهپ سان ڳوٺاڻي زندگي، وهنوار ۽ ڳوٺن جا سچ، ڪوڙ پوڳن ۽ پهاڪن سان پنهنجي ڪهاڻيءَ کي سينگاري ۽ سنواري پيو. اصل ۾ ڳوٺ ئي ٻوليءَ جا قلعا هوندا آهن، اهي ئي، هر هر ڏکي وقت ۾ ٻوليءَ جو بچاءُ ڪندا آهن. جنهن بہ ٻوليءَ کي ڳوٺ آهن اها، ضرور بچندي ۽ ترقي ڪندي.

وفا صالح راڄپر جون ڪهاڻيون ڳوٺاڻي سماج تي لکيل يقيني طور سنڌي ادب ۾ اهم جڳهہ والاريندڍيون ۽ جنهن تي فخر بہ ڪري سگهبو.

## اخلاق انصاري

**

اسان وٽ ساڄاهہ هجي تہ سنڌ سوئيزرلينڊ کان گهٽ ناهي ۽ سنڌي ڪهاڻيڪار پرڏيهي ڪهاڻيڪارن کان گهٽ ڪونہ آهن. اسان ساڳ جي عينڪ لاهي رکو انهن کي پڙهون تہ جمال ابڙو، نسيم کرل ۽ ايشور چندر، غلام نبي مغل ۽ امر جليل کان وٺي محمد صديق منگيي تائين هڪ وڏي ڪيپ آهي جن زندگيءَ کي اهڙي نموني (Portray) ڪيو آهي جو چيخوف ۽ ڪافڪا بہ نہ پڄن، جو انهن اسانجي جيون جي اهڙي تہ تصوير ڪڍي آهي جو چا ڳالهہ ڪجي؟!

وفا صالح راڄپر سنڌي ٻوليءَ جو برجستو ڪهاڻيڪار آهي. هن وٽ ڪهاڻي لکڻ جو فن آهي، هن جي ڪهاڻين ۾ ٻولي، منظرنگاري ۽ پڄاڻي (Climax) جي حوالي سان، ڪنهن سنتي مُوسيقار جي سهيڙيل سازن سان ان گيت وانگر آهي جنهن ۾ ڪو ساز واڌو وَڄايل ناهي هوندو ۽ نہ ئي ڪو جهولُ هوندو آهي.

## آدرش

**

پنهنجي ڳوٺ جي نانءَ ڪان وٺي، پنهنجي ڪهاڻين جي عنوان تائين درد جي وسيع ڪائنات رکندڙ 'وفا' صالح راڄپر سنڌي ڪهاڻيءَ جو خوبصورت نالو جنهن جي سِٽن، جملن ۽ لفظن ۾ نئين جوڀن جي اُرهه جهڙي خوشبوءِ آهي، جنهن وٽ ڪهاڻيءَ جا رنگ، جوانيءَجي رنگ جهڙا مهڪندڙ آهن. هن جي ڪهاڻين جي گرفت ايتري مضبوط آهي جو هڪ ڪهاڻي پڙهڻ ڪانپوءِ ٻي ڪهاڻي پڙهڻ تي دل ڇڪجي ويندي آهي ۽ اها هڪ سگهاري ۽ ڪامياب ڪهاڻيڪار جي سڃاڻپ آهي.

**علي آزاد**

❊❊